ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) سومر 29 ڊسمبر 2025ع 08 رجب المرجب 1447ھ صفحا 6 - ملھہ 30 وپيہ شمارو (136)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

پاڪستان سميت 21 مسلمان ملڪن اسرائيل طرفان صوماليلينڊ کي تسليم ڪرڻ واري قدم کي رد ڪري ڇڏيو

اردن، مصر، الجزائر، قطر، ڪويت، نائيجيريا ۽ فلسطين سميت ٻين ملڪن جي پرڏيهي وزيرن اسرائيل جي انهي فيصلي تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو

سمورن اسلامي ملڪن صوماليلينڊ کي مڃڻ واري اسرائيلي قدم کي رد ڪندي انهي کي عالمي قانون جي ڪليل ڀڃڪڙي قرار ڏنو

ڪنهن ملڪ جي حصي کي ڌار رياست جي طور تي مڃڻ گڏيل قومن جي چارٽر ۽ عالمي اصولن جي سنگين ڀڃڪڙي ۽ اهي قدم، اسرائيل جي توسيع پسندانہ ارادن جي عڪاسي آهن

صوماليہ جي ورهاست جي ڪنهن بہ ڪوشش کي عالمي امن جي لاءِ هڪ خطرناڪ آهي، فلسطينين جي جبري بيدخلي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪئي ويندي

سمورا مسلمان ملڪ صوماليہ جي علاقائي سالميت جي تحفظ ۽ عالمي قانون جي بالادستي لاءِ متحد آهن: اسلام آباد ۾ مشاورت ڪان پوءِ جاري ٿيل پڌرائي ۾ اظهار

اسلام آباد(م ڊ)پاڪستان سعودي عرب، ايران ۽ ترڪيہ سميت 21 ڪان وڌيڪ مسلمان ملڪن ۽ اسلامي تعاون تنظيم اسرائيل طرفان صوماليہ جي علائقي صوماليلينڊ کي مڃڻ واري اسرائيلي قدم کي رد ڪندي انهي کي عالمي قانون جي ڪليل ڀڃڪڙي قرار ڏئي ڇڏيو آهي

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ليبيا جي آرمي چيف کي لاڏاڻي ڪانپوءِ فيلڊ مارشل جي اعزاز سان نوازيو ويو

طرابلس(م ڊ)ليبيا ۾ سوڳ جي ڏينهن ڪانپوءِ آرمي چيف جنرل محمد علي احمد الحداد ۽ 4 ٻين اعليٰ فوجي آفيسرن کي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف آزاد ڪشمير ۾ ڪينسر جي علاج جي اسپتال جو افتتاح ڪري ڇڏيو

ڏکويل انسانيت جي خدمت کان وڌيڪ ڪو بہ ڪم ناهي، مريضن جي علاج لاءِ 24 ڪلاڪ سهولتن کي يقيني بڻايو رهي

پهرين آزاد ڪشمير جي مريضن کي سوين ميلن جو سفر ڪري ڏورانهن شهرن ڏانهن وڃڻو پوندو هو جيڪو مشڪل ۽ مهانگو هو

مظفرآباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف آزاد ڪشمير ۾ ڪينسر جي سڃاڻپ ۽ علاج لاءِ اسپتال جو قيام کي سراهيندي چيو آهي تہ ڏکويل انسانيت جي خدمت کان وڌيڪ ڪو بہ ڪم ناهي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

مظفر آباد: وزيراعظم شهباز شريف ڪينسر جي علاج واري اسپتال جو افتتاح ڪري رهيو آهي

ڪابل ۾ ڌماڪو، طالبان انٽيليجنس چيف جو اسسٽنٽ مارجي ويو

ڪابل(م ڊ)ڪابل ۾ هڪ ڌماڪي ۾ افغان طالبان جي انٽيليجنس ايجنسي جي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

قلات ۾ سيڪيورٽي فورسز جو انٽيليجنس تي ٻڌل آپريشن، فتنہ الهندوستان جا 4 دهشتگرد مارجي ويا

ڪوئيٽا(م ڊ)بلوچستان جي علائقي قلات ۾ سيڪيورٽي فورسز انٽيليجنس تي ٻڌل

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين لاڙڪاڻي جي شيخ زيد اسپتال ۾ ٻارن جي لاءِ انتهائي نگهداشت يونٽس جو افتتاح ڪيو

ڀارت ۽ افغانستان مان ملڪ اندر دهشتگردي ۾ اضافو ٿئي پيو، سياسي جماعتن کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: بلاول ڀٽو

جيڪڏهن انتهاپسندي جي سياست ڪئي ويندي ان جي جواب ۾ جيڪا سختي هوندي تہ پوءِ ڪا شڪايت نہ ٿيڻ گهرجي، پي ٽي آءِ انتهاپسندي ڇڏي سياسي ڪردار ادا ڪري

پاڪستان پيپلز پارٽي جو فلسفو، پڻتي پيل علائقن کي عالمي دنيا جيان سهولتون فراهم ڪرڻ آهي، هن وقت پاڪستان ۾ عوام لاءِ تمام گهڻيون معاشي مشڪلاتون آهن

سنڌ حڪومت اهو ڪم پئي ڪري جنهن جو مقابلو وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومتون هن ميدان ۾ نہ ٿيون ڪري سگهن، اسان عوام جون مشڪلاتون ختم ڪرڻ چاهيون ٿا

علم ماڻهو ڪاٿي پيٽ ۽ گهر هلائڻ، ٻارن کي تعليم ڏيڻ ۽ علاج جا خرچ قوت کان ٻاهر ٿي رهيا آهن، پيپلز پارٽي جي ڪوشش رهي آهي تہ عوام کي اهي مفت سهولتون فراهم ڪجن

سنڌ اينگرو ڪول مائنگ ڪمپني، ڪراچي ٿئو بيڊول ڪيريج وي سميت ٻيا منصوبا جيڪي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جا منصوبا آهن اهي بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري رهيا آهن

هن وقت ملڪي سلامتي جو سوال آهي، ان جو ڏکيو حل هڪ جماعت جي ڏکيي انتگ نہ پر اصل سياسي استحڪام آهي ان لاءِ سياسي اڳواڻن کي سوچڻ گهرجي تہ هو ڪهڙا اپاءَ وٺن ٿا

لاڙڪاڻو (رپورٽ: منير سومرو) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شيخ زيد اسپتال ۾ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ اينڊ نيونيٽولاجي تحت ٻارن جي لاءِ انتهائي نگهداشت يونٽس جو افتتاح ڪيو جنهن کي صحت کاتي جي صوبائي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ڪيس بريفنگ ڏني ان موقعي تي سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ پيپلز پارٽي سنڌ جو صدر

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ، وڏي وزير مراد علي شاهہ ۽ نثار کهڙو سان گڏجي ميڊيا سان ڳالهائيندي

سعودي ۾ اقامہ ۽ ليبر قانون جي ڀڃڪڙين تي 13 هزار 241 پناهگير بيدخل

هڪ هفتي دوران سرحدي قانونن جون وڌيڪ 18 هزار 877 ڀڃڪڙيون رڪارڊ ڪيون ويون

رياض (م ڊ) سعودي عرب ۾ هڪ هفتي دوران اقامہ، ليبر ۽ سرحدي قانونن جون وڌيڪ 18 هزار 877 ڀڃڪڙيون رڪارڊ

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

اسٽيل مل، ريلوي ۽ قومي ايئر لائن تباهہ آهن، نجڪاري سڀني مسئلن جو حل آهي: ايمل ولي

نجڪاري سڀني مسئلن جو حل آهي، حڪومت کي ڪاروبار نہ پر حڪمراني ڪرڻ گهرجي

اسٽيل ملز، ريلوي ۽ پي آءِ اي تباهہ ٿي چڪي آهي، نجڪاري مان ملڪ کي وڌيڪ ٽيڪس ملندا

عوامي نيشنل پارٽي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر اها ناڪام ٿي وئي

پشاور(م ڊ)عوامي نيشنل پارٽي جي سربراهہ ايمل ولي خان چيو آهي تہ نجڪاري سڀني مسئلن جو حل آهي حڪومت کي ڪاروبار نہ پر حڪمراني ڪرڻ گهرجي، پشاور ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي ايمل ولي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڀارت سان سڀ ڪجهہ برابري جي سطح تي ٿيندو، هٿ نٿا ملائڻ چاهيو تہ اسان کي بہ شوق ناهي: محسن نقوي

ملتان سلطانز کي هن سال پي سي بي پاڻ آپريٽ ڪندي پي ايس ايل ڪانپوءِ ملتان سلطانز جي نيلامي ڪنداسين

ڀارتي اندر 19 ٽيم جي رويي تي آءِ سي سي سان ڳالهائينداسين، ان معاملي تي آءِ سي سي کي لکي رهيا آهيون

پي ايس ايل جي ٻن نين ٽيمن لاءِ 10 پارٽين ڪواليفاءِ ڪيو آهي، بڊنگ 8 جنوري تي اسلام آباد ۾ ٿيندي

لاهور(م ڊ)پي سي بي جي چيئرمين محسن نقوي چيو آهي تہ ڀارت سان جيڪو بہ ٿيندو اهو برابري جي سطح تي ٿيندو هينئر شيڪ نٿا ڪرڻ چاهيو تہ اسان کي بہ شوق

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

پاڪ ڀارت ڇڪتاڻ پاڪستان جي دفاعي صلاحيت ۽ ساک کي مضبوط ڪيو: عالمي رسالي جو اعتراف

پاڪستان اثرائتي سفارتڪاري وسيلي واشنگٽن جو اعتماد ٻيهر بحال ڪري لاڳاپن کي نئون رخ ڏنو

آمريڪا ڏکڻ ايشيا، اتر ۽ وچ ايشيا تائين پهچ لاءِ پاڪستان کي اهم پل قرار ڏنو ويو آهي

پاڪستان سفارتي محاذ تي نفسياتي سرسي حاصل ڪئي، ڀارت پوئتي رهجي ويو آهي: رپورٽ

اسلام آباد (م ڊ) عالمي رسالي ڪيرولائنا پوليٽيڪل ريويو ۾ چيو ويو آهي تہ 2025ع ۾ پاڪستان عالمي سياست ۾ ٻيهر اهم مقام ماڻي ورتو مهيني ۾ پاڪ–ڀارت ڇڪتاڻ پاڪستان جي دفاعي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

عمران فاروق کي الطاف حسين قتل ڪرايو، ايم ڪيو ايم جو باني "را" کان فنڊنگ وٺندو آهي: مصطفيٰ ڪمال

متحده باني نشي ۾ ڌت ٿي اهڙو حڪم ڏنو، الطاف جي سالگره تي

ايم ڪيو ايم باني هڪ ڊرامي باز ماڻهو آهي، هو لاشن تي اٿئم سائگ ڪندو آهي ۽ پاڻ کي راجا سمجهي ٿو

هن سڄي نسل کي تباهہ ڪري ڇڏيو، گذريل 40 ورهين ۾ هو ڪيترن ئي ماڻهن جون جانيون ڳڙڪائي چڪو آهي

مهاجر قوم وڏي بدقسمت آهي، اسان کي ڪهڙو ڏوهاري اڳواڻ مليو آهي: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم اڳواڻ ۽ وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال انڪشاف ڪيو آهي تہ ڊاڪٽر عمران فاروق کي ايم ڪيو ايم باني ئي قتل ڪرايو، متحده باني نشي ۾ ڌت ٿي عمران فاروق کي مارڻ جو حڪم ڏنو ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ايم ڪيو ايم اڳواڻ ۽ وفاقي وزير مصطفيٰ ڪمال ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

شڪارپور مهر ۽ جتوئي تڪرار ۾ ٿاپر نہ آئي، هٿياربندن جي فائرنگ ۾ گهوٽ معصوم ڀاءُ ۽ ڊرائيور قتل

قومي شاهراهہ سي اين جي پمپ اسٽيشن پرسان موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن چاچين جي ڪار مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا

فائرنگ ۾ ڊرائيور رمضان مهر ڏاڍي تي مارجي ويو 36 ورهين جو گهوٽ الطاف، 6 ورهين جو ڀاءُ محمد حسن ۽ ماءُ زال غلام قادر مهر سخت زخمي ٿي پيا

لاش ۽ زخمين کي سول اسپتال آندو ويو جتي نينگر بہ فوت ٿي ويو ، گهوٽ الطاف مهر کي سکر اسپتال نيو پي ويو تہ رستي ۾ ئي دم ڌڻي حوالي ڪيو

لکي غلام شاهہ /شڪارپور (نمائندن وٽان) شڪارپور مهر ۽ جتوئي قبيلي جي وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار ۾ ٿاپر نہ اچي ،رت جي راند هلندڙ موٽر سائيڪلن تي سوار هٿيار بندن جي ڇڄ مٿان فائرنگ ، گهوٽ پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ ۽ ڊرائيور سميت ٻي دردي سان قتل ، گهوٽ جي ماءُ زخمي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪنهن سان بہ ذاتي دشمني نہ هئي پٽن کي بي گناهہ قتل ڪيو ويو آهي، انصاف ڪيو وڃي: غلام قادر

شڪارپور: اسان جي ڪنهن سان بہ ذاتي دشمني نہ هئي منهنجي پٽن کي بي گناهہ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

شڪار پور: هٿياربندن جي فائرنگ ۾ قتل ٿيل گهوٽ ۽ سندس ڀاءُ جا لاش، گهوٽ جي حياتي جي تصوير ۽ وارث داتهون ڪندي

خوني تڪرار تان گذريل 18 مهينن ۾ ٻنهي ڌرين جا 52 ڄڻا مارجي چڪا

24 ماڻهو پنوعاقل، سکر ۽ 28 ماڻهو شڪارپور ۾ قتل ٿيا

فيصلو رکيو ويو پر ياسين جنگو مهر جي قتل سبب ڪينسل ٿيو

شڪارپور: مهر - جتوئي خوني تڪرار ۾ سکر ۽ شڪارپور ضلعن ۾ گذريل 18 مهينن ۾ ٻنهي ڌرين جا مجموعي طور

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

واقعي خلاف وارثن جيڪب آباد شڪارپور قومي شاهراهہ تي ڌرڻو هنيو

مظاهرين قاتلن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو تہ پوليس خاطري بعد ڌرڻو ختم ڪرايو

شڪارپور:افسوس ناڪ واقعي تي وارثن طرفان جيڪب آباد ، شڪارپور جي قومي شاهراهہ تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ، قاتلن جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

مقتول الطاف جي والد غلام قادر کي ٻنهي پٽن جا لاش ڏسي بيهوشي جا دورا

شڪارپور: سول اسپتال شڪارپور جي مرده

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ايس ايس پي واقعي جو نوٽيس وٺندي پوليس کي جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي هدايت

شڪارپور: ايس ايس پي شاهزيب چاچڙ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

واقعو مهر-جتوئي برادرين ۾ هلندڙ تڪرار سبب پيش آيو آهي: ايس ايس پي

افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي، جوابدارن خلاف پوليس ڪارروائي هلندڙ آهي

جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو وڌيڪ جانچ ڪري رهيا آهيون

شڪارپور: خوڏانهن واقعي بعد ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ ٻڌايو تہ واقعو مهر - جتوئي برادرين هلندڙ تڪرار سبب

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وڏو وزير مراد علي شاهہ ۽ ٻيا شيخ زيد اسپتال ۾ ٻارن جي لاءِ انتهائي نگهداشت يونٽس جو افتتاح ڪري رهيا آهن

جاپان ۾ خوفناڪ حادثو، 57 گاڏيون ٽڪرائجي ويون، ٻہ ڄڻا فوت، ڪيترائي زخمي

برفباري سبب ٻہ ٽرڪن ۾ حادثي ڪانپوءِ ٻيون گاڏيون بہ هڪٻئي سان ٽڪرائجي ويون

فوتين جا لاش ۽ زخمين کي مختلف اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو، امدادي ڪمن ۾ ڏکيائيون

ٽوڪيو(م ڊ) جاپان ۾ هڪ خوفناڪ حادثو پيش آيو جنهن ۾ 57 گاڏيون پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويون ۽ ٻہ ڄڻا فوت، جڏهن تہ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سائنسدانن جي وڏي ڪاميابي، ڪينسر جي علاج جو نئون جديد طريقو دريافت

آسٽريليا جي شهر ميلبورن جي آر ايم آءِ ٽي يونيورسٽي جي محققن نئون علاج ڳولي ورتو

جديد ٽيڪنالاجي ذريعي رڳو ڪينسر متاثر خلين جو علاج ٿيندو، صحتمند ٽشوز محفوظ رهندا

اسلام آباد (م ڊ) محققن ڪينسر جي علاج لاءِ هڪ نئون ۽ جديد طريقي ڪار تيار ڪري ورتو جنهن ۾ جديد ٽيڪنالاجي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

تحريڪ انصاف جي سوشل ميڊيا تي مقبوليت جي دعويٰ دوکو آهي: بيرسٽر عقيل ملڪ

پي ٽي آءِ سياسي ميدان ۾ پنهنجون ناڪاميون لڪائڻ لاءِ سوشل ميڊيا جو سهارو وٺندي آهي

اسلام آباد (م ڊ) قانون ۽ انصاف واري مملڪتي وزير بيرسٽر عقيل ملڪ چيو آهي تہ پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا تي ڪوڙا فالوئر

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ مصر پاران علائقائي امن، استحڪام ۽ ترقي لاءِ گڏيل عزم جو ورجاءُ

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ مصر جي پرڏيهي وزير بدر احمد

علائقائي ۽ عالمي معاملن خاص ڪري صوماليہ ۽ يمن جي صورتحال تي ڳالهيون ٻولهيون

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار مصر جي پرڏيهي وزير بدر احمد محمد عبدالعاطي سان ٽيليفون تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي. اڄ ڏينهن پرڏيهي وزارت مان جاري

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

نئين سال جي موقعي تي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وڏي لاٿ جو امڪان

عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽرول جي في بيرل قيمت 69 ڊالر 73 سينٽ تي اچي وئي

عالمي منڊي ۾ پيٽرول جي في بيرل قيمت ۾ 5 ڊالر 32 سينٽ جي گهٽتائي ٿي

پيٽرول جي في ليٽر ايڪس ريفائنري قيمت 145 روپيہ 66 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي

پاڪستان ۾ پيٽروليم شين جي عالمي قيمتن کي آڌر رکندي قيمتن ۾ وڏي لاٿ جو امڪان

اسلام آباد(م ڊ) عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ وڏي لاٿ کان پوءِ نئين سال جي موقعي تي پاڪستان ۾

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ پوليس آفيسن سان گڏ ڊجيٽل ڪال سينٽر جو افتتاح ڪري رهيو آهي

مهربانو پنهنجي شادي ختم ٿيڻ جي تصديق ڪري ڇڏي

ڪراچي(م ڊ)پاڪستاني اداڪارا مهربانو نيٺ پنهنجي ازدواجي زندگي بابت گردش

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڀارت ۾ پالتو ڪتو بيمار ٿيڻ سبب ٻن ڀينرن آپگهات ڪري ڇڏيو

نئين دهلي(م ڊ)ڀارت ۾ پالتو ڪتو بيمار ٿيڻ سبب ٻن ڀينرن آپگهات ڪري ڇڏيو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

افغان گهرو وزير پاڪستان سان مفاهمت جو اشارو ڏئي ڇڏيو

اسان جو ملڪ ڪنهن بہ رياست جي لاءِ خطرو ناهي: سراج الدين حقاني

اسان جي حڪومت دوحہ معاهدي تحت ڪيل واعدن جي پابندي جاري رکندي پئي اچي

افغانستان جي زمين ڪنهن بہ ملڪ خلاف استعمال ٿيڻ جي اجازت نہ پئي ڏني وڃي

موجوده مسئلن جي حل لاءِ ڳالهين جا دروازا بند ناهن ڪيا ويا

ڪابل(م ڊ)پاڪستان لاءِ مفاهمتي پيغام جي طور تي طالبان عبوري حڪومت جي گهرو وزير سراج الدين حقاني چيو آهي تہ اسان جو ملڪ ڪنهن بہ رياست جي لاءِ خطرو نہ آهي اسان غلط فهمين جي آزالي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پهرين جنوري کان اسلام آباد ۾ بنا ايم ٽيگ جي گاڏيون داخل نہ ٿي سگهنديون

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گاڏي واري شهر اسلام آباد ۾ پهرين جنوري کان بنا ايم

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (م ڊ) واپڊا ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: شيخ اياز جي ورسي تقريب ۾ صوبائي وزير سردار شاهہ، جامي چانڊيو ڊاڪٽر اسحاق سميجو خطاب ڪري رهيا آهن

پير مظهر الحق پاران ڳڙهي خدا بخش پهچي ڀٽو شهيدن جي مزار تي حاضري

پير مظهر الحق قافلي سان گڏ بنگل ديرو کان پيادل شهيدن جي مزار تي پهتو

پير مظهر الحق محترمہ بينظير ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀري فاتح خواني ڪئي

دادو(م ڊ)پير مظهر الحق اڳوڻي سينيئر وزير تعليم ۽ خواندگي پي پي پي ۽ ميمبر سي اي سي بنگل ديرو کان ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ محترمہ بينظير ڀٽو شهيد جي مزار دائين پي پي پي ڪارڪنن جي وڏي انگ

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

شيخ اياز جي اڄا تائين دنيا ۾ رسائي نہ ٿي سگهي آهي جنهن جا اسان سڀ قصوروار آهيون: سيد سردار شاهہ

موسيقي ۾ خال سبب اڄڪلهہ رڳو اگرين تي ڳئڻ جيترا فنڪار نظر اچن ٿا، ٻولي کي ڊجيٽل ايج ۾ ڪٽي اچڻو آهي

شيخ اياز جي خواهش هئي تہ هو دنيا تائين پهچي پر اسان ڪيس دنيا تائين پهچائڻ بدران رڳو روايتي انداز ۾ ڪيس ياد ڪريون ٿا

ڌرتي ۽ قوم جو مطلب عوامي ڊجڻ آهي، اياز جي شاعري جو دڦرڻ اهو آهي جو ان جي اندر ۾ ڌرتي ۽ ان جا ماڻهو سمايل آهن: جامي چانڊيو

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) آرٽ ڪائونسل آف حيدرآباد پاران سنڌ جي ناميياري شاعر شيخ اياز جي 28هين ورسي ملهائي وئي شيخ اياز جي ورسي جي موقعي تي سنڌي لئنگويج

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڀارت جي آبي جارحيت، چناب تي تڪراري ٻن بجلي منصوبي جي منظوري ڏئي ڇڏي

ڀارت والاريل، جمون ڪشمير ۾ چناب درياءَ تي دلهستي اسٽيج ٽو ٻن بجلي منصوبي جي منظوري ڏني

هلندڙ سال اپريل ۾ پهلگام ۾ ٿيل حملن کان پوءِ انڊيا پاڪستان سان ڏاڍائي ڪان ڀرائتي سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪيو

ماهرين جي ڪميٽي هلندڙ مهيني جي شروعات ۾ منعقد پنهنجي 45هين اجلاس جي دوران انهي منصوبي جي منظوري ڏني

نئين دهلي(م ڊ)ڀارت سنڌ طاس معاهدي جي ڪليل ڀڃڪڙي ڪندي والاريل، جمون

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

سي پي اين اي پاران ڪراچي پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪون

فاضل جميلي جو صدر ٿيڻ جمهوري قدرن تي اعتماد جي اظهار جو ثبوت آهي: ڪاظم خان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) ڪراچي پريس ڪلب جي تازين چونڊن

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي نمائندي عاصم افتخار احمد جو رفيع الدين احمد ۽ ڊاڪٽر شمشاد اختر جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

نيويارڪ (اي پي پي) گڏيل قومن ۾

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

دادو: اڳوڻو سينيئر صوبائي وزير پير مظهرالحق ڳڙهي خدابخش ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي مزار تي دعا گهري رهيو آهي

پ پ چيئرمين پاران ڪراچي پريس ڪلب جي چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ اڳواڻن کي مبارڪباد پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي پريس ڪلب جي چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

بنگلاديش پوليس جو عثمان هادي جا قاتل ڀارت فرار ٿيڻ جو انڪشاف

عثمان هادي جي مبينا قاتل ڀارت فرار ٿي ويا آهن: بنگلاديش پوليس

ڀارتي پوليس 2 جوابدار گرفتار ڪري ورتا آهن

ڍاڪا(م ڊ)بنگلاديش پوليس انڪشاف ڪيو آهي تہ شاگرد اڳواڻ شريف عثمان هادي جي مبينا قاتل ڀارت فرار ٿي ويا آهن ۽ ڀارتي پوليس بہ جوابدار گرفتار ڪيا آهن ڍاڪا جي سينيئر پوليس آفيسر نذرالاسلام

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار واقعي جو سخت نوٽيس ورتو ۽ ايس ايس پي کان رپورٽ طلب

ڪراچي ۾ افسوسناڪ واقعو، گهر اندران عورت ۽ ٽن ٻارڙن جا ڦاهو لڳل لاش هٿ آيا

سهراب ڳوٺ ميچر ڪالوني ۾ هڪ گهر مان چار ماڻهن جا لاش هٿ اچڻ جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو

فوتين ۾ 3 سالن جي فاطمہ زال نجيب الله، 10 سالن جي سونم، ٽن سالن جي آرزو ۽ ٻن سالن جو ارمان شامل

عورت جو مڙس نجيب الله سبزي منڊي ۾ ڪم ڪري ٿو، هن هڪ افغاني عورت سان ٻئي شادي ڪئي هئي

فوتين جا لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل پوليس عورت جي مڙس کي جاچ ۾ شامل ڪري ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سهراب ڳوٺ جي حد سهراب ڳوٺ جي علائقي ميچر ڪالوني ۾ ڳنا منڊي ويجهو هڪ گهر مان چار ماڻهن جا لاش هٿ اچڻ جو افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي پوليس موجب فوت ٿيندڙن ۾ هڪ عورت ۽ سندس ٽي ٻار شامل آهن جڏهن تہ چار

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

لاهور ۾ نئين سال تي سخت سيڪيورٽي پلان تيار، ڀڃڪڙي تي سزا جو اعلان

نئين سال بابت پنجاب پوليس امن امان يقيني بڻائڻ لاءِ سيڪيورٽي پلان مڪمل ڪيو ويو

آءِ جي پنجاب نئين سال تي سموري صوبي جي سيڪيورٽي وڌائڻ جي هدايت ڪئي

نئين سال جي موقعي تي 25 هزار پوليس آفيسر ۽ اهلڪار سيڪيورٽي ڊيوٽي انجام ڏيندا

لاهور(م ڊ) نئين سال جي لاءِ سخت سيڪيورٽي پلان تيار ڪيو ويو، ڀڃڪڙي ڪندڙن کي سخت کان سخت سزا ڏني

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪرڪ ۾ پوليس جي ڪارروائي، 8 دهشتگرد مارجي ويا

ڪرڪ ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي 8 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو: ريجنل پوليس آفيسر عباس مجيد مروت

خرم ٿاڻي جي حدن ڪرڪنڊون ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي پوليس وڏي ڪارروائي ڪئي

آپريشن ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا، ڪارروائي ۾ هڪ پوليس اهلڪار معمولي زخمي ٿيو

پشاور(م ڊ)خيبر پختونخواهہ جي ضلعي ڪرڪ ۾ پوليس ڪارروائي ڪندي 8 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو ريجنل پوليس آفيسر ڪوهاٽ عباس مجيد مروت موجب ڪرڪ جي سرحدي جابلو سلسلي خرم ٿاڻي جي حدن ڪرڪنڊون ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي پوليس وڏي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

لاهور: پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير ميان منظور وٽو جي مغفرت لاءِ دعا گهري پئي وڃي

ڪجهہ سيڪنڊن ۾ 700 ڪلوميٽر جي رفتار، تيز ترين ٽرين جو نئون عالمي رڪارڊ قائم

بيجنگ(م ڊ)چين ۾ ٻن سيڪنڊن ۾ ٽرين 700 ڪلوميٽر جي رفتار حاصل ڪري ورتي، جنهن ڪان پوءِ تيز ترين ٽرين جو نئون عالمي رڪارڊ قائم ٿي ويو آهي دنيا جي تيز ترين ميگنيٽڪ ليويٽيشن(ميگ

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

نوري آباد ۾ پوليس پاران مبينا طور ڳوٺاڻي کي ڪنهي گم ڪرڻ خلاف موٽروي تي ڌرڻو

ڳوٺ منڪو پالاري واسي ڪنهي نوجوان غمشاد پالاري جي وارثن ۽ برادري جي سوين ماڻهن احتجاج ڪيو

مظاهرين ايم 9 موٽروي جي ٻنهي پاسن کان ٽائرن کي باهيون ڏئي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، نعريبازي

احتجاج سبب ٻنهي پاسن کان گاڏين جو قطارون لڳي ويون، پوليس مظاهرين ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو

نوري آباد(ن ع)نوري آباد ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ منڪو پالاري جي رهواسي نوجوان غمشاد پالاري کي پوليس پاران مبينا طور ڪنهي گم ڪرڻ خلاف وارثن ۽ پالاري برادري جي سوين ماڻهن ايم 9 موٽروي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: گادي واري شهر ۾ شروع ٿيل ڊبل ڊيڪر بس روڊ تان گذري رهي آهي

بنگلاديش ۽ ڀارت وچ ۾ سفارتي لاڳاپا چڪتاڻ سبب معطل

سمورين قونصلر ۽ ويزا خدمتون ايندڙ حڪمن تائين معطل ڪيون ويون

اٿر حالتن سبب اهي خدمتون عارضي طور تي بند ڪيون پيون وڃن: بنگلاديش

ڍاڪا (اي پي پي) ڀارت ۽ بنگلاديش وچ ۾ وڌندڙ چڪتاڻ دوران بنگلاديش، نئين دهلي ۽ تريپوره ۾ بنگلاديشي هائي ڪميشن، قونصلر ۽ ويزا خدمتن کي معطل ڪري ڇڏيو آهي. ڪشمير ميڊيا سروس مطابق ڀارت جي گادي واري شهر نئين دهلي ۾ قائم بنگلاديش هائي ڪميشن، سيڪيورٽي خدشن کي نظر ۾ رکندي سمورين قونصلر ۽ ويزا خدمتون ايندڙ حڪمن تائين معطل ڪري ڇڏيون آهن. هائي ڪميشن طرفان سيناٽيس بورڊ تي جاري پڌرائي ۾ چيو ويو آهي تہ اٿر حالتن سبب اهي خدمتون عارضي طور تي بند ڪيون پيون وڃن. بنگلاديشي ميڊيا مطابق اهي قدم نئين دهلي ۾ بنگلاديشي مشن جي ٻاهران ڀارتي مظاهرين جي شديد احتجاج ۽ بنگلاديشي پرڏيهي صلاحڪار توحيد حسين مطابق مظاهرين طرفان هائي ڪميشنر رياض حميد الله کي مارڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ جي ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ڪيو ويو آهي. ڀارتي رياست تريپوره ۾ بہ بنگلاديش جي اسسٽنٽ هائي ڪميشن، مشن جي ٻاهران انتهاپسند هندوپرستن جي شديد مظاهرن ڪانپوءِ ويزا سروس معطل ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي.

موبائل اسپيڪٽرم جي نيلامي جي منظوري

ڊجيٽل پاڪستان جي سفر ۾ تيزي آڻي رهيا آهيون: ناڻي وزير

ڊجيٽل پاڪستان پروگرام کي اڳتي وڌائڻ لاءِ قدمن جو سلسلو جاري آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي تہ ڪابينا جي اقتصادي رابطا ڪميٽي (اي سي سي) موبائل اسپيڪٽرم جي نيلامي جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. گذريل ڏينهن آءِ ٽي واري وفاقي وزير شزہ فاطمہ خواجہ سان گڏ پريس ڪانفرنس ۾ هن ٻڌايو تہ ڊجيٽل پاڪستان پروگرام کي اڳتي وڌائڻ لاءِ قدمن جو سلسلو جاري آهي ۽ حڪومت ان سفر ۾ تيزي آڻي رهي آهي. مالياتي ڊجيٽل شموليت ۾ موبائل اسپيڪٽرم جو تمام وڏو ڪردار آهي جن اسپيڪٽرم جي نيلامي ناهي ٿي هڪ لحاظ کان اهو اسان لاءِ مالي نقصان ٿي آهي. هن چيو تہ ڪابينا جي اقتصادي رابطا ڪميٽي جي اجلاس ۾ موبائل اسپيڪٽرم جي نيلامي جي منظوري ڏني وئي. هن چيو تہ اسپيڪٽرم ايڊوائزري ڪميٽي نيشنل اڪنامڪ ريسرچ ايسوسي ايٽس (نيرا) جي نالي سان ڪنسلٽنٽ جون خدمتون حاصل ڪيون هيون نيرا پي ٽي اي ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي نگراني ۽ تفصيلي طور پائيوارن سان رابطي ۽ ماضي ۾ موبائل اسپيڪٽرم جي ملڪي علائقائي ۽ عالمي طور تي ٿيل نيلامين جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ سمورن عالمي معيارن کي اختيار ڪيو ان ئي بنياد تي اسان کي موبائل اسپيڪٽرم جي قيمت، ادائيگي جي شرطن نيلامي جي ڊيزائن جي حوالي سان سفارشون ڏنيون ويون اسان انهن سفارشن تي غور ڪيو ۽ سڀ کان پهريان پاڪستان جي نقطہ نظر سان اڳتي ڪئي وياسين اي سي سي انهن سفارشن جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي.

سڄي ملڪ ۾ 2025ع جي آخري قومي پوليو مهم ڪاميابيءَ سان مڪمل

ملڪ ۾ 4 ڪروڙ 46 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريا ويا

اسلام آباد (اي پي پي) سڄي ملڪ ۾ 2025ع جي آخري قومي پوليو مهم ڪاميابيءَ سان مڪمل ٿي وئي آهي. ان مهم دوران سڄي ملڪ ۾ 4 ڪروڙ 46 لک کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريا ويا. مهم سمورن صوبن ۽ علائقن ۾ ڀرپور ڪوريج حاصل ڪئي. پنجاب ۾ اٽڪل 2 ڪروڙ 29 لک، سنڌ ۾ هڪ ڪروڙ 6 لک، ڪي پي ڪي ۾ 71 لک 57 هزار کان وڌيڪ ۽ بلوچستان ۾ 25 لک 83 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريا ويا. اسلام آباد ۾ 4 لک 50 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريا ويا، جڏهن تہ گلگت بلتستان ۾ 2 لک 74 هزار کان وڌيڪ ۽ آزاد جمون ڪشمير ۾ 7 لک 14 هزار کان وڌيڪ ٻارن کي ويڪسين ڏني وئي. مهم جو افتتاح صحت واري وفاقي وزير سيد مصطفيٰ ڪمال، صحت واري وفاقي سيڪريٽري ۽ نيشنل ڪوآرڊينيٽر محمد انوار الحق سان گڏ نيشنل پوليو بابت ايمرجنسي آپريشن سينٽر ۾ عالمي حصيدار تنظيمن جي نمائندن ۽ پاڪستان پوليو پروگرام جي سينيئر عملدارن جي موجودگيءَ ۾ ڪيو ويو هو مهم دوران قومي ۽ صوبائي قيادت ويڪسينيشن جي ڪوريج مهم جي معيار ۽ مجموعي آپريشنل ڪارڪردگيءَ جو جائزو وٺڻ لاءِ وسيع پيماني تي فيلڊ دورا ڪيا ۽ مهم جي حوالي سان ڪارڪردگيءَ جي جائزي اجلاس جي صدارت ڪئي ان نگراني ۽ جائزي جي سرگرمين جي نشاندهي ڪرڻ ۽ ضرورت پوڻ تي وقت سر سڌارن وارن قدمن کي يقيني بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. پوليو بابت وزيراعظم جي فوڪل پرسن عائشہ رضا فاروق، قومي پوليو مهم دوران پشاور ۽ لاهور جو دورو ڪيو جتي هن صوبائي عملدارن سان اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ڪيا تہ جيئن پوليو جي موجوده صورتحال ۽ مهم جي نتيجن جو جامع جائزو وٺي سگهجي ان دوران هن فرنٽ لائن پوليو ورڪرن سان بہ ملاقات ڪئي. سنڌن محنت ۽ لڳن کي ساراهيو ۽ درپيش مسئلن کي ٻڌو تہ جيئن مستقبل جي مهمن جي منصوبا بندي ۽ عملدرآمد کي اثرائتو بڻائي سگهجي.

بقايا 1 | توازيو ويو

اباڻي شهر مصراتہ ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. جڏهن تہ جنرل محمد الحداد کي لاڏاڻي ڪانپوءِ فيلڊ مارشل جو عهدو عطا ڪيو ويو. ليبيا جي فوجي سربراهہ جنرل محمد الحداد ۽ ٻين فوجي آفيسرن کي ڏکڻ طرابلس جي هڪ فوجي اڏي تي سرڪاري اعزاز سان خراج عقيدت پيش ڪيو ويو. ان موقعي تي صدارتي ڪائونسل جي سربراهہ محمد المنفي اعلان ڪيو تہ سڀني شهيدن کي ايندڙ عهدي تي ترقي ڏني پئي وڃي، جنهن تحت جنرل محمد الحداد کي لاڏاڻي ڪانپوءِ فيلڊ مارشل جي عهدي سان نوازيو ويو. واضح رهي تہ 24 ڊسمبر تي ليبيا جو آرمي چيف محمد علي احمد الحداد جو جهاز ترڪيہ جي شهر انقرا کان روانو ٿيڻ بعد تباهہ ٿي ويو هو جنهن ۾ ان سان گڏ 5 ڄڻا سوار هئا.

بقايا 2 | بلاول ڀٽو

نثار کهڙو، انفارميشن کاتي جو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، ايم اين اي اعجاز جکراڻي، ايم پي اي جميل احمد سومرو سميت ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا. ميڊيا سان ڳالهائيندي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ مان لاڙڪاڻي جي عوام طرفان صحت کاتي جو شڪر گذار آهيان جو اڄ اسان سنڌ انسٽيٽيوٽ نيفرولاجي جي تحت ٻارن جي لاءِ انتهائي نگهداشت يونٽس جيڪو کلي ويو آهي، جنهن جو افتتاح ڪيو آهي. هن چيو تہ 18 هين ترميم کان پوءِ سنڌ حڪومت محنت ڪري ڪراچيءَ ۾ اين آءِ سي ايچ جو ادارو ناهي آنان جي سهولتن کي بهتر ڪرايو. هن چيو تہ ڪراچيءَ کان پوءِ سکر، نوابشاهہ ۽ ڄامشورو ۾ بہ انهن سهولتن کي وڌايو آهي جيڪو هڪ وڏيڪ مثال آهي جو سنڌ حڪومت اهو ڪم پئي ڪري جنهن جو مقابلو وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومتون هن ميدان ۾ مقابلو نہ ٿيون ڪري سگهن. هن چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جو فلسفو، پٺتي پيل علائقن کي عالمي دنيا جيان سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. هن وقت پاڪستان ۾ عوام لاءِ معاشي مشڪلاتون آهن، پگهار ۾ گذارو نہ ٿو ٿئي پيپلز پارٽي جي ڪوشش آهي تہ اهڙي قسم جا منصوبا آڻي عام ماڻهن مٿان معاشي بار گهٽايون. تنهن ڪري اسان اهڙي قسم جا ادارا ناهيا رهيا آهيون جنهن سان موت جي شرح ۾ تيزيءَ سان گهٽتائي اچي رهي آهي هن چيو تہ معاشي حوالي سان غريبن جي خدمت ڪرڻ تي بہ عمل درآمد ڪيو پيو وڃي، اڄ مان ٻارن جي انتهائي نگهداشت واري يونٽس جو افتتاح ڪيو آهي هن چيو تہ حڪومت طرفان معيشت جي بهتري جون ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون پر عالمي انگ اکر ۽ ادارن جي رپورٽ موجب پاڪستان جي معيشت بهتر ٿي رهي آهي ان لاءِ ٽيسٽ ڪهڙي آهي؟ جيڪڏهن ٽيسٽ اها آهي تہ ملڪ کي ڏيوالي کان بچائي ورتو تہ اهو بهتر آهي جا معاشي ترقي ٿي رهي آهي ۽ عام ماڻهن کان پڇا ڪيو وڃي جيڪا معيشت جي بهتر ٽيسٽ آهي، عام ماڻهو کائڻ پيئڻ ۽ گهر هلائڻ، ٻارن کي تعليم ڏيڻ ۽ علاج جا خرچ پهچ کان ٻاهر ٿي رهيا آهن، پيپلز پارٽي جي ڪوشش رهي آهي تہ عوام کي اهي مفت سهولتون فراهم ڪري مشڪلاتون گهٽايون، پاڪستان پيپلز پارٽي مختلف ايجنڊا تي پنهنجي منشور ۽ نقطہ نظر رکي ٿي. نجڪاري تي پاڪستان پيپلز پارٽي جو الڳ موقف رهيو آهي، پيپلز پارٽي جي هميشہ پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ رهي آهي، سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني، ڪراچي نئو ڊيئول ڪيريج وي سميت ٻيا منصوبا جيڪي پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ جا منصوبا آهن اهي بهتر ڪارڪردگي ڏيکاري رهيا آهن. معاشي بحران واري مسئلي کي حل ڪرڻو آهي، وفاقي حڪومت جي فسڪل اسپيس جي ڳالهہ ٿئي ٿي تہ ان ۾ اهم ڪردار پبلڪ پارٽنرشپ ٿي سگهي ٿو حڪومت کي ان تي غور ڪرڻ گهرجي، سنڌ حڪومت جي پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ کان سکڻ گهرجي، سنڌ جي پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ کي پوري دنيا ۾ 6 هون نمبر قرار ڏنو آهي، وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف ۽ ن ليگ جي قائد جو ٿورائتا آهيون جن ڪالهہ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي 18 هين ورسي تي وفد کي موڪليو، وفد اسان جي گهر ڳڙهي خدابخش ڀٽو آيا ۽ هو ورسي جي حوالي سان آيا هئا جنهن ۾ سياسي ڳالهہ نہ ٿي، ڏکهي اٽڪل جي ڳالهہ آهي تہ اها عوام مٿان آهي هن چيو تہ مسئلن جو سياسي حل نڪرڻ گهرجي، سڀني گڏجي اهڙو ماحول جوڙڻ جنهن سان سياست لاءِ وڌيڪ گنجائش نڪري جيڪا پاڪستان ۽ پاڪستان جي عوام جي مفاد ۾ آهي، ملڪي سلامتي جو سوال آهي، ان جو ڏکهو حل هڪ جماعت جي ڏکهي اٽڪل نہ پر اصل سياسي استحڪام آهي ان لاءِ سياسي جماعتن کي سوچڻ گهرجي تہ هو ڪهڙا اپاءَ وٺن ٿا، پاڪستان جي سڄي صورتحال، معاشي ۽ سياسي ترقي ان ۾ آهي تہ اسان پاڪستان جي سياست کي ان سطح تي آڻيون جنهن ۾ سياسي جماعتن سميت اپوزيشن جماعتن کي بہ ڪردار ادا ڪرڻو پوندو جيڪڏهن انتهاپسندي جي سياست ڪئي ويندي تہ پوءِ ان جي جواب ۾ جيڪا سختي هوندي آهي تہ پوءِ ڪا شڪايت نہ ٿيڻ گهرجي، اسان تجويز ڏيندا آهيون جيڪا پي ٽي آءِ لاءِ آهي تہ اها انتهاپسندي ڇڏي سياسي ڪردار ادا ڪن، جنهن سان انهن جي ڪارڪن ۽ پاڪستان جي جمهوري سياست تي مثبت اثر پوندا. پيپلز پارٽي جي مفاهمت واري سياست شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جو فلسفو آهي ان تي عملدرآمد صدر زرداري وٽ آهي، صدر زرداري ثابت ڪيو تہ 18 هين ترميم، اين ايف سي ايوارڊ، حڪومت جا 5 سال پورا ڪرڻ بہ تہ صرف هڪ سياسي جماعت پر سڀني سياسي جماعتن جي نتيجي ۾ مليو ڪالهہ بہ مان پنهنجي تقرير ۽ پنهنجي جماعت ۾ چيو تہ صدر زرداري کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ان وٽ پاڪستان جي عوام جو اعتماد ۽ صلاحيت آهي ڇاڪاڻ هو سياست ۾ مفاهمت جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو هن چيو تہ هڪ طرف پاڪستان جي ٻنهي ٻارڊرن جون حالتون سڀني جي سامهون آهن، ڀارت ۽ افغانستان ۽ ملڪ اندر دهشتگردي ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ان ۾ اپوزيشن جماعتن جو ڪردار اهم آهي، جيڪڏهن هڪ انتهاپسندي تنظيم جيان ڪم ڪرڻو آهي تہ انهن سان اهو رويو رکيو ويندو جيڪڏهن هو سياسي ڪردار ادا ڪندا تہ انهن سان اهو رويو رکيو ويندو، سياسي ورهاست کي بهتر ڪرڻ آهي جيڪو بهترين طريقو آهي، اڄ تہ سياڻي اسان کي اهڙي صورتحال جوڙي پوندي ٻي صورت ۾ نقصان ملڪ ۽ عوام جو ٿيندو اڄ ڏينهن تائين اهڙيون حالتون نہ ٿيون آهن.

اميد آهي تہ مستقبل ۾ بہ بهتر حالتون ٿين مان سمجهان ٿو تہ سمورن سياسي جماعتن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي تہ صاف ۽ شفاف چونڊون ڪرائي سگهون ان سان آئين ۾ ترميم ۽ قانون ۾ تبديليون آڻيون پونديون. عوام جو اعتماد اليڪشن ڪميشن ۽ ان اداري ۾ اضافو ڪرڻو پوندو سنجيده سياسي قيادت جنهن ۾ مولانا فضل الرحمان، پيپلز پارٽي ۽ ٻين جماعتن کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ سڀئي اهڙا چونڊ سڌارا جنهن سان اليڪشن ڪرائڻ واري اداري تي اعتماد وڌي، پنجاب ۾ جيڪي چونڊون ٿيون جنهن ۾ نہ صرف اميدوارن پر ميڊيا تي انتظاميہ تي اعتراض اٿاريا ويا آهي ڪٿي عام چونڊون يا ننڍيون چونڊون هجن انهن سان استحڪام پيدا ڪرڻ گهرجي، مفاهمت اوسيتائين ممڪن ناهي جيسيتائين سياسي جماعتون پنهنجي سياست کي سياسي دائري ۾ نہ آڻينديون اپوزيشن کي فعال ڪرڻو پوندو ۽ حڪومت کي بہ اهڙا قدم کڻي پارليامينٽ کي فعال ڪرڻ گهرجي، هن چيو تہ 27 هين ترميم يا ان کان اڳ 28 هين ترميم ۾ صوبن جي ورهاڱي بابت سرڪاري يا غيرسرڪاري طور حڪومت طرفان اهڙو ڪو نقطو نہ اٿاريو ويو پر ان معاملي تي پاڪستان پيپلز پارٽي جو موقف واضح آهي، پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي منشور ۽ نظريي تي قائم آهي.

بقايا 3 | ايمل ولي

خان چيو تہ غلام بلور نيشنل پارٽي ۾ هو آهي ۽ رهندو عوامي نيشنل پارٽي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر اها ناڪام ٿي وئي، نجڪاري جي حمايت ڪندي هن چيو تہ نجڪاري سڀني مسئلن جو حل آهي، حڪومت کي ڪاروبار نہ پر حڪمراني ڪرڻ گهرجي پاڪستان اسٽيل ملز ريلوي ۽ قومي ايئر لائن تباهہ ٿي چڪي آهي نجڪاري مان ملڪ کي وڌيڪ ٽيڪس ملندا. هن چيو تہ نجڪاري بہ شفاف هجڻ گهرجي، غير شفاف نجڪاري قبول ناهي، 140 ڪاروبارن کان ٽيڪس نہ ورتا پيا وڃن ايمل ولي خان مطالبو ڪيو تہ سرڪاري ادارا اهو ڪم ڪن جنهن لاءِ اهي ناهيا ويا هئا، پاڪستان جي رياست کي نظرثاني ڪرڻ گهرجي ۽ نجڪاري جي عمل کي شفاف بڻائڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو تہ افغانين کي نہ آندو وڃي ها، ۽ جيڪڏهن انهن کي آندو وڃي ها تہ انهن کي نہ موڪليو وڃي. ياد رکڻ گهرجي تہ قومي ايئر لائن پي آءِ اي کي تازو ئي نجڪاري ڪيو ويو هو ۽ عارف حبيب ڪنسورشيم قومي ايئر لائن کي 135 ارب رپين ۾ خريد ڪيو هو.

بقايا 4 | محسن نقوي

ناهي لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي محسن نقوي چيو تہ ڀارتي انڊر 19 ٽيم جي رويي تي آءِ سي سي سان ڳالهائينداسين، ان معاملي تي آءِ سي سي کي لکي رهيا آهيون. هن چيو تہ پي ايس ايل لاءِ وسيم اڪرم کي برانڊ ايمبيسڊر مقرر ڪيو آهي، ملتان سلطانز کي هن سال پي سي بي پاڻ آپريٽ ڪندو پي ايس ايل ڪانپوءِ ملتان سلطانز جي نيلامي ڪنداسين. سنڌس چوڻ هو تہ پي ايس ايل جي ٻن نين ٽيمن لاءِ 10 پارٽين ڪواليفاءِ ڪيو آهي، بڊنگ 8 جنوري تي اسلام آباد ۾ ٿيندي.

بقايا 5 | بيدخل

ڪيون ويون آهن، جڏهن تہ 13 هزار 241 غيرقانوني پناهگيرن کي سنڌن ملڪ واپس موڪليو ويو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب 18 کان 24 ڊسمبر تائين مجموعي طور 11 هزار 991 ماڻهن کي اقامہ قانون، 3 هزار 808 کي غيرقانوني طور سرحد پار ڪرڻ جي ڪوشش ۽ 3 هزار 78 ماڻهن کي پورهئي واري قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي گرفتار ڪيو ويو. غيرقانوني طور ملڪ ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش تي هڪ هزار 312 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو، جن ۾ 55 سيڪڙو ايٿوپين، 44 سيڪڙو يمني ۽ هڪ سيڪڙو ٻين ملڪن سان تعلق رکندڙ هئا. ان کان علاوہ 46 اهڙا ماڻهو بہ پڪڙيا ويا جيڪي ملڪي سرحد پار ڪري پاڙيسري ملڪن ڏانهن وڃڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

بقايا 6 | شڪارپور قتل

هٿيار بندن فرار، پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي گهر ۾ ڪهرام متل ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن اسٽورٽ گنج ٿاڻي جي حد شڪارپور جيڪب آباد جي قومي شاهراهہ سي اين جي پمپ اسٽيشن پرسان موٽرسائيڪل سائيڪلون تي سوار نامعلوم هٿياربندن چلجين جي ڪار مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا جنهن سبب ڪار ڊرائيور رمضان مهر ٿڏي تي مارجي ويو جڏهن تہ 36 سالن جو گهوٽ الطاف، 6 سالن جو نينگر محمد حسن ولد غلام قادر مهر ۽ ساٿس ماءُ زال غلام قادر مهر سخت زخمي ٿي پيا، لاش ۽ زخمين کي سول اسپتال آندو ويو، جتي نينگر دم ڏٽي حوالي ڪيو، جڏهن الطاف مهر کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ سکر اسپتال نيو ويو جتي هو رستي ۾ ئي زخمن جا سوار تہ سهندي دم ڏٽي حوالي ڪيو ويو هوڏانهن مقتولن جا لاش رستم شهر پهتا تہ گهرن ۾ ڪهرام مچي ويو ٻي طرف اهڙي واقعي کان پوءِ رستم شهر سوڳ ۾ مبتلاءِ بازارن بند ٿي ويون

بقايا 7 | غلام قادر

قتل ڪيو ويو آهي جو شهيد آهن، ملوث قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي

بقايا 8 | مارجي چڪا

52 ڄڻا مارجي چڪا آهن، جن ۾ 24 ماڻهو پنو عاقل ۽ سکر جڏهن تہ 28 ماڻهو شڪارپور ۾ قتل ٿيا آهن، تڪرار جي خاتمي لاءِ ڌرين جو 30 نومبر تي فيصلو رکيو ويو هو پر فيصلو ٿيڻ کان ٿورو اڳ، پنو عاقل ۾ جتوئي برادري جي هٿياربندن ياسين جتوگو مهر کي قتل ڪيو ويو جنهن سبب فيصلو نہ ٿي سگهيو ۽ رکيل تاريخ ڪينسل ٿي وئي، ادائي مهينا اڳ شڪارپور ۾ سنڌ حڪومت جي سرينڊر پاليسي تحت ايس ايس پي آفيس ۾ اهم تقريب منعقد ٿي هئي جنهن ۾ ڪچي جي ڪيترن ئي بدنام ڏوهارين هٿيار ڦٽا ڪري پاڻ کي قانون حوالي ڪيو هو تقريب ۾ گهرو وزير ضياءَ لنجار پڻ شرڪت ڪئي، جنهن مهر ۽ جتوئي سردارن کي سڏي اپيل ڪئي تہ تڪرار ختم ڪيو وڃي، پر تنهن باوجود تڪرار جو خاتمو اڃا تائين ممڪن نہ ٿي سگهيو آهي.

بقايا 9 | دورا

خاني ۾ مقتول الطاف جو والد غلام قادر ٻنهي پٽن جا لاش ڏسي ڪين کي بي هوشيءَ جا دورا پوڻ لڳا

بقايا 10 | هدايت

واقعي جو نوٽيس وٺندي حد جي پوليس کي فوري ڪاروائي ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي هدايت ڪئي جڏهن ضلع پوليس جي پريس ترجمان مطابق پوليس جي وڏي نفري هٿيارن بندن جي پويان ويل آهي شروعاتي جاچ مان معلوم ٿئي ٿو واقعو مهر جتوئي تڪرار سبب پيش آيو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون

بقايا 11 | ايس ايس پي

پيش آيو آهي، هن چيو تہ تمام گهڻو افسوسناڪ واقعو پيش آيو آهي جوابدارن خلاف پوليس ڪاروائي هلندڙ آهي جلد جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويندو، وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا 12 | ڌرڻو

گرفتاري جو مطالبو ڪيو، پوليس جي خاطري ڪرائڻ کان پوءِ ڌرڻو ختم ڪيو ويو

بقايا 13 | زخمي

ڪيترائي زخمي ٿي پيا. پرڏيهي ميڊيا موجب روڊ تي برفباري سبب ۾ ٽرڪون پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويون، جنهن ڪانپوءِ ٻيون گاڏيون بہ هڪٻئي سان ٽڪرائجڻ لڳيون. ريسڪيو اختيارين ٻڌايو تہ برفباري سبب امدادي ڪمن ۾ بہ ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن. حادثي ۾ ٻہ ڄڻا فوت ۽ 26 ڄڻا زخمي ٿي پيا، زخمين کي مختلف اسپتالن ڏانهن منتقل ڪيو ويو.

بقايا 14 | طريقو دريافت

جي مدد سان رڳو ڪينسر متاثر خلين جو علاج ڪيو ويندو جڏهن تہ صحتمند ٽشوز محفوظ رهندا. آسٽريليا جي شهر ميلبورن جي آر ايم آءِ يونيورسٽي جي محققن جي ٽيم موجب انتهائي سنهڙا ذاتي ذرا، جن کي "نينو ڊاٽس" چيو ويندو آهي، انساني جسم ۾ ڪينسر جي خلين جي نشاندهي ڪري انهن کي ختم ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. اهو طريقو ڪار ڪينسر جي علاج ٽارگيٽڊ ٿراپي لاءِ نوان دڳ کولي سگهي ٿو محققن چيو تہ اها تحقيق في الحال شروعاتي مرحلي ۾ آهي ۽ اڃا تائين ان جو تجربو رڳو ليبارٽري ۾ تيار ڪيل خلين تي ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ جانورن يا انسانن تي تجربا ناهن ٿيا. تحقيق جا نتيجا ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪن ٿا تہ اهو طريقو ڪينسر جي خلين جي مخصوص ڪمزورين کي هدف بڻائي هڪ اثرائتو علاج ثابت ٿي سگهي ٿو تحقيق جي سربراهہ ڊاڪٽر باووي زينگ موجب ڪينسر جون خليون عام صحتمند خلين جي ڀيٽ ۾ اڳ ئي وڌيڪ دٻاءَ ۾ هونديون آهن، نينو ڊاٽس ان دٻاءَ کي وڌائي سگهن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ ڪينسر جون خليون پاڻ کي تباهہ ڪرڻ جو عمل شروع ڪري ڇڏين ٿيون. ماهرن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن مستقبل ۾ اهو طريقو ڪامياب ثابت ٿيو تہ اها ڪينسر جي علاج ۾ وڏي اڳڀرائي ثابت ٿي سگهي ٿي

بقايا 15 | بئريسٽر عقيل

ناهيا آهن سوشل ميڊيا تي مقبوليت جو ڊرامو ڪري ڪوڙي پروپيگنڊا ڪئي پئي وڃي. اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهائيندي بيرسٽر عقيل چيو تہ پي ٽي آءِ سياسي ميدان ۾ پنهنجون ناڪاميون لڪائڻ لاءِ سوشل ميڊيا جو سهارو وٺندي آهي، سوشل ميڊيا تي هٿرادو ريچ ڏيکاري ويندي آهي، جڏهن تہ پي ٽي آءِ جي سياست ڪوڙ تي ٻڌل آهي. هن چيو عوام ڄاڻي ٿو تہ حقيقت ڇا آهي ۽ پي ٽي آءِ جي سوشل ميڊيا تي حقيقي فالوئر موجود ناهن. پارٽي پروپيگنڊا اڪائونٽ پي ٽي آءِ جي سوشل ميڊيا اڪائونٽن جي پيروي ڪندا آهن سنڌس چوڻ هو تہ پي ٽي آءِ جي حقيقت عوام جي سامهون اچي وئي آهي ۽ سوشل ميڊيا تي مقبوليت جي دعويٰ رڳو دوکو آهي.

بقايا 16 | سگهنديون

ٽيگ جي گاڏيون داخل نہ ٿي سگهنديون، گهرو وزير جي حڪمن تحت بنا ايم ٽيگ جي گاڏين خلاف ڪاروائيون شروع ڪيون وينديون. آچر ڏينهن ضلعي انتظاميا طرفان جاري بيان مطابق ڊپٽي ڪمشنر اسلام آباد عرفان نواز ميمڻ سمورن ايم ٽيگ پوائنٽس تي پراسيسنگ تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي، سڄي شهر ۾ ايم ٽيگ لاءِ مختلف جاين تي 16 پوائنٽس قائم ڪيا ويا آهن. ڊي سي اسلام آباد چيو تہ 14 نومبر کان هاڻي تائين مجموعي طور تي هڪ لک جي لڳ ڀڳ گاڏين کي ايم ٽيگ جاري ڪيا ويا آهن، بنا ايم ٽيگ گاڏين جي ٽيگ ريڊرز جي مدد سان نشاندهي ڪئي ويندي، ٽيگ ريڊرز کي مختلف انٽري پوائنٽس ۽ ناڪن تي لڳايو ويندو، هن چيو تہ ٻهرين جنوري تي ٽيگ ريڊرز فعال ٿيندي جي بنا ايم ٽيگ جي گاڏين خلاف ڪاروائيون شروع ٿي وينديون. شهري ڪنهن بہ قانوني مشڪل کان بچڻ لاءِ فوري طور تي پنهنجي گاڏين کي ايم ٽيگ لڳرائين.

بقايا 17 | جاري

انگ اکر جاري ڪيا آهن. گذريل ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطابق سنڌو درياهہ ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 16 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 6 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهہ ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 7 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 7 هزار 200 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 15 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 15 هزار 100 ڪيوسڪ، جهلم درياهہ ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 5 هزار ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 5 هزار ڪيوسڪ، چناب درياهہ ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿاهون وهڪرو 8 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ هيٺاهون وهڪرو 8 هزار 500 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. آبي ذخيرن جي صورتحال مطابق تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1487.81 فوٽ ۽ ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ، استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 2.560 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1199.95 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 4.246 ملين ايڪڙ فوٽ ۽ چشمہ بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فوٽ، پاڻي جي موجوده سطح 639.20 فوٽ بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.016 ملين ايڪڙ فوٽ رڪارڊ ڪيو ويو آهي.

بقايا 18 | سيد سردار شاهہ

اٿارٽي ۾ ليڪچر جو اهتمام ڪيو ويو. شيخ اياز ۽ سنڌ جي موضوع تي ناميارې اديب جامي چانڊيو ليڪچر ڏنو ليڪچر پروگرام ۾ تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار شاهہ ڳالهائيندي چيو تہ شيخ اياز جي شاعري ۾ ڪائناتي عنصر شامل آهي. شيخ اياز جي اها ٽائين دنيا ۾ رسائي نہ ٿي سگهي آهي جنهن جا اسان سڀ قصوروار آهيون. شيخ اياز کي دنيا تائين نہ پهچائي اسان چاهيندڙن ساڻس زيادتي ڪئي آهي شيخ اياز جي خواهش هئي تہ هو دنيا تائين پهچي پر اسان ڪيس دنيا تائين پهچائڻ بدران رڳو روايتي انداز ۾ ڪيس ياد ڪريون ٿا. جيڪڏهن شيخ اياز دنيا تائين نہ پهتو تہ هو رڳو اسان لاءِ ئي عظيم رهجي ويندو هن چيو تہ موسيقي ۾ خال سبب اڄڪلهہ رڳو آڱرين تي ڳڻڻ جيترا فنڪار نظر اچن ٿا ٻولي کي ڊجيٽل ايج ۾ ڪٿي اچڻو آهي اسان کي سوچڻو آهي تہ اسان پنهنجي شاعرن ۽ ٻئي علم کي پنهنجي جنريشن ۾ ڪيئن منتقل ڪريون؟ ورسي جي موقعي تي ليڪچر ڏيندي ناميارې اديب جامي چانڊيو چيو تہ شيخ اياز سڄي ديس جي درد کي هڪ سٽ ۾ بيان ڪندڙ شاعر آهي. هن چيو تہ اياز ڏکيائيون بيان ڪندي ڪندي پنهنجي شاعري جي پڄاڻي اميد تي ڪندو هو هن جي شاعري پنهنجي دور کي اتساهيو آهي اياز جو سرمايو ان جي شاعري ۾ لڪل گونج آهي. اياز جي شاعري رڳو رومانوي نہ آهي پر هن جي شاعري ۾ وطن جا خواب سمايل آهن. ڌرتي ۽ قوم جو مطلب عوامي هجڻ آهي اياز جي شاعري جو تفرق اهو آهي جو ان جي اندر ڌرتي ۽ ان جا ماڻهو سمايل آهن. هن چيو تہ آزادي رڳو جاگرافيائي نہ هوندي آهي پر آزادي ۾ قوم ۽ ان جا ماڻهو شامل هوندا آهن. جيڪڏهن قوم ۽ وطن آزاد بہ هجي پر ان ۾ جيڪڏهن ماڻهو سکيا ستابا ۽ آسودا نہ آهن تہ پوءِ اها آزادي ڪنهن ڪم جي نہ آهي

بقايا 19 | مبارڪباد پيش

ڪندڙ نومنتخب قيادت کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي آهي، پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي پريس ڪلب جي نومنتخب صدر فاضل جميلي ۽ جنرل سيڪريٽري اسلم خان کي خاص طور مبارڪباد ڏيندي چيو تہ انهن جي ڪاميابي صحافتي برادري جي اعتماد جو عڪس آهي، هن وڌيڪ چيو تہ هو فاروق سميع کي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ عمران ايوب کي خازن چونڊجڻ تي پڻ مبارڪباد پيش ڪري ٿو جڏهن تہ چونڊن ۾ ڪامياب ٿيندڙ سمورن عهديدارن ۽ گورننگ باڊي جي ميمبرن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪري ٿو. بلاول ڀٽو زرداري چيو تہ ڪراچي پريس ڪلب سان لاڳاپيل صحافين هميشہ جمهوريت جي مضبوطي، آئين جي بالادستي ۽ عوام تائين سچ پهچائڻ لاءِ غيرمتزلزل عزم سان جدوجهد ڪئي آهي، جيڪا قابل تحسين آهي.

بقايا 20 | انڪشاف

نيوز ڪانفرنس ۾ ٻڌايو تہ شريف عثمان هادي جو قتل اڳ کان طئي ٿيل هو ذميوارن جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي، مبينا حملي آور 12 ڊسمبر تي شريف عثمان هادي تي حملي ڪانپوءِ هالوگاٽ سرحد تان ڀارت فرار ٿي ويا، سرحد تي ٻن ڀارتي شهرين انهن جي آجيان ڪئي ۽ کين ميگالايا رياست پهچايو ويو آهي. هن چيو تہ بنگلاديش اختيارين ڀارت ۾ پنهنجي هم منصبن سان رابطي ۾ آهن. جن ٻن شڪي حملي آورن جي ساٿين کي گرفتار ڪيو آهي

بقايا 21 | دهشتگرد ماريا ويا

ڪاروائي ڪئي هن ٻڌايو تہ آپريشن ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا، ڪاروائي ۾ هڪ پوليس اهلڪار معمولي زخمي ٿيو

بقايا 22 | ڌرڻو

جي ٻنهي پاسن کان روڊ بلاڪ ڪري ٽائرن کي باهيون ڏئي احتجاج ڪيو. احتجاج سبب ٻنهي پاسن کان گاڏين جون قطارون لڳي ويون، پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي نوري آباد پوليس احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون ڪري موٽر وي تي لڳل ڌرڻو ختم ڪرايو

بقايا 23 | پلان تيار

ويندي. نئين سال بابت پنجاب پوليس امن امان يقيني بڻائڻ لاءِ سيڪيورٽي پلان مڪمل ڪيو ويو. آءِ جي پنجاب عثمان انور نئين سال تي لاهور سميت سمورن صوبي جي سيڪيورٽي وڌائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. پنجاب پوليس جي ترجمان موجب نئين سال جي موقعي تي سمورن صوبي ۾ 25 هزار کان وڌيڪ پوليس آفيسر ۽ اهلڪار سيڪيورٽي ڊيوٽي انجام ڏيندا. جڏهن تہ صرف لاهور ۾ پنج هزار کان وڌيڪ پوليس آفيسر ۽ اهلڪار مقرر ڪيا ويندا. لاهور سميت سمورن پنجاب ۾ سي سي ٽي وي جي ڪيمرائن سان سرگرمين جي مانيٽرنگ ڪئي ويندي. آءِ جي پنجاب پوليس کي هاءِ الرٽ رهڻ ۽ ملڪ دشمن عناصرن تي نظر رکڻ جي هدايت ڪئي آهي. آءِ جي پنجاب عثمان انور چيو تہ نئين سال جي موقعي تي ون ويلنگ، هوائي فائرنگ جي اجازت نہ هوندي، گوڙ ڪري شهرين ۽ عورتن کي تنگ ڪندڙ شر پسند عناصرن کي جيل ۾ بند ڪيو ويندو آءِ جي پنجاب عثمان انور نئين سال جي موقعي تي ٽريفڪ جا گڏيل انتظام يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي آهي ڊولفن اسڪواڊ پيرو، ايليٽ فورس، پي ايچ پي ٽيمن کي روڊن ۽ شاهراهن تي پيٽرولنگ وڌائڻ جي بہ هدايت ڪئي وئي آهي. آءِ جي پنجاب چيو تہ لاهور سميت سمورن شهرن ۾ سرچ اينڊ سوئيپ آپريشن باقاعدگي سان جاري رکيو ويندو

بقايا 24 | حاضري

سان گڏ پيدل پيدل عظيم اڳواڻ ۽ مسلم دنيا جي پهرين ۽ ننڍي عمر واري عورت وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو شهيد کي سنڌس 18 هين شهادت جي ورسي تي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ الله سائين ڪيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري.

بقايا 25 | افغان گهرو وزير

لاءِ تيار آهيون. ڪابل پوليس اڪيڊمي جي گريجوئيشن واري تقريب کي خطاب ڪندي سراج الدين حقاني اعلان ڪيو تہ ڳالهين جا دروازا کليل آهن. افغان سرڪاري ميڊيا جي رپورٽ موجب انهن چيو تہ اسان جي حڪومت دوحہ معاهدي جي تحت ڪيل واعدن جي پابندي جاري رکندي پئي اچي افغانستان جي زمين ڪنهن بہ ملڪ جي خلاف استعمال ٿيڻ جي اجازت نہ پئي ڏني وڃي ماضي ۾ واعدن ۽ دوحہ معاهدي ۾ ڪيل يقين دهانين جي باوجود پاڪستان ۾ سرحد پار دراندازي ۽ عسڪريت پسندن جا حملا لاڳيتو جاري آهن. سراج الدين حقاني چيو تہ افغانستان ڪنهن بہ ملڪ يا خطي جي لاءِ خطرو نہ آهي، طالبان قيادت عالمي برادري سان بداعتمادي ۽ غلط فهمين جي خاتمي لاءِ حل ڳولا ڪرڻ جي ڪوشش جاري رکندي پئي اچي. هن چيو تہ موجوده مسئلن جي حل لاءِ ڳالهين جا دروازا بند ناهن ڪيا ويا. ڏٺو وڃي تہ سراج الدين حقاني پاڪستان جو نالو نہ ورتو پر انهي جو اشارو ظاهري طور تي پاڪستان جي انهي پراڻي مطالبي جي طرف هو جنهن ۾ ڪابل مان پابندي مڙهيل تحريڪ طالبان پاڪستان کي لغام ڏيڻ جو چيو ويندو آهي جا ٻنهي پاڙيسري ملڪن جا لاڳاپا سرحدي جهڙپن کان پوءِ چڪتاڻ وارا آهن جنهن جي نتيجي ۾ 11 آڪٽوبر 2025 کان ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ سرحدون بند آهن. ترڪيہ ۽ متحده عرب امارات طرفان ٽرين جي وچ ۾ مفاهمت ڪرائڻ جون ڪوششون بہ ناڪام رهيون. جڏهن تہ پاڪستان جو الزام آهي تہ افغانستان ٽي ٽي پي کي ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ لکت ۾ يقين ڏيارڻ کان انڪار ڪيو جنهن ۾ ويڙهاڪ انهن جي ٻتول 2000 ڪلو ميٽر ڊگهي غير محفوظ سرحد جي ذريعي پاڪستان ۾ داخل ٿي حملا ڪندا رهيا آهن. سراج الدين حقاني جا اهي بيان انهي حوالي سان اهم آهن تہ ٽي ٽي پي انهن کان بيعت ورتي آهي ۽ ڊگهي وقت کان افغانستان جي انهن علائقن کان سرگرم آهن جيڪي انهن جي ڪنٽرول ۾ رهيا آهن. انهي سبب جي ڪري سراج الدين حقاني جي ننڍي ڀاءُ انس حقاني قطر ۽ ترڪيہ ۾ پاڪستاني اختيارين سان ڳالهيون ڪندڙ افغان طالبان ٽيم جو حصو هو.

بقايا 26 | مهربانو

ڪندڙ افواهن تي خاموشي ٽوڙيندي واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ مان هن وقت شادي شده ناهيان. مهربانو ۽ شاهہ رخ ڪاظم علي جي شادي 2022 ۾ ٿي هئي پر سيپٽمبر 2025 ۾ مهربانو جي انسٽاگرام اڪائونٽ تان سنڌس مڙس جون سمورين تصويرون اوچتو گم ٿي ويون هيون، ايتري تائين جو شادي جي ڪا تصوير بہ پروفائل تي موجود نہ رهي، جنهن تي مداحن اڳڪٿيون شروع ڪري ڇڏيون. هاڻ اداڪارا پاڻ انسٽاگرام تي هڪ سوالن جوابن جي سيشن دوران وضاحت ڪري ڇڏي. هڪ مداح ڪانئس سوال ڪيو تہ ڇا توهان شادي شده آهيو؟ جنهن تي مهربانو جواب ڏنو تہ نہ.

بقايا 27 | آپگهات ڪري ڇڏيو

پرڏيهي ميڊيا موجب اهو واقعو لکنئو جي علائقي دودا کيرا جلال پور ۾ پيش آيو جتي ٻن ڀينرن 26 ورهين جي راڌا سنگهہ ۽ 22 ورهين جي جيا سنگهہ هڪ ڪتو پاليو هو. پوليس موجب کين اسپتال مان ڄاڻ ملي تہ ٻنهي ڀينرن مبينا طور فنائل پي آپگهات ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تي جاچ شروع ڪئي وئي ۽ گهر وارن کي بہ جاچ ۾ شامل ڪيو ويو پوليس ٻڌايو تہ جاچ دوران خبر پئي تہ ٻنهي ڀينرن تازو هڪ ڪتو پاليو هو ۽ ٻئي ان سان ڏاڍو پيار ڪنديون هيون. اهي ڪتي جي سار سنڀال بہ ڪنديون هيون. گهر ڀاتين وڌيڪ ٻڌايو تہ ٻئي ذهني دٻاءُ جو شڪار هيون. هڪ کي ٽي بي ۽ سبب ڊپريشن ٿيو ۽ ٻي ذهني دٻاءَ ۾ مبتلا هئي. گهر ڀاتين موجب ڪتو هڪ مهيني کان بيمار هو جنهن سبب ٻنهي جو ڊپريشن وڌي ويو ۽ انهن انتهائي قدم کڻي پنهنجي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو.

بقايا 28 | رد ڪري ڇڏيو

پاڪستان جي گهرو وزارت طرفان جاري ڪيل هڪ گڏيل پڌرائي ۾ اردن، مصر الجزائر قطر ڪويت، نائيجيريا ۽ فلسطين سميت ٻين ملڪن جي پرڏيهي وزيرن اسرائيل جي انهي فيصلي تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. پڌرائي ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ 26 ڊسمبر 2025 تي اسرائيل طرفان کنيل اهو قدم هارن آف آفريڪا ۽ بحيره احمر جي خطي جي امن، سلامتي جي لاءِ سنگين خطرو بڻجي سگهي ٿو گڏيل بيان ۾ اسرائيل جي انهي قدم جي سخت ترين لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ويو آهي تہ ڪنهن ملڪ جي حصي جي ڌار رياست جي طور تي مڃڻ گڏيل قومن جي چارٽر ۽ عالمي اصولن جي سنگين ڀڃڪڙي آهي. مسلمان ملڪن جي پرڏيهي وزيرن جو موقف آهي تہ اهو عمل رياستن جي علائقائي سالميت ۽ خودمختاري جي تحفظ جي عالمي اصولن جي ابتڙ آهي. اهي قدم اسرائيل جي توسيع پسندانہ ارادن جي عڪاسي ڪن ٿا. پڌرائي ۾ وفاقي جمهوريہ صوماليہ جي وحدت ۽ انهي جي سمورن علائقن تي انهي جي حمايت جي ڀرپور حمايت جو ارادو ڪيو آهي ۽ صوماليہ جي ورهاست جي ڪنهن بہ ڪوشش کي عالمي امن جي لاءِ هڪ خطرناڪ مثال قرار ڏنو ويو آهي. انهي پڌرائي جو هڪ اهم رخ اسرائيل جي انهي قدم جو فلسطين جي حوالي سان جائزو وٺڻ آهي. مسلمان ملڪن انهي خدشي ۽ امڪان کي بہ مڪمل طور تي رد ڪري ڇڏيو آهي تہ اهڙي قسمن جي ڪري قدمن جو مقصد فلسطيني عوام کي انهن جي پنهنجي زمين تان زبردستي بيدخل ڪرڻ جي ڪنهن ڪوشش سان جڙيل ٿي سگهي ٿو. بيان ۾ چيو ويو آهي تہ فلسطينين جي جبري بيدخلي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪئي ويندي. اسلام آباد ۾ ٿيل انهي مشاورت کان پوءِ جاري ٿيل انهي دستاويزي احتجاج واضح ڪري ڇڏيو آهي تہ مسلمان ملڪ صوماليہ جي علائقائي سالميت جي تحفظ ۽ عالمي قانون جي بالادستي لاءِ متحد آهي انهي کان علاوہ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ صومالي لينڊ کي بطور هڪ آزاد رياست جي طور تي مڃڻ واري امڪان کي رد ڪندي چيو آهي تہ اسان في الحال اهڙي ڪنهن بہ تجويز جي حمايت نٿا ڪريون. ياد رهي تہ آمريڪا جو اهم اتحادي ملڪ اسرائيل صومالي لينڊ کي مڃيندڙ پهريون ملڪ بڻجي ويو آهي.

بقايا 29 | افتتاح

مريضن جي علاج لاءِ 24 ڪلاڪ سهولتن کي يقيني بڻايو وڃي هو ڪالهہ ڪشمير انسٽيٽيوٽ آف نيوڪليئر ميڊيسن، انڪولوجي اينڊ ريڊيو ٿراپي (ڪنور) جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو. آزاد ڪشمير جي وزيراعظم راجا فيصل ممتاز راٺوڙ احسن اقبال، راڻا ثناءُ الله، امير مقام سميت وفاقي وزيرن ڪانسواءِ آزاد ڪشمير جي اسيمبلي ميمبر پاڪستان ايٽمي توانائي ڪميشن جو چيئرمين ۽ فيڪلٽي جا ميمبرز بہ ان موقعي تي موجود هئا. وزيراعظم چيو تہ ڪيس خوشي آهي تہ ڏکويل انسانيت جي خدمت ۽ ڪينسر جي سڃاڻپ ۽ علاج لاءِ آزاد ڪشمير ۾ بہ اسپتال قائم ڪئي وئي آهي، ان کان وڌيڪ انسانيت جي خدمت نٿي ٿي سگهي. پهرين آزاد ڪشمير جي مريضن کي سوين ميلن جو سفر ڪري ڏورانهن شهرن ڏانهن وڃڻو پوندو هو جيڪو تڪليف ڏيندڙ ۽ مهانگو هو هن اٽامڪ انرجي ڪميشن ۽ ايس پي ڊي ڪانسواءِ سرڪاري وارن ماڻهن ۽ ڊاڪٽرز جو بہ شڪريو ادا ڪيو جن هن اسپتال جي قيام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. وزيراعظم چيو تہ هو پاڻ بہ ڪينسر جو مريض رهيو آهي، ڪيس مشڪلاتن ۽ تڪليفن جو احساس آهي. ماڻهو هن مهانگي مرض جو علاج برداشت نہ ڪري سگهن. هن هدايت ڪئي تہ جديد وسيلن ۽ ذريعن کي ڪتب آڻي هن مرض جو شڪار مريضن جو علاج ڪيو وڃي ۽ سمورين سهولتون 24 ڪلاڪ فعال رکيون وڃن مريضن سان اهڙو رويو هجي جو کين حوصلو ملي ۽ انهن کي علاج لاءِ تڪليفن جو منهن نہ ڏسڻو پوي. ان کان اڳ وزيراعظم اسپتال ۽ ميڊيڪل ڪاليج جو افتتاح ڪيو. وزيراعظم اسپتال جي مختلف شعبن ۾ لڳل مشينري جو بہ معائنو ڪيو ڪيس مرض جي سڃاڻپ ۽ علاج جي سهولتن جي باري ۾ بريفنگ ڏني وئي. وزيراعظم کي ٻڌايو ويو تہ پهرين آزاد ڪشمير ۾ ڪينسر جي علاج جي ڪا بہ اسپتال موجود نہ هئي ۽ مريض ڏورانهن علائقن کان سفر ڪري ٻين شهرن جو رخ ڪندا هئا، هر سال ڪينسر جا هڪ هزار ۽ 10 هزار مريض فالو اپ لاءِ اسپتالن جو رخ ڪندا آهن. پاڪستان ايٽمي توانائي ڪميشن جي چيئرمين راجا علي رضا انور پنهنجي آجيائي واري خطاب ۾ وزيراعظم جي ٿورا مڃيندي چيو تہ سڄي ملڪ ۾ ايٽمي توانائي ڪميشن جي ڪينسر جي علاج لاءِ 21 اسپتالون ڪم ڪري رهيون آهن جن مان هڪ وفاق، 6 پنجاب، 5 خيبرپختونخوا، 5 سنڌ، هڪ هڪ بلوچستان، گلگت بلتستان ۽ آزاد ڪشمير ۾ آهي. ساليانو 10 لک مريضن جو علاج ڪيو ويندو آهي، 60 سيڪڙو مريض آخري اسٽيج تي هوندا آهن. ان اسپتال جي قيام سان مقامي سطح تي علاج ممڪن ٿيندو

بقايا 30 | مارجي ويو

سربراهہ عبدالحق وثيق جو هڪ مددگار مارجي ويو. افغان ميڊيا مقامي ذريعن جو حوالو ڏيندي چيو تہ مقتول جي سڃاڻپ مولوي نعمان جي نالي سان ٿي آهي. رپورٽن موجب، اهو واقعو جمعي ڏينهن ڪابل جي بوتخاڪ علائقي ۾ مولوي نعمان جي گهر اندر پيش آيو مولوي نعمان موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن تہ سنڌس پٽ زخمي ٿي پيو. افغان ميڊيا چيو تہ طالبان عملدارن اڃا تائين واقعي بابت ڪو سرڪاري بيان جاري نہ ڪيو آهي ۽ نہ ئي ڌماڪي جو سبب واضح ڪيو ويو آهي. بهرحال، اهو شڪ آهي تہ ڌماڪو گئس سلنڊر ۾ نصب ٿيل ڌماڪيدار مادو جي ڌماڪي سبب ٿيو.

بقايا 31 | دهشتگرد مارجي ويا

آپريشن ۾ فتنہ الهندوستان جا 4 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر موجب، سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي بلوچستان جي علائقي قلات ۾ آپريشن ڪيو آءِ ايس پي آر موجب، ڀارتي سرپرستيءَ ۾ ڪم ڪندڙ 4 دهشتگرد سخت فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ مارجي ويا. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي تہ مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار گولا بارود ۽ ڌماڪيدار مادو هٿ ڪيو ويو. آءِ ايس پي آر موجب، سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي اثرائتي انداز ۾ نشانو بڻايو علائقي ۾ ٻين دهشتگردن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي تہ ملڪ مان دهشتگردي جي لعنت جو مڪمل طور تي خاتمو آندو ويندو

بقايا 32 | اعتراف

صلاحيت ۽ ساک کي وڌيڪ مضبوط ڪيو. عالمي رسالي موجب پاڪستان اثرائتي سفارتڪاري وسيلي واشنگٽن جو اعتماد ٻيهر بحال ڪري لاڳاپن کي نئون رخ ڏنو آمريڪا ڏکڻ ايشيا، نار ۽ وچ ايشيا تائين پهچ لاءِ پاڪستان کي اهم پل قرار ڏنو آمريڪا پاڪستان جي جاگرافيائي اهميت کي مرڪزي حيثيت ڏني، جڏهن تہ پاڪستاني بندرگاهن، خاص طور بلوچستان ۾ گوادر تمام وڏو اثاثو آهي. عالمي رسالي ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ پاڪستان سي پيڪ سان گڏ گهڻ رخو توازن برقرار رکندي نوان معاشي رستا کوليا، نومبر ۾ ٽرمپ انتظاميا پنهنجي قومي سلامتي جي حڪمت عملي جاري ڪئي، جنهن موجب پاڪستان قومي سلامتي جا مفاد حاصل ڪرڻ ۾ آمريڪا جو اهم ساٿي هوندو. عالمي رسالي موجب آمريڪا ۽ پاڪستان جي لاڳاپن ۾ تازي تبديلي سڄي دنيا جي ميڊيا جي ڌيان جو مرڪز بڻي، ڀارت-پاڪستان چڪتاڻ ۾ آمريڪا کي ڊي ايسڪليشن لاءِ ڪردار ادا ڪرڻو پيو صدر ٽرمپ جو ڪشمير تي بيان پاڪستان جي سفارتي پوزيشن ۽ موقف جي تائيد آهي.

عالمي رسالي ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ پاڪستان سفارتي محاذ تي نفسياتي سبقت حاصل ڪئي، جڏهن تہ ڀارت پوئتي رهجي ويو، پاڪستان ۽ آمريڪا ڪيترائي معاهدا ڪيا.

بقايا 33 | مصطفيٰ ڪمال

ڪندي مصطفيٰ ڪمال چيو تہ ايم ڪيو ايم باني هڪ ڊرامي باز ماڻهو آهي، هو لاشن تي آئٽم سانگ ڪندو آهي ۽ پاڻ کي راڄا سمجهي ٿو. هن چيو تہ ڊاڪٽر عمران فاروق جي گهرواري جي لاش تي ايم ڪيو ايم باني ناٽڪ شو ڪيو هن لاش پاڪستان موڪلڻ لاءِ لکين پائونڊ چندو گڏ ڪيو متحده باني جي سالگرهہ تي عمران فاروق کي ماري تحفو ڏنو ويو ۽ لاش لاءِ چندو وٺڻ جي اپيل ڪئي. سنڌس چوڻ هو تہ متحده باني را کان مالي سهائتا وٺندو رهيو آهي، هن سڄي نسل کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي ۽ اڃا تائين تباهہ ڪري رهيو آهي. گذريل 40 ورهين ۾ هو ڪيترن ئي ماڻهن جون جانيون ڳڙڪائي ويو آهي ۽ اڃا بہ اهو سلسلو جاري آهي، عمران فاروق جي ٻارن کي اپيل ڪيان ٿو تہ باني سان رابطو نہ ڪن. مصطفيٰ ڪمال چيو تہ مان ٻن سالن کان ايم ڪيو ايم باني جي ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو هو هو رڳو ڊرامو ڪري رهيو آهي، وهاڻي هيٺان 5 لک پائونڊ نڪتا، آفيس مان 6 لک پائونڊ مليا پر عمران فاروق جي زال لاءِ وٽس 6 هزار پائونڊ بہ نہ هئا، وفاقي وزير چيو تہ ايم ڪيو ايم باني مهاجر قوم جو سڀ کان وڏو غدار آهي، مهاجر قوم وڏي بدقسمت آهي، اسان کي ڪهڙو ڏوهاري اڳواڻ مليو آهي

بقايا 34 | ورجاءُ

بيان مطابق ٻنهي اڳواڻن ٻہ طرفن لاڳاپن ۾ هاڪاري اڳڀرائي تي اطمينان جو اظهار ڪيو. هن علائقائي ۽ عالمي معاملن خاص ڪري صوماليہ ۽ يمن جي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون. ٻنهي اڳواڻن علائقائي امن، استحڪام ۽ ترقي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ پنهنجي گڏيل عزم جو ورجاءُ ڪيو.

بقايا 35 | امڪان

بہ قيمتن ۾ گهٽتائي جو امڪان آهي. پيٽرول جي في بيرل قيمت 75 ڊالر 5 سينٽ کان گهٽ ٿي 69 ڊالر 73 سينٽ تي اچي وئي آهي. عالمي منڊي ۾ پيٽرول جي في بيرل قيمت ۾ 5 ڊالر 32 سينٽ جي گهٽتائي تي آهي. پيٽرول جي في ليٽر ايڪس ريفائنري قيمت 145 روپيہ 66 پئسا رڪارڊ ڪئي وئي، ايڪس ريفائنري قيمت ۾ 11 روپيہ في ليٽر گهٽ ڏسڻ ۾ آئي آهي. 15 ڊسمبر تي پيٽرول جي ايڪس ريفائنري قيمت 156 روپيہ 66 پئسا هئي عالمي مارڪيٽ ۾ ڊيزل جي قيمت ۾ 4 ڊالر 35 سينٽ جي گهٽتائي ٿي جنهن کان پوءِ في بيرل قيمت 84 ڊالر 27 سينٽ مان گهٽ ٿي 79 ڊالر 92 سينٽ جي سطح تي اچي وئي آهي. ڊيزل جي ايڪس ريفائنري قيمت ۾ 9 روپيہ 57 پئسن جي گهٽتائي ٿي آهي. ڊيزل جي ايڪس ريفائنري قيمت 164 روپيہ 92 پئسن مان گهٽ ٿي 155 روپيہ 35 پئسن جي سطح تي اچي وئي آهي اهڙي طرح پاڪستان ۾ نئين سال جي شروعات تي پيٽروليم شين جي عالمي قيمتن کي آڏو رکندي قيمتن ۾ وڏي لاٿ جو امڪان آهي پر انهي جو حتمي فيصلو پاڪستان جي حڪومت ڪندي.

بقايا 36 | منظوري ڏئي ڇڏي

ڪشمير ۾ چناب درياءَ تي دلهستي اسٽيج ٽو پن بجلي منصوبي جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. ڀارتي اخبار دي هندو موجب اها اڳڀرائي اهڙي وقت ۾ سامهون آئي آهي جڏهن هلندڙ سال اپريل ۾ پهلگام ۾ ٿيل حملن کان پوءِ انڊيا پاڪستان سان ڏهاڪن کان پراڻي سنڌ طاس معاهدي کي معطل ڪري ڇڏيو آهي. هائيڊرو اليڪٽرڪ پراجيڪٽس بابت ماهرين جي ڪميٽي هلندڙ مهيني جي شروعات ۾ منعقد پنهنجي 45هين اجلاس جي دوران انهي منصوبي جي منظوري ڏني اجلاس جي ڪاروائي موجب ڪميٽي انهي ڳالهہ جو اعتراف ڪيو تہ جيڪڏهن چناب درياءَ جي طاس جو پاڻي 1960 جي سنڌ طاس معاهدي جي تحت انڊيا ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ورهايو ويو آهي ۽ انهي منصوبي جا شروعاتي ميٽرز بہ انهي معاهدي جي روشني ۾ طئي ڪيا ويا هئا پر هاڻ صورتحال تبديل ٿي چڪي آهي. پيٽل پنهنجي رپورٽ ۾ واضح طور تي لکيو تہ 23 اپريل 2025 کان سنڌ طاس معاهدو معطل آهي جنهن کان پوءِ هاڻ انڊيا انهي خطي ۾ پاڻي جي ذخيرن ۽ بجلي جي منصوبن تي تيزي سان ڪم ڪري رهيو آهي. ياد رهي تہ جيسيتائين سنڌ طاس معاهدو فعال هو پاڪستان کي سنڌ، جهلم ۽ چناب جي دريائن تي حق حاصل هئا جڏهن تہ انڊيا کي راوي، بياس ۽ ستلج جي پاڻي جي استعمال جو حق ڏنو ويو هو ڀارتي حڪومت چناب درياءَ تي دلهستي اسٽيج ٽو هائيڊرو پاور منصوبي جي حتمي منظوري ڏني جنهن تي پاڪستان کي سخت خدشا آهن اهو منصوبو ڀارت جي غيرقانوني قبضي ۾ موجود جمون، ڪشمير ۾ تعمير ڪيو ويندو ۽ انهي سان 260 ميگاواٽ تائين بجلي پيدا ڪرڻ جي اميد آهي. انهي منصوبي تي گڏيل لاڳت 3 هزار 277 ڪروڙ 45 لک ڀارتي روپيہ خرچ ايندي، انهي تي عملي ڪم ايندڙ سال جي شروعات ۾ شروع ڪرڻ جو امڪان آهي. انهي منصوبي کي ڀارت جي سرڪاري ڪمپني ۽ ايچ پي سي لميٽيڊ تيار ڪندي. ماهرن جو چوڻ آهي تہ دلهستي اسٽيج ٽو منصوبو پاڪستان جي لاءِ دفاعي ۽ تعميراتي لحاظ سان نقصان ڏيندڙ ثابت ٿي سگهي ٿو ڇو تہ چناب درياءَ پاڪستان جي حصي ۾ ايندڙ دريائن ۾ شامل آهي. انهي منصوبي جي تعمير سنڌ طاس معاهدن جي روح جي ابتڙ آهي، جنهن کي ڀارت تازو ئي هڪطرفي طور تي معطل ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو.

بقايا 37 | سي پي اين اي

۾ ڊيموڪريٽڪ پينل جي سڀني نون چونڊيل عهديدارن ۽ گورننگ باڊي جي ميمبرن کي انهن جي شاندار ڪاميابي تي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏني آهي. سي پي اين اي جي صدر ڪاظم خان ۽ سيڪريٽري جنرل غلام نبي چانڊيو هڪ گڏيل بيان ۾ چيو آهي تہ فاضل جميلي جي صدر، اسلم خان جي سيڪريٽري، ارشاد ڪوڪر جي نائب صدر عمران ايوب جي خزانچي ۽ فاروق سميع جي جوائنٽ سيڪريٽري طور ڪاميابي ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ صحافتي برادري انهن جي تجربي، سالميت ۽ جمهوري قدرن تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي. سي پي اين اي گورننگ باڊي جي ستن سيٽن تي چونڊيل عبدالجبار ناصر اختر حسين سومرو شيما صديقي، فريال عارف، جاويد صبا، سيد فريد عالم ۽ جاويد مهر کي بہ مبارڪباد ڏني آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي تہ نئين چونڊيل ٽيم ڪراچي پريس ڪلب کي وڌيڪ مضبوط، فعال ۽ صحافين جي مسئلن جي حل ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪندي. بيان ۾ چيو ويو آهي تہ سي پي اين اي آزاد، ذميوار ۽ اصولي صحافت جي فروغ لاءِ ڪراچي پريس ڪلب سان مڪمل تعاون جاري رکندي ۽ صحافين جي حقن، تحفظ ۽ پيشہ ورانہ آزادي لاءِ گڏيل جدوجهد کي وڌيڪ اڳتي وڌايو ويندو. سي پي اين اي نون چونڊيل عهديدارن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ اميد ظاهر ڪئي تہ اهي صحافتي قدرن، ادارتي استحڪام ۽ جمهوري روايتن کي فروغ ڏيڻ ۾ مثبت ڪردار ادا ڪندا.

بقايا 38 | تعزيت جو اظهار

پاڪستان جي نمائندي عاصم افتخار احمد پاڪستان جي ٻن مشهور سول سرونٽس رفيع الدين احمد ۽ ڊاڪٽر شمشاد اختر جي وفات تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي هن ٻنهين جي وفات کي سفارتڪاري لاءِ وڏو نقصان قرار ڏنو آهي. پنهنجي بيان ۾ سفير عاصم افتخار احمد چيو تہ ٻنهي شخصيتن عالمي سطح تي امن ۽ ترقي جي مقصدن لاءِ نمايان ۽ قدر جوڳيون خدمتون انجام ڏنيون. رفيع الدين احمد پاڪستان فارن سروس جو اڳوڻو آفيسر هو ۽ هن گڏيل قومن جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل ڪرٽ والڊ هائم جي چيف دي ڪيبنٽ سميت ڪيترن ئي اهم عهدن تي خدمتون انجام ڏنيون. جيڪو جنيوا ڏينهن نيويارڪ ۾ 93 سالن جي عمر ۾ لاڏاڻو ڪري ويو ڊاڪٽر شمشاد اختر مشهور معاشي ماهر ۽ اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جي اڳوڻي گورنر هئي، هن گڏيل قومن ۾ بہ اهم ذميواريون انجام ڏنيون، جن ۾ گڏيل قومن جي اقتصادي ۽ سماجي ڪميشن فار ايشيا ۽ بحرا لڪاهل (ايس ڪيپ) جي ايگزيڪيوٽو سيڪريٽري طور خدمتون ۽ ورلڊ بئنڪ ۾ اعليٰ عهدي تي بہ خدمتون انجام ڏنيون. سفير عاصم افتخار احمد چيو تہ اهو پاڪستان لاءِ هڪ افسوسناڪ ڏينهن آهي.

بقايا 39 | لاش مليا

لاش گهر اندر ڦندي سان لٽڪيل حالت ۾ مليا آهن فوت ٿيندڙن جي سڃاڻپ 35 سالن جي فاطمہ زال نجيب الله، 10 سالن جي سونم ڌي نجيب الله، 3 سالن جي آرزو ڌي نجيب الله ۽ 2 سالن جي ارمان پٽ نجيب الله طور ڪئي وئي آهي پوليس اختيارين موجب لاشن کي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار واقعي جو سخت نوٽيس ورتو آهي ۽ ايس ايس پي ايسٽ کان فوري رپورٽ طلب ڪئي آهي. گهرو وزير هدايت ڪئي آهي تہ واقعي جي سڀني پهلوئن جي مڪمل جاچ ڪئي وڃي ۽ ملوث عنصرن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ۽ متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي، پوليس موجب عورت جي مڙس نجيب الله کان جاچ جاري آهي، جيڪو سبزي منڊي ۾ ڪم ڪري ٿو پوليس جو چوڻ آهي تہ نجيب الله هڪ افغاني عورت سان ٻي شادي ڪئي هئي ايس ايس پي ايسٽ موجب شروعاتي طور تي واقعي کي خودڪشي قرار ڏنو پيو وڃي، جڏهن تہ آخري نتيجو پوسٽ مارٽم فارنزڪ رپورٽ ۽ ثبوتن جي مڪمل تجزيي کان پوءِ ئي سامهون ايندو واقعي جي شفاف ۽ غير جانبدار جاچ جاري آهي.

بقايا 40 | عالمي رڪارڊ قائم

ليو) ٽرين صرف ٻن سيڪنڊن ۾ 700 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي رفتار حاصل ڪئي. اسپيڊ ايتري تيز هئي جو اک ڇنڀڻ تي ان نظرن کان غائب ٿي وڃي، اهو ڪامياب تجربو چين جي نيشنل يونيورسٽي آف ڊفينس ٽيڪنالاجي جي ماهرن انجام ڏنو. آزمائشي سفر جي دوران تقريبن هڪ هزار ڪلو گرام وزن رکندڙ گاڏي کي انتهائي گهٽ وقت ۾ انهي تيز رفتاري تائين پهچايو ويو انهي ٽيسٽ ۾ ٽرين رفتار حاصل ڪرڻ کان پوءِ حفاظت سان پاڻ کي روڪي ورتو انهي تجربي سان ئي اها ٽرين دنيا جي تيز ترين سپر ڪنڊڪٽنگ اليڪٽرڪ ميگ ليو ٽرين بڻجي وئي. اها ٽرين سپر ڪنڊڪٽنگ ميگنيٽڪس جي مدد سان پٽڙي کان مٿي رهندي آهي جنهن جي ڪري رڳڙ بالڪل ختم ٿي ويندي آهي انهي جي ڪري رفتار ۾ تيز رفتاري ممڪن ٿي ويندي آهي. ياد رهي تہ انهي منصوبي تي ڪم ڪندڙ ٽيم گذريل 10 سالن ۾ انهي ٽيڪنالاجي تي تحقيق جو عمل جاري رکندي جنوري 2025 ۾ هڪ اڳوڻي تجربي ۾ ٽرين 648 ڪلو ميٽر في ڪلاڪ جي رفتار حاصل ڪئي هئي.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
ڳڙهي خدا بخش مان اينڊڙ مفاهمتي سياست جو پيغام — صفحو 4

محمود شام
2026ع، 2025ع کان گهڻو مختلف نه هوندو! — صفحو 4

عاشق زهر پياڪ، وهه پسيو وهسن گهٽو
فقير حاجن نظاماڻي — صفحو 4

ڊاڪٽر حبيب الحق رنڌ
موسمي سختين کي ڪيئن مُنهن ڏجي؟ — صفحو 4

جيمنداڙ ڪوٽ ڦيڊر جي بجلي سنڌن ڏينهن کان بند هئڻ خلاف شهري ايڪشن ڪميٽي پاران بک هڙتال

[illegible]

مسيرپوڙري: بجلي بند هئڻ خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

دولتپور پرسان حضرت جمال شاهه بگهو شير جي عرس مبارڪ ۾ جانورن جي نمائش ٿي گذري

[illegible]

سنڌ جي صورتحال خراب ٿي چڪي آهي،قرلت،قتل عام عروج تي پهچي آهي:غلام مرتضيٰ جتوئي

[illegible]

... ڪرپشن ڪرڻ ۽ مخالفن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ ڏانهن هوندو ته امن امان قائم نه ٿي سگهندو. اهڙن خيالن جو اظهار نيشنل پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين غلام مرتضيٰ خان جتوئي مورو جي ڪاروباري شخصيت اين پي پي ورڪر لالا عتيق الرحمان پٺاڻ جي گهر واريءَ جي وفات تي تعزيت لاءِ پهچڻ تي لالا عتيق الرحمان پٺاڻ سان تعزيت ڪندي دعا گهري ڏک جو اظهار ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. هن وڌيڪ ظاهر ڪرڻ جو ته مرتضيٰ خان جتوئي تي ڪيس داخل ٿي سگهن ٿا توهان سان ڪهڙو حشر ٿيندو مان تي ڪيسن کي منهن ڏيان پيو 70 سيڪڙو جج صحيح آهن جيڪي انصاف ڏين پيا ۽ انصاف ئي هر جي بنياد آهي جنهن ڪانسواءِ ڪو به ملڪ هلي نه ٿو سگهي هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جا بنيادي رڪن رهيا آهيون شهيد ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي دور ۾ پارٽي نظرياتي هئي ڀٽو صاحب پيپلز پارٽي انهن نظرين کان تمام گهڻو پري آهي جيڪا سسٽم ۾ اچي چڪي آهي عوام کي ڪا سهولت ناهي پيپلز پارٽي جو منشور هو ته نجڪاري نه ٿيندي پر ان جي هوندي ٿيندي پئي جيڪو ملڪ جي فائدي لاءِ ان کي رڪڻ گهرجي ته جيئن ملڪ سان عوام جو پئسو بچي سگهجي هي پي آءِ اي ويو آهي اهڙا وڏيڪ ٻيا ادارا به وڪندا. ان موقعي تي عزيز چانڊيو غلام رسول پيرزادو راجا جي ايم ڪورائي، مورائي جنيد راجپوت، شاهه بيگ ڀهراڻي ڪاشف لغاري، صحافي وحيد رزاق مستوئي، ظهير چانڊيو، سومر سولنگي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

مورو: غلام مرتضيٰ خان جتوئي تعزيت دوران ڳالهائي رهيو آهي

سڪرنڊ لڳ فقير فارم هائوس تي سرمد سنڌي جي ورسي تقريب منعقد ڪئي وئي

سڪرنڊ (س ر)سنڌ جي قومي راڳي سرمد سنڌي جي 28 هين ورسيءَ جي موقعي تي جسقم تعلقه سڪرنڊ پاران ڪيس پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ سڪرنڊ لڳ فاروق ڪيريو جي فقير فارم هائوس تي تقريب منعقد ڪئي وئي جتي سرمد سنڌي جي تصوير آڏو گل رکي قومي ترانو سان ڪيس پيٽا ڏئي پروگرام جو آغاز ڪيو ويو ان موقعي تي جسقم جي تعلقه صدر غلام مصطفيٰ ڏٿونر، برڪت جلباڻي، قربان ٻنڀ، مورڙو ميربحر، فاروق احمد ڪيريو، محمد سچل ملاح ۽ مولا بخش جلباڻي الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته سرمد سنڌي سنڌ جو مزاحمتي ڳلوڪار هو سنڌس گيتن سنڌ دشمنن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون هيون سنڌس گيت ٻڌي نوجوان ۾ اتساهه پيدا ٿيندو هو هو اڄ به سنڌين جي دلين ۾ موجود آهي هنن چيو ته سرمد سنڌي سنڌ جو امر ڪردار آهي جنهن کي سنڌ صدين تائين ياد رکندي سرمد سنڌي گيتن ذريعي سيد جي فڪر کي عام ڪيو سرمد سنڌي بنيادي طور تي قومي ڪارڪن هو بعد ۾ سنڌ جي عشق ۾ قومي راڳي بڻيو سنڌ جي نوجوانن ۾ فڪر جي ايم سيد ۽ سنڌ جو قومي شعور اڀارڻ ۾ سرمد سنڌي جي گيتن جو اهم ڪردار هو سرمد سنڌي اڄ به سنڌي قوم جي دلين ۾ زنده آهي سنڌس ڳايل گيت رڳو سرڻ ۾ شعور سچ ۽ جدوجهد جو اهڃاڻ آهن ان ڪري جسقم هر سال 27 ڊسمبر تي سنڌس پوري سنڌ ۾ ورسيءَ جون تقريبون ڪري سنڌس قومي جدوجهد تي ڪيس ياد ڪندي آهي آڙ موقعي تي نئڙي محمد ابراهيم ڪيريو شيخ اياز جي شاعري ٻڌائي سنڌن ياد کي تازو ڪيو

دادو: جمعيت علماءِ اسلام اڳواڻ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

مشهور اديب صحافي محمد عثمان راهوڪڙو جي چوٿين ورسي ملهائي وئي

ٽنڊوباگو(ڙ ر)ٽنڊوباگو جي مشهور اديب صحافي محمد عثمان راهوڪڙو جي چوٿين ورسي واري تقريب کي پروفيسر نقاش علواڻي غلام محمد خواجه عرف دلبر سنڌي سيد خدا ڏنو شاهه مير فراز علي ڏاليه مصطفيٰ جمالي فيض ايڇجي نصر الله جروار عبدالغفور چانڊيو الهجڇايو راهوڪڙو فراق هاليپوٽو انور عباسي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته محمد عثمان راهوڪڙو لاڙ علائقي جي صحافتي دنيا جو وڏو نالو هو هن نه رڳو صحافت ۾ پنهنجا شاگرد پيدا ڪيا پر هن تاريخ کان وٺندي مختلف موضوعن تي 6 ڪتاب لکي لاڙ جي ماڳن مڪانن درياءَ جي پراڻن وهڪرن ۽ لاڙ ۽ سنڌ جي عورتن جي ٻهترين ڪردارن کي ڪتابي صورت ۾ آڻي اهو ٻڌايو ته سنڌ ۽ لاڙ جون عورتون مردن کان گهٽ نه آهن محمد عثمان راهوڪڙو هڪ گهڻ رخي شخصيت هو سنڌس خال کي پرڻ لاءِ سال لڳندا

فورٿ شيڊول ۾ داخل ڪرائڻ خلاف دادو واسي پاران حيدرآباد ۾ احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)دادو جي ڳوٺ ڄام خان ڀٽ جو رهواسي ۽ 2013جي عام اليڪشن ۾ ارباب رحيم جي ٽڪيٽ تي چونڊن ۾ حصو وٺندڙ ڄام شاهد علي حيدري ٻاٽ پ پ اميدوارن جي انتقامي ڪارروائين ۽ نالو مسلسل فورٿ شيڊول ۾ داخل ڪرائڻ خلاف ڪالهه به حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج جاري رکيو. ان موقعي تي هن چيو ته سال 2013جي عام چونڊن ۾ اين اي 232۽ پي ايس 74تي سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير ارباب غلام رحيم جي پارٽي پيپلزمسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي پ پ اميدوارن خلاف فارم ڀرائي اليڪشن وڙهي جنهن تي پ پ اميدوارن منهنجي خلاف رڻ ٻاري ڇڏيو ۽ نه ڪٽڻ واري انتقامي ڪارروائين جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو ۽ منهنجي خلاف ملڪ سان بغاوت ڪرڻ سوڌو قتل جون ايف آئي آرون داخل ڪرائڻ شروع ڪري ڇڏيون ۽ فورٿ شيڊول ۾ نالو وجهي ڇڏيو جنهن تحت ڪوڙو ڪيس داخل ڪرائڻ جو سلسلو جاري آهي. هن چيو ته فورٿ شيڊول تحت منهنجو قومي شناختي ڪارڊ بلاڪ آهي مان ڪاڏي نڪري نٿو سگهان بيماري توڙي گهريلو مسئلن سبب حد جي ٿاڻي کي اطلاع ڏيڻ باوجود منهنجي خلاف پوليس ڪيس داخل ڪري ڇڏي ٿي. هن چيو ته فورٿ شيڊول جي معياد 3ساڻ هوندي آهي پر منهنجي خلاف 11مئي 2013کان جاري فورٿ شيڊول اڄ تائين جاري آهي جيڪا پوليس جي سياسي ملي ڀڳت ۽ جمهوري پارٽي سڏائيندڙ پيپلز پارٽي جي وحشياڻي انتقامي ڪارروائي جو کليل ثبوت آهي. هن چيو ته پيپلزپارٽي چونڊيل اميدوارن پاران جاري انتقامي ڪارروائين مون سميت منهنجي خاندان کي مشڪلات ۾ وجهي ڇڏيو آهي جيڪا انساني حقن جي کليل خلاف ورزي آهي. هن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ ۽ انساني حقن جي تنظيمن کي اپيل ڪئي ته سنڌس جو نالو فورٿ شيڊول مان ڪڍرائي آزاد ڪيو وڃي ۽ انتقامي ڪارروايون ڪندڙ پ پ اميدوارن ۽ پوليس خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ ڪيو وڃي.

جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون ٿو جي برانچ انب مگسي جي سليڪشن

ميهڙ(ن ع)جماعت اصلاح المسلمين ضلع دادو زون ٿو جي برانچ انب مگسي جي سال 2026 جي سليڪشن ڪئي وئي جيڪا ضلع جي آڀيڊر طرفان ڪئي وئي سليڪشن جي دوران برانچ صدر، فنانس سيڪريٽري ۽ پريس سيڪريٽري پنهنجي پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي اڙ سان گڏو گڏ برانچ جي سرپرست جي مشاورت سان هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا صدر محمد صديق مگسي، نائب صدر قطب الدين مگسي، جنرل سيڪريٽري امام الدين مگسي، جوائنٽ سيڪريٽري نديم علي مگسي، پريس سيڪريٽري محمد علي مگسي، فنانس سيڪريٽري عبدالغفار مگسي، اطلاعات سيڪريٽري تصور حسين مگسي، آفيس سيڪريٽري وڪيل احمد مگسي، لائبريري انچارج مولانا خليل احمد مگسي، معاون صدر عبيدالله مگسي، معاون جنرل سيڪريٽري محمد عارف مگسي معاون پريس سيڪريٽري ارشاد الله مگسي آخر ۾ دعا خير گهري وئي

وڳڻ: ڊي ايڇ او قمبر رورل هيلٿ سينٽر جو دورو ڪري رهيو آهي

دادو جي عوام روز لڄجي فرجي پٽي ۾ قانون نالي ڪا شئي ناهي:اظهار الحق صديقي

گئس ڳوليندڙ ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي نظر انداز ڪري ٻاهران ماڻهو ڪنيا پيا وڃن

1 کان 4 تائين نوڪريون ڪمي ڏنيون وڃن آهن دادو جي عوام کي ڪائي خبر ڪونه آهي

واهي پانڌي(ن ع)جمعيت علماء اسلام ضلع دادو جي اڳواڻ حافظ اظهار الحق صديقي چيو آهي ته دادو ضلعي اندر بدامني عروج آهي دادو جي عوام روز لڄجي فرجي پٽي ۾ قانون نالي ڪا شئي ناهي دادو ضلعي جي جابلو پٽي ڪيرٿر رينج وٽ تيل گئس ڳوليندڙ ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي نظر انداز ڪري ٻاهران ماڻهو گهرائي ڪنيا پيا وڃن دادو جي ڪڇي واري علائقي ۾ 8251 ايڪڙن تي ٻاهرين جا قبضا آهن ۽ سنڌ حڪومت پاران ملندڙ 1 کان 4 اسڪيل جي نوڪرين ۾ به ڊي سي دادو ۽ چونڊيل نمائندن پنهنجا نوازي تحت نوڪريون ڏنيون اهڙو اظهار هن واهي پانڌي ۾ ٿيندڙ جمعيت علماء اسلام جي ڪنوينشن دوران ڪندي ڪيو هن چيو ته ڊي سي دادو جي طرف کان 1 اسڪيل کان 4 تائين نوڪريون ڪٽي ڏنيون ويون آهن دادو جي عوام کي ڪائي خبر ڪونه آهي لسٽ هڪ ڏني وڃين ٿي ۽ ان لسٽ تحت انهن با اثر ماڻهن جي چوڻ تي انهن کي نوڪريون ڏنيون وڃن ٿيون معاملي کي سنجيدگي سان ڏٺو وڃي ۽ دادو جي عوام کي نوڪريون فراهم ڪيون وڃن هن وڌيڪ چيو ته دادو جي ڪڇي واري علائقي مان8251 ايڪڙ زمين تي بااثر ماڻهن جو قبضو آهي جهنن جي ايراضي 57053 ايڪڙ آهي اڙ معاملي جو نوٽيس وٺندي جمعيت علماء اسلام ضلع دادو پاران اهيو مطالبو ڪيون ٿا ڊي سي دادو کان دادو جي ڪڇي واري علائقن مان قبضا فوري طور تي ختم ڪرايا وڃن ڪارو ڪوٽ ڪيرٿر جي پٽي جوهي تعلقي اندر جيڪي ڪمپنيون آهن جنهن ۾ پولش . پي او جي سي . ۽ جوهي جي اندر بي ايڇ پي . جون نوڪريون ٻاهرين ماڻهن کي ڏنيون ويون آهن نندين وڏين نوڪرين ۾ هڪ نه ٻاهرين کان ماڻهون آيل ۽ جيڪا ڪا سيٽ خالي آهي ته ان ۾ نمائندن جي آشروات تي رهندڙ ماڻهن کي ڏنيون ٿيون وڃن جمعيت علماء اسلام ضلع دادو مطالبو ڪري ٿي ته انهن ڪمپنين مان جوهي جي عوام کي فائدو ڏنو وڃي جيڪو جوهي جي عوام جو حق آهي ان گڏوگڏ ضلعي دادو جي اندر جيڪي ضلعي دادو جي عوام کان ڦرون ٿيون وارداتون ٿيون جنهن گهرن جا ڌاڙا دڪانن کان ڦر موٽرسائيڪل سميت اهي سڀ رڪور ڪرايون وڃن ۽ تعلقه جوهي جي اندر بدامني آهي ان علائقي ۾ به آپريشن ٿي جيئن عوام سک جو ساهه کڻي سگهي

ڊي ايڇ او قمبر پاران شهرين جي شڪايتن تي رورل هيلٿ سينٽر وڳڻ جو دورو

اسپتال ۾ بيٺل ايمبولنس، دوائن جي کوٽ ۽ عملي جي غيرموجودگي جون شڪايتون

ضلعي جي سڀني صحت مرڪزن ۾ وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪيون وڃن:ڊاڪٽر گلزار ٽنيو

وڳڻ (ن ع)ڊي ايڇ او قمبر ڊاڪٽر گلزار احمد ٽنيو شهرين جي شڪايتن تي موڪل واري ڏينهن ايمرجنسي بنيادن تي رورل هيلٿ سينٽر وڳڻ جو اوچتو دورو ڪيو دوري دوران ڊي ايڇ او اسپتال ۾ پراڻي بيٺل ايمبولنس دوائن جي کوٽ ۽ عملي جي غيرموجودگي سميت مختلف معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ڊي ايڇ او عملي کي روزاني او پي ڊي ۽ ايمرجنسي دوران مريضن سان بهتر رويو رکڻ وقت سر ڊيوٽي سرانجام ڏيڻ ۽ علاج معالجي ۾ڪابه ڪوتاهي نه ڪرڻ بابت سخت هدايتون جاري ڪيون.ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر گلزار احمد ٽنيو چيو ته سندس دور خدمتن دوران ڪوشش رهي آهي ته رورل هيلٿ سينٽر وڳڻ سميت ضلعي جي سڀني صحت مرڪزن ۾ وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪيون وڃن جيئن علائقي جي لوڪل عوام کي صحت جي حوالي سان حقيقي رليف ملي سگهي.هن وڌيڪ چيو ته شهرين جي شڪايتن کي سنجيدگي سان ورتو پيو وڃي ۽ جلد ئي اسپتال ۾ موجود ڪوتون پوريون ڪيون وينديون

ڪراچي: اسٽيج ناٽڪ جا فنڪار اسٽيج تي بيٺل آهن

ڪراچي ۾ مزاحيه ۽ اصلاحاتي اسٽيج ناٽڪ "واهه سائين واهه" پيش

پاڪستان آمريڪن ڪلچرل ليڊر فيسٽيول ۾ ناٽڪ پيش ڪيو ويو

رشيد صابر،رضوان صابر ۽ وحيد گل فنڪارن کي مبارڪباد ڏني

[illegible] ڏني. ڊرامي جي تحرير مشهور ڊراما نگار رشيد صابر ڪئي جڏهن ته هدايتڪاري جا فرائض رضوان صابر وڏي مهارت سان سرانجام ڏنا. اسٽيج ناٽڪ نه رڳو حاضرين کي تفريح فراهم ڪئي، پر سماجي اصلاح جو مؤثر پيغام پڻ ڏنو جنهن کي ناظرين تمام گهڻي ساراهه ڏني. ڊرامي ۾ نسرين ناز اي جي خان جاويد تاڪاڻي اسماء علي لائبہ بلوچ وقار لطيف منو منير سنگرل مصطفيٰ سالان رضيه شيخ هني خان ۽ گل محمد لاشاري پنهنجي شاندار پرفارمنس سان شائقين جا دل وجهي ورتا.هن موقعي تي آمريڪن ڪلچرل سينٽر جي صدر مخدوم رياض پنهنجي بيان ۾ چيو ته پاڪستان آمريڪن [illegible] آرگنائيزر وحيد گل ميمڻ سميت سڀني فنڪارن کي شاندار ڪاميابي تي مبارڪباد ڏني ۽ مستقبل ۾ اهڙن پروگرامن جي انعقاد جو عزم ظاهر ڪيو. آخر ۾ ڊائريڪٽر رضوان صابر صدر پاڪستان آمريڪن ڪلچرل سينٽر سيد مخدوم رياض ۽ پروگرام جي ڪوآرڊينيٽرز آدم راٺور ۽ اليا س نديم پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ شائقين جو شڪريو ادا ڪيو ۽ سنڌي ثقافت جي نمائندگي ڪندي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا. هن چيو ته پاڪستان آمريڪن ڪلچرل ليڊر فيسٽيول اينڊڙ وقت ۾ به مثالي، بامقصد ۽ ثقافتي سرگرمين جي فروغ لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکندو

دوڙ ۾ مهراڻ هاءِ وي جو زيرو پوائنٽ مڪمل طور روشنائي جو مرڪز بڻجي ويو

بس اسٽاپ جو مونوگرام ۽ ڪيٽ آئيز وارين لائيٽون نصب ڪيون ويون

ٽائون ڪاميٽي جي محنتن سان منصوبو پايه تڪميل تائين پهتو آهي:وسيم افضل راجپوت

دوڙ(ن ع)دوڙ ٽائون ڪاميٽي جي انتظاميا جي مسلسل محنتن ڪوششن ۽ ڪاوشن سان هڪ اهم ترقياتي منصوبو ڪاميابي سان پائي تڪميل تائين پهچي ويو آهي جنهن بعد مهراڻ هاءِ وي جو زيرو پوائنٽ مڪمل طور روشنائي جو مرڪز بڻجي ويو آهي.چيئرمين ٽائون ڪاميٽي دوڙ چوڌري وسيم افضل راجپوت جي خاص هدايتن تي مهراڻ هاءِ وي زيرو پوائنٽ وٽ جديد سولر اسٽريٽ لائيٽون سجاوٽي رنگ برنگي بلب، بس اسٽاپ جو مونوگرام ۽ ڪيٽ آئيز وارين لائيٽون نصب ڪيون ويون جنهن سان نه رڳو علائقي جي خوبصورتي ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي پر ٽريفڪ جي حفاظت ۽ مسافرن جي سهولت به بهتر ٿي آهي.منصوبي جي تڪميل بعد چيئرمين چوڌري وسيم افضل راجپوت زيرو پوائنٽ جو دورو ڪيو جتي هن لڳايل لائيٽن سجاوٽ ۽ مجموعي صورتحال جو جائزو ورتو ۽ انتظاميا جي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار ڪيو رات جي وقت زيرو پوائنٽ جديد روشني سبب هڪ دلڪش منظر پيش ڪري رهيو آهي. جيڪو دوڙ (دبئي) شهر سڏجڻ لڳو آهي ان موقعي تي چيئرمين ٽائون ڪاميٽي دوڙ چوڌري وسيم افضل راجپوت چيو ته ٽائون ڪاميٽي دوڙ جي ٽيم جي محنتن سان هي منصوبو پايه تڪميل تائين پهتو آهي مهراڻ هاءِ وي زيرو پوائنٽ شهر جو اهم هنڌ آهي، ان کي روشن محفوظ ۽ خوبصورت بڻائڻ اساڻ جي ذميواري هئي سولر لائيٽن ساڻ توانائي جي بچت ٿيندي ۽ جديد سجاوٽ سان شهر جو سٺو تاثر اجاگر ٿيندو "چيئرمين وڌيڪ چيو ته دوڙ شهر ۾ ترقياتي ۽ خوبصورتي وارا منصوبا مستقبل ۾ به جاري رهندا. شهرين ۽ مسافرن ٽائون ڪاميٽي انتظاميا ۽ چيئرمين جي هن قدم کي ساراهيندي چيو آهي ته اهڙن منصوبن سان دوڙ شهر جديد دور سان هم قدم ٿيندي نظر اچي ٿو

شاهه اويس پمپنگ اسڪيم تي ڪاٽي،چٽن جو فصل ٻڏي ويو،احتجاج

آبپاشي کاتي طرفان بااثر جي زمينن آباد ڪرائڻ لاءِ ڪاٽي ڏياري وئي

نااهل ايريگيشن کاتي جي عملدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي:آبادگار

مانجهند (ن ع)مانجهند پرسان شاهه اويس قرني پمپنگ اسڪيم شاخ کي بااثر ماڻهن جي زمينن کي آباد ڪرائڻ لاءِ آبپاشي کاتي طرفان غير قانوني طور جديد مشينري سان ڪاٽي ڏياري وئي هئي جنهن ۾ وڏي مقدار ۾ پاڻي اچڻ سبب ديهه ڪوريجاڻي ۽ ديهه لاکوڙي جي غريب آبادگارن جا پوڪيل 50 ايڪڙ چٽا ٻڏي ويا جنهن سبب ڪين لکين روپين جو نقصان ٿي ويو.سنڌن روزگار جو واحد ذريعو تباهه ٿيڻ سبب قرضن ۾ وڪوڙجي ويا آبادگارن محمد عمر ابڙو لياقت علي ملاح سهيل احمد پٽي ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته نااهل ايريگيشن کاتي جي عملدارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

سڪرنڊ: فقير فارم هائوس تي مچ ڪچهري ۾ مهمان ويٺل آهن

ميهڙ ۾ سنڌي سماج ۽ وڏيرا شاهي تي مشتمل ڪتاب جي مهورتي تقريب

ادب سياسي تحريڪن کي اتساهه بخشي ٿو،ڪهاڻين ۾ فرضي ڪردار آهي:مقرر

ميهڙ(ن ع)ميهڙ ۾ تعليمي ادبي دوستن پاران نوجوان ليکڪ مختيار سنڌي جي ڪهاڻين تي مشتمل ڪتاب "سنڌي سماج ۽ وڏيرا شاهي جي مهورتي تقريب ميهڙ پريس ڪلب جي گرائونڊ تي ٿي،جنهن ۾ ادبين شاعرن، ليکڪن،سياسي ، سماجي تنظيمن جي اڳواڻن , صحافين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي نامياري اديبن شاعرن،سياسي،سماجي اڳواڻن ڪامريڊ بخشل ٿلهو،ڪبير پيل،ننگر چنه،ايڊووڪيٽ سعيد احمد پنهور ايڊووڪيٽ عابد ڪلهوڙو , سليم مگسي , امتياز عادل سومرو , ايڊووڪيٽ منظور سوڍر عاجزاصغر سوڍر ۽ ٻين سنڌس ڪتاب سنڌي سماج ۽ وڏيرا شاهي جو مهورت ڪيو ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي هنن چيو ته مختيار سنڌي جي "سنڌي سماج ۾ وڏيرا شاهي" جي ڪهاڻين واري ڪتاب ۾ مايوسي ناهي اتساهه آهي ادب سياسي تحريڪن کي اتساهه بخشي ٿو سنڌس ڪهاڻيون ۾ فرضي ڪردار آهي پر اسان کي سماج جي ڪنهن نه ڪنهن ڪنڊ ۾ اهي ملندا هنن چيو ته مختيار سنڌي جي جرئت , همت ۽ دعوت کي مڃتا ڏيڻ کپي ان موضوع تي اجان وڌيڪ لکڻ کپي جيئن سماج ۾ تبديلي اچي سگهي مختيار سنڌي چيو ته هن ڪتاب سان گهڻو ڪجهه سکڻ چاهيان ٿو اسان وٽ وڏيرو نظام بادشاهت وارو آهي اسان کي مختلف ڪولن ۾ ورهايو وڃي ٿو اسان کي هن نظام خلاف بغاوت ڪرڻ کپي مان هن ڪتاب ۾ ڪردارن کي واڪو ڪيو آهي جڏهن ته تقريب ۾ شريڪ مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ پارايا ويا پٺي طرف سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن آزاد پريس ڪلب ميهڙ جي صدر غلام حسين پنهور فدا حسين چانڊيو عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ذوالفقار علي زلفي چانڊيو عبدالله سومرو زين محمد علي شيخ گداحسين امامي سميت وڏي تعداد ۾ صحافين شهرين نوجوانن شرڪت ڪئي ڪتابن جو اسٽال پڻ لڳايو ويو هو

مورو ۾ پاڪستان چڇڙا اتحاد جو ڪنويشن ٿي گذريو

ڪنويشن جي صدارت چڇڙا اتحاد جي سردار هدايت الله چڇڙو ڪئي

برادري جي ڪنوينشن جو مقصد هڪبٽي کي ويجهو رکڻ آهي:هدايت الله چڇڙو

مورو (ن ع)مورو ۾ پاڪستان چڇڙا اتحاد جو ڪنويشن مهراڻ سٽيزن ڪلب ۾ ٿي گذريو جنهن کي صدارت چڇڙا اتحاد جي چيف سردار هدايت الله چڇڙو ڪئي مهمان خاص محمد يونس چڇڙو محمد اسماعيل هو ان کان علاوه ملڪ فياض چڇڙو ملڪ ڪريم بخش ملڪ اجمل ظفر اقبال چڇڙو زوار الهه بخش انجنيئر اعجاز چڇڙو ميان فاروق، ملڪ مجاهد، ملڪ اسماعيل ملڪ عرفان نويد سلطان عبدالغفان جميل احمد عبدالمجيد، ميان عامر رضا، ميان جنيد، جهانگير شڪيل احمد چڇڙو آصف مورائي منير احمد چڇڙو غلام حيدر چڇڙو نظير احمد، عزيز الله خالد حسين حفيظ الله سجڻ خان چڇڙو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا ان موقعي تي ڪنوينشن کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته اسان جي هن برادريءَ جي ڪنوينشن جو مقصد هڪبٽي کي ويجهو رکڻ آهي ۽ جيڪي برادريءَ تفاق آهن انهن کي ختم ڪري هڪبٽي جي طاقت بڻجڻ آهي هنن چيو ته اسان پنهنجي برادريءَ کي هڪ پليٽ فارم تي ڪٺي نوجوانن خاص طور تي ٻارڙن کي تعليم ڏيارڻ جو مقصد ته جيئن اهي اڳتي نڪري پنهنجي برادريءَ ملڪ جي خدمت ڪري سگهن هنن چيو ته اسان نه صرف پنهنجي برادريءَ جي هر ڏک تڪليف ۾ ساٿ ڏينداسين پر جيڪي برادريون آهن اهي به اسان جون آهن جن سان پڻ ڪلهو ڪلهي سان ملائي بيهبو ايڊووڪيٽ غلام مصطفيٰ چڇڙو خطاب ڪندي چيو ته خوشي ٿي آهي چڇڙا برادري جا ماڻهون سڀ هٿي گڏ ٿيا آهيون انشاء چڇڙا برادري جا جائز مسئلا حل ڪرائيندا اتحاد جوڙڻ جو مقصد چڇڙا برادري کي پاڻ ۾ گڏ ڪرڻ آهي جڏهن ته هن ڪنوينشن ۾ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض مورو جو مشهور وڪيل چڇڙا برادريءَ مورو جي اڳواڻ ايڊووڪيٽ غلام مصطفيٰ عقاب چڇڙو سرانجام ڏنا جڏهن ته مهمانن کي اجرڪن ٽوپين جا تحفا پڻ پارايا ويا ڪنوينشن ۾ برادري جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي هن ڪنوينشن ۾ موجود مورو پريس ڪلب جي صحافين نواب علي اصغر ڪورائي خدا بخش ميمڻ صحافي منظور علي لغاري، صحافي محمد بخش عالماڻي وحيد رزاق مستوئي راڻو عزيز راجپوت کي پاڪستان چڇڙا اتحاد طرفان اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا

مورو قومي تي شاهراهه لنجار هائوس سامهون ٽالر جو ويگن کي ٽڪر

عباسي برادري سان تعلق رکندڙ عورت ٻارڙن سميت 9 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا

مورو(ن ع)مورو قومي شاهراهه لنجار هائوس سامهون ٽالر جو ويگن کي ٽڪر عباسي برادري سان تعلق رکندڙ عورت ٻارڙن سميت 9 ڄڻا سخت زخمي مورو سول اسپتال داخل ويگن ۾ سوار ماڻهو ٽنڊو آدم کان ڳوٺ وارهه وڃي رهيا هئا ته مورو ۾ حادثو پيش آيو آهي وين حادثي جا زخمي ڊرائيور شاهه محمد چانڊيو محمد فاروق شيخ محمد انيس عباسي عبدالرئوف عباسي محمد رفيق عباسي توفيق عباسي مسمات سعيدا شيخ مسمات نسرا عباسي مسمات صابران عباسي اقبال عباسي ويٺل سڀ ضلع لاڙڪاڻو وارهه جا ٻڌايا وڃن هڪڙي خاندان جا ٻڌايا وڃن ٿا اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوڪر سول اسپتال پهچي زخمين کان واقعي جا ورتا خيريت معلوم ڪئي

ڪڙيوگهنور گرلس لوئر سيڪنڊري اسڪول جي بلڊنگ زبون حال هجڻ خلاف احتجاجي ريلي،ڌرڻو

تعليم بچايو ڪميٽي ڪڙيوگهنور جي اڳواڻن حسام نظاماڻي،گيانچند مهيشوري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو

تيل ۽ گئس سان مالا مال هجڻ جي باوجود نياڻين جي گرلس لوئر سيڪنڊري اسڪول جي بلڊنگ سميت تمام بنيادي سهولتن کان محروم آهي:اڳواڻ

تعليم تباهه ٿي رهي آهي، پر سنڌ حڪومت، تڪ جا چونڊيل نمائندا ۽ تعليم کاتو هن اهم مسئلي تي ڪوبه ڌيان نه ڏئي رهيو آهي

ڪڙيوگهنور(ن ع)ڪڙيوگهنور ۾نياڻين جي گورنمنٽ گرلس لوئر سيڪنڊري اسڪول جي بلڊنگ جي حالت زبون حال هجڻ ۽ نياڻين لاءِ گرلس هاءِ اسڪول نه هجڻ خلاف تعليم بچايو ڪميٽي ڪڙيوگهنور جي اڳواڻن حسام نظاماڻي، گيانچند مهيشوري، ڊاڪٽر فياض نوتڪاڻي، ڇيلو مل مهيشوري، ڪامريڊ هميرو مل مينگهواڙ ڪامريڊ آصف نظاماڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نظاماڻي پيٽرول پمپ کان شهيد فاضل راهو چوڪ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن تعليم کاتي خلاف سخت نعري بازي ڪئي ڌرڻي سبب گولاڙچي کان حيدرآباد ويندڙ ٽريفڪ معطل ٿي وئي، ڌرڻي ۾ اسڪول جي شاگرديائين پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته اڄ جي جديد دور ۾ به ڪڙيوگهنور شهر معدني وسيلن تيل ۽ گئس سان مالا مال هجڻ جي باوجود نياڻين جي گرلس لوئر سيڪنڊري اسڪول جي بلڊنگ سميت تمام بنيادي سهولتن کان محروم آهي گذريل ڪيترن سالن کان گرلس اسڪول جي بلڊنگ جي ڇت ٽٽي زبون حال بڻجي وئي آهي جنهن ڪري نياڻيون بنا ڇت جي پٽ تي ويهي پڙهڻ تي مجبور آهن شهر ۽ ڀرپاسي ۾ گرلس هاءِ اسڪول نه هجڻ سبب ست سؤ کان وڌيڪ نياڻين جي تعليم تباهه ٿي رهي آهي، پر سنڌ حڪومت، تڪ جا چونڊيل نمائندا ۽ تعليم کاتو هن اهم مسئلي تي ڪوبه ڌيان نه ڏئي رهيو آهي. جڏهن ته پاڪستان جي سڀ کان وڏي آئل ۽ گئس فيلڊ ڪڙيوگهنور شهر جي پرسان هجڻ جي باوجود ڪمپني انتظاميه به نياڻين جي تعليم لاءِ ڪي به اپاءَ نه ورتا آهن، رائلٽي جي مد ۾ ڪروڙين روپيا ضلعي اختيارين کي ڪمپني انتظاميه پاران هرسال ڏنا وڃن ٿا، پر اهي فنڊز به مقامي علائقن ۾ تعليم سميت ٻيون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪٿي به استعمال نٿا ڪيا وڃن هنن وڌيڪ چيو ته ڪيترائي ڀيرا گرلس اسڪول جي زبون حال عمارت جي تعمير لاءِ ۽ گرلس اسڪول کي اپگريڊ ڪري هاءِ اسڪول جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاج ڀڪ هڙتالون ڪيون آهن پر هتي مسڪين نياڻين جي تعليم جي بحالي لاءِ ڪوبه تحرڪ وٺڻ لاءِ تيار نه آهي. هنن سنڌ حڪومت تڪ جي چونڊيل نمائندن ۽ تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته ڪڙيوگهنور گرلس لوئر سيڪنڊري اسڪول جي زبون حاصل بڻيل بلڊنگ جي جلد مرمت ڪرائي تمام بنيادي سهولتون مهيا ڪري گرلس لوئر سيڪنڊري اسڪول کي هاءِ اسڪول جو درجو ڏئي ست سؤ کان وڌيڪ غريب مسڪين نياڻين جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي

ڪڙيو گهنور: اسڪول جي عمارت ڪمزور هجڻ خلاف شاگرد احتجاج ڪندي

تعليم کاتي جي اسسٽنٽ دليپ ڪمار جي اعزاز ۾ الوداعي تقريب

ڪلارڪ ايسوسيئيشن فاطمه جناح گرلز هاءِ اسڪول پاران تقريب منعقد ڪئي وئي

ايمانداري،نيڪ نيتي سان خدمتون سرانجام ڏيڻ تي دليپ ڪمار کي پڪڙ پارايو ويو

ٽنڊو آدم(ن ع)تعليم جي واداري ۾ ايمانداري سبب سٺي شهرت ماڻيندڙ تعليم کاتي جي اسسٽنٽ دليپ ڪمار جي سرڪاري نوڪري جو مدو پورو ٿيڻ تي سندس اعزاز ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي. تقريب جو اهتمام فاطمه جناح گرلز هاءِ اسڪول ٽنڊو آدم جي ڪلارڪ ايسوسيئيشن پاران غلام نبي نظاماڻي ۽ عرفان ساند ڪيو.تقريب ۾ پروفيسر غلام مصطفيٰ ساند، تعلقه ايجوڪيشن آفيسر علي اڪبر برهماڻي عبدالخالق ڪوسو ۽ راڻا عبدالجبار سميت تعليم کاتي سان لاڳاپيل آفيسن عملي جا ميمبر ۽ شهر جون معزز شخصيتون وڏي انگ ۾ شريڪ ٿيون.تقريب دوران ايمانداري، نيڪ نيتي ۽ ذميواري سان خدمتون سرانجام ڏيڻ جي اعتراف طور دليپ ڪمار کي پٽڪو پارايو ويو واضع رهي ته فاطمه جناح گرلز هاءِ اسڪول ٽنڊو آدم ۾ اسسٽنٽ جي عهدي تي خدمتون ڏيندڙ دليپ ڪمار 27 ڊسمبر 2025 تي پنهنجو سرڪاري مدو پورو ٿيڻ تي رٽائر ٿي ويو.تقريب کي خطاب ڪندي مقررن چيو ته دليپ ڪمار پنهنجي پوري سروس دوران ايمانداري، نيڪ نيتي ۽ فرض شناسي سان ذميواريون نڀايون جنهن سبب هو استادن عملي ۽ شاگردن ۾ هڪ سٺي نالي سان سڃاتو ويندو رهيو هنن چيو ته دليپ ڪمار هميشه آفيس جي معاملن ۾ شفافيت، وقت جي پابندي ۽ سٺي انتظامي صلاحيتن جو مظاهرو ڪيو جنهن سان اسڪول جي ڪارڪردگي بهتر ٿي مقررن وڌيڪ چيو ته دليپ ڪمار جو رويو شاگردن ۽ عملي سان همدرداڻو ۽ تعاون تي ٻڌل رهيو جنهن سبب هو سڀني لاءِ هڪ مثالي سرڪاري ملازم طور ياد رکيو ويندو. هنن اميد ظاهر ڪئي ته دليپ ڪمار رٽائرمينٽ ڪانپوءِ به تعليم ۽ سماجي ڀلائي جي ڪمن سان لاڳاپيل رهندو ۽ پنهنجي تجربن مان سماج کي فائدو ڏيندو.آخر ۾ مقررن دليپ ڪمار جي صحت مند، خوشحال ۽ سکون ڀري مستقبل لاءِ دعا ڪئي ۽ سندس تعليمي ۽ انتظامي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو

ٽنڊو آدم: تعليم کاتي جي اسسٽنٽ جي اعزاز الوداعي تقريب جو ڏيک

سول اسپتال ۾علاج جون سڀ سهولتون دستياب آهن:لمس انتظاميه

مريضن جي سار سنڀال ۾غفلت بابت پروپيگنڊا کي رد ڪريون ٿا

لياقت يونيورسٽي اسپتال ۾ ضروري دوائن جي ڪا به کوٽ ناهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر)لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ڄامشورو جي انتظاميه چيو آهي ته سول اسپتال ۾ دوائن جي ڪا به کوٽ ناهي ۽ علاج جون سڀ سهولتون بهتر نموني سان دستياب آهن البته ڪجهه تشخيصي اوزارن ۽ مشينري جي جاءِ تي نون ۽ جديد اوزارن ۽ مشينري جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي، جنهن جو انتظاميا جي غفلت سان ڪو به تعلق ناهي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي اسپتال جي انتظاميا ميڊيا جي هڪ محدود حلقي طرفان اسپتال ۾ دوائن ۽ طبي سهولتن جي کوٽ ۽ مريضن جي سار سنڀال ۾ غفلت بابت هلندڙ پروپيگنڊا کي سختي سان رد ڪري ڇڏيو آهي انتظاميا شهرين جي آگاهي لاءِ وضاحت ڪندي چيو آهي ته لياقت يونيورسٽي اسپتال ۾ ضروري دوائن جي ڪا به کوٽ ناهي منظور ٿيل پروڪيورمينٽ ميڪينزم تحت دوائون باقاعدي فراهم ڪيون وڃن ٿيون ۽ مريضن کي هر وقت دوائن جي فراهمي ۽ سار سنڀال کي يقيني بڻائڻ لاءِ سخت نگراني ڪئي وڃي ٿي انتظاميا وضاحت ڪئي آهي ته سڀئي طبي اوزار ۽ مشينري موجود آهن البته ڪجهه تشخيصي اوزار پنهنجي مقرر مدت پوري ڪري چڪا آهن جنهن مان ڪنهن به قسم جي ناڪامي يا غفلت ظاهر نٿي ٿئي هڪ جديد ٽئون 32 سلائس سي ٽي اسڪين هن وقت سول اسپتال حيدرآباد ۾ انسٽال ڪيو پيو وڃي اسپتال ۾ مريضن جو بار وڌڻ سبب موجوده سي ٽي اسڪين ايم آر آءِ مشينن ۽ ٻين اهم طبي اوزارن جي مرمت ۽ سار سنڀال لاءِ اڳ ئي معاهدن تي صحيحون ڪيون ويون آهن ته جيئن قابل اعتماد تشخيصي خدمتن جو تسلسل برقرار رهي حيدرآباد ۽ ٻين ضلعن مان ايندڙ مريضن جي وڌندڙ دٻاءَ سبب سهولتن ۽ سار سنڀال ۾ واڌ جو عمل پڻ جاري آهي ايمرجنسي ڊپارٽمينٽ ۽ او پي ڊي ۾ مريضن جي فوري چڪاس ۽ هجوم گهٽائڻ لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويا آهن ايمرجنسي ڊپارٽمينٽ ۾ جولاءِ مهيني دوران خدمتن ۾ توسيع ڪئي وئي هئي ۽ هاڻي 26 ڊسمبر 2025 کان او پي ڊي 24 ڪلاڪ کليل آهي جتي مريضن کي ڏينهن رات طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون

پيپلزپارٽي جون جمهوريت ۽ ملڪ لاءِ سڀ کان وڌيڪ قربانيون آهن:غلام مرتضيٰ

ڪنڊيارو (ن ع)عوام پي پي پي سان گڏ آهي پاڪستان پيپلزپارٽي جون جمهوريت ۽ ملڪ لاءِ سڀ کان وڌيڪ قربانيون آهن شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي تي عوام جي ڀرپور شرڪت ڪئي اهڙو اظهار پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقي ڪنڊيارو جي صدر سيد غلام مرتضيٰ شاهه ڪارڪنن سان ڳالهائيندي ڪيو سيد غلام مرتضيٰ شاهه چيو ته شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي تي سڄي ملڪ مان عوام ۽ ڪارڪنن ڀرپور شرڪت ڪئي هن چيو ته آصف علي زرداري جي ڏاتشمندانه ۽ مفاهمتي پاليسين سبب ملڪ ۾ جمهوريت قائم آهي پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو پاڪستان جو روشن مستقبل آهي هن چيو ته ايم پي اي سيد سرفراز حسين شاهه جي قيادت ۾ ڪنڊيارو شهر سميت تڪ ۾ ترقياتي ڪمن جو بنا تفريق سلسلو جاري آهي عوامي خدمت ئي اسان جي سياست جو محور آهي

ٺٽون دمبالو: پريس ڪلب جي نون چونڊيل ميمبرن جو ورتل گروپ فوٽو

نوجوان سماجي اتحاد تعلقه ڏوڪري پاران سريلي فنڪار شهيد سرمد سنڌي 29 ورسي تقريب

ڏوڪري(ت ر)نوجوان سماجي اتحاد تعلقه ڏوڪري پاران سنڌ جي قومي راڳي ۽ سريلي فنڪار شهيد سرمد سنڌي جي 29 ورسي جي موقعي تي تقريب منعقد ڪئي وئي، ان حوالي ساڻ تقريب ۾ امر راڳي سرمد سنڌي جي تصويرن اڳيان ڏيئا ٻاري، گل نڇاور ڪري ڪيس پيٽا پيش ڪئي وئي. ورسي تقريب کي خطاب ڪندي اتحاد جي اڳواڻن ارشاد بگهيو عمير جوڻيجو فهد عزيز ڏيرو، نديم جوڻيجو ساجد باغ جتوئي سجاد ٽنيو نثار ڪوڪر سيد سفير بخاري، سيد فرهاز شاهه نعيم ٿهيم ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته سرمد سنڌي سنڌ جو اهو ٻيجل هو جنهن سنڌ جي مسڪينن، ٻي ٻهڄ مارون، سانگيئڙن جي سورن، دردن سنڌ تي ٿيندڙ ظلمن، زيادتين توڙي اڙ جي آجپي ۽ بقا خاطر مزاحمتي شاعرن جو ڪلام پنهنجي سحر انگيز آواز جي ورلاپن ۾ سنڌ جي جهر جهنگ، وستي واهڻ پهچائي قومي بيداري جو فرض ادا ڪندي امر ٿي امرتا ماڻي ويو ڪيسر ڳجهي سازش ذريعي پلانڊ ايڪسيڊنٽ ڪرائي شهيد ڪرائي سنڌ جي آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر سندس چاهيندڙ سنڌي قوم ڪيس تا قيام ياد ڪندي رهندي ۽ سندس سريلو آواز سنڌين جي دلين ۾ تاحيات ڏڙڪندو رهندو

ٺٽون دمبالو پريس ڪلب جون چونڊون،قادر بخش ڪورائي صدر چونڊيو ويو

ٺٽون دمبالو(ن ع)ٺٽون دمبالو پريس ڪلب ٺٽون دمبالو سال 2026 جون چونڊون ٿي گذريون اتفاق رائي ساڻ سرپرست اعلي ڌرتي ٽي وي عبرت اخبار قادر بخش ڪورائي صدر مهراڻ ٽي وي جو رپورٽر راجا آريسر سنئير نائيب صدر قومي نيوز جو رپورٽر امتياز علي آرائين نائب صدر سنڌ ڌرتي جو رپورٽر ڪامران علي ڪنڌاڻي جنرل سيڪريٽري آواز ٽي وي نيوز جو رپورٽر معشوق علي ڪورائي جوائنٽ سيڪريٽري هلچل ,سنڌ سماء چار نور حسن پنهور خزانچي برسات اخبار محمد جمن درس اطلاعات سيڪريٽري جذبو اخبار مقبول احمد آرائين آفيس سيڪريٽري کي ٽي اين جو رپورٽر امتياز علي ڪورائي ورڪنگ ڪاميٽي چئيرمين پريم ڪمار ايس ايس نيوز سنڌ سان ميمبر رستم علي ڪنڌاڻي سوال سنڌ ميمبر رحيم بخش ڪورائي آزاد سنڌ ميمبر انيل ڪمار ڪيمرامين ڪي ٽي اين نيوز چونڊيا ويا آخر ۾ اسان کان تازو وڇڙي ويل دوست محمد مقيم سوهو لاءِ دعا مغفرت پڙهي وئي

حيدرآباد ۾جعلي آئل فيڪٽري تي ڇاپي باوجود ايف آءِ آر داخل نه ٿي سگهي

اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي جي اڳواڻي ۾ تلسي داس روڊ ڳاڏي کاتي ۾قائم جعلي آئل فيڪٽري تي ڇاپي دوران جعلي آئل جا ڊرم ۽ ڪارٽن هٿ ڪيا

هٿ آيل جعلي آئل جا ڊرم ۽ ڪارٽن بلديه اينٽي انڪروچمينٽ سيل جي عملي جي مدد سان اينٽي انڪروچمينٽ فورس جي آفيس منتقل ڪيا ويا

گرفتار ڪيل 5 مزدورن کي فورٽ ٿاڻي منتقل ڪيو ويو،ضلعي انتظاميه طرفان ڪو به آفيسرايف آءِ آر داخل ڪرائڻ لاءِ ٿاڻي نه پهتو

ٿاڻي ۾موجود هڪ مزدور بيماري ۾ مبتلا،جنهن جي حالت خراب ٿي وئي،پوليس پاران ضلعي انتظاميه سان رابطا ڪيا ويا پر ڪو به جواب نه مليو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)ڇنڇر جي شام تقريباً پنجين وڳي ڌاري فورٽ ٿاڻي جي حدن اندر تلسي داس روڊ تي اسسٽنٽ ڪمشنر سٽي سيد نور جي سربراهي ۾ ضلعي انتظاميه جي آفيسرن پوليس سان گڏ هڪ آئل ڪارخاني تي ڇاپو هنيو. ان موقعي تي اي سي سٽي ميڊيا کي ٻڌايو ته ڊپٽي ڪمشنر سيد زين العابدين کي شڪايتون مليون هيون ته ڇاپايل ڪارخاني ۾ مختلف ٽريڊ مارڪ ڪمپنين جي ڊبن ۾ جعلي آئل ڀريو پئي ويو جنهن تي ڪارروائي عمل ۾ آندي وئي ۽ ڪيترائي ڊرم ۽ ڪارٽن هٿ ڪيا ويا ڇاپي دوران ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ 5 مزدورن لطيف آباد واسي عبدالرشيد، آفندي ٽائون واسي نعمان، تلڪ چاڙهي واسي احسان، پنجره پول واسي ڪاشف ۽ حالي روڊ واسي سلمان کي حراست ۾ وٺي فورٽ ٿاڻي منتقل ڪيو ويو جڏهن ته هٿ آيل آئل ۽ ٻيون شيون بلديه اينٽي انڪروچمينٽ سيل جي عملي جي مدد سان ڊي سي آفيس منتقل ڪيون ويون پر اتي جاءِ نه هئڻ سبب انهن کي اينٽي انڪروچمينٽ فورس جي آفيس لڏي سڙڪ تي منتقل ڪيو ويو.پر اجا تائين ضلعي انتظاميه طرفان واقعي بابت ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ لاءِ ڪو به آفيسر ٿاڻي نه پهتو آهي. فورٽ پوليس پاران ضلعي انتظاميه جي آفيسرن ۽ اي سي سٽي جي آفيس سان ڪيترائي ڀيرا رابطا به ڪيا ويا آهن. پوليس ذريعن موجب، نه ته هٿ آيل مال پوليس حوالي ڪيو ويو آهي، نه ڪا تفصيل فراهم ڪئي وئي آهي ۽ نه ئي ڪنهن آفيسر پاران ايف آءِ آر يا شڪايت داخل ڪرائي وئي آهي. جڏهن ته 5 ڄڻن کي ٿاڻي ۾ ويهاريو ويو آهي. ٻئي طرف، حراست ۾ ورتل مزدورن جا گهر ڀاتي جن ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل آهن ڪلاڪن کان فورٽ ٿاڻي ٻاهران موجود آهن هڪ مزدور جي گهر وارن جو چوڻ آهي ته سندن ڀاءُ بيماري ۾ مبتلا آهي ۽ روزانو شام جو ڪيس اسپتال علاج لاءِ وٺي وڃڻو پوندو آهي، پر پوليس پاران حراست ۾ وٺڻ سبب سندس حالت خراب ٿي رهي آهي ۽ ڪيس بنا ڪنهن مقدمي جي حراست ۾ رکيو ويو آهي.هنن مطالبو ڪيو سندن همراهه کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو وڃي

جئي شنڪر مندر،مسان روڊ لاڙڪاڻو جي نئين سر مرمت جو افتتاح

اقليتي معاملن بابت معاون خاص ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي منصوبي جو افتتاح ڪيو

جئي شنڪر مندر جي بحالي سان مندر جي تاريخي حيثيت بحال ٿيندي:شام سندر آڏواڻي

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالوحيد ابڙو) لاڙڪاڻي وزيراعليٰ سنڌ جي اقليتي معاملن بابت معاون خاص ڊاڪٽر شام سندر کي آڏواڻي طرفان لاڙڪاڻو شهر ۾ واقع تاريخي جئي شنڪر مندر مسان روڊ لاڙڪاڻو جي بحالي نئين سر مرمت واري منصوبي جو افتتاح ڪيو.ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊاڪٽر شام سندر کي آڏواڻي چيو ته حڪومت سنڌ اقليتي برادرين جي مذهبي، ثقافتي ۽ تاريخي ورثي جي تحفظ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي. هن چيو ته جئي شنڪر مندر جي بحالي سان نه رڳو مندر جي تاريخي حيثيت بحال ٿيندي، پر هندو برادري کي پنهنجي عبادت ڪرڻ ۾ پڻ آساني ٿيندي هن وڌيڪ چيو ته پ پ پ جي چيئرمين ۽ سنڌ حڪومت جي ويزن تحت صوبي اندر سڀني اقليتي عبادتگاهن جي بهتري، بحالي ۽ تحفظ کي اوليت ڏني پئي وڃي، جيئن مذهبي هم آهنگي ۽ ڀائيچاري کي وڌيڪ هٿي ملي سگهي.ان موقعي تي هندو برادري جي معزز اڳواڻن علائقي جي معززن ۽ اقليتي کاتي جي عملدارن پڻ شرڪت ڪئي

لاڙڪاڻو: پ پ اڳواڻ ڊاڪٽر شام سندر مندر جو افتتاح ڪري رهيو آهي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
سومر 29 ڊسمبر 2025ع

ڳڙهي خدابخش مان اينڊڙ مفاهمتي سياست جو پيغام

ڳڙهي خدابخش ڀٽو هڪ ڀيرو ٻيهر رڳو يادگيرين جو مرڪز نه رهيو پر پاڪستان جي موجوده سياسي، معاشي ۽ قومي سلامتي بابت اهم پيغامن جو محور بڻيو. شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 18هين ورسيءَ تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت، خاص طور تي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر مملڪت آصف علي زرداري، جيڪي ڳالهيون ڪيون، سي رڳو جذباتي تقريرون نه پر انهن ۾ رياست، سياست، ادارن ۽ مفاهمت بابت واضح سياسي رخ موجود هو. بلاول ڀٽو پنهنجي خطاب ۾ انتهائي اهم نڪتي ڏانهن ڌيان ڇڪايو ته پاڪستان هن وقت رڳو معاشي بحران ۾ نه آهي، پر سياسي بحران به ملڪ کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي. ۽ جيستائين سياسي استحڪام نه ٿيندو، تيستائين معاشي بحالي ممڪن نه هوندي. هن وفاق کان مطالبو ڪيو ته صوبن کي وڌيڪ اختيار ڏنا وڃن ڇاڪاڻ ته 18هين ترميم جو روح وفاق کي مضبوط ڪرڻ سان گڏ صوبن کي بااختيار بڻائڻ آهي. هيءَ ڳالهه ياد ڏيارڻ ٿي ته پيپلز پارٽي هميشه وفاقي ڍانچي، اين ايف سي ايوارڊ ۽ صوبائي خودمختياريءَ جي محافظ رهي آهي. هن شهيد بينظير ڀٽو جي آخري سياسي پيغام مفاهمت کي ورجايو پر هن صاف لفظن ۾ چيو ته مفاهمت جو مطلب رياست تي حملا آورن کي ڪلين چٽ ڏيڻ يا 9 مئي جهڙن واقعن کي معافي ڏيڻ ناهي. سياست ۾ اختلاف، تنقيد ۽ جدوجهد ته ٿيڻ گهرجي پر بغاوت، غداري جي اجازت نه. هي پيغام اڄ جي سياسي ماحول ۾ خاص اهميت رکي ٿو جتي اختلاف کي دشمني ۽ تنقيد کي غداري سان جوڙيو وڃي ٿو.

صدر آصف علي زرداري پنهنجي خطاب ۾ قومي سلامتي ۽ دفاع بابت انتهائي سخت ۽ بي باڪ موقف اختيار ڪيو. هن ڀارت کي مخاطب ڪندي چيو ته ڀارت ڀلي پاڻ کي پاڪستان کان ڏهه ڀيرا وڏو ملڪ سڏائي پر بهادري، همت ۽ قربانيءَ جو جذبو انگن اکرن سان ماپيو نه ويندو آهي. صدر جو چوڻ هو ته پاڪستان جنگ نه ٿو چاهي پر جيڪڏهن ڪو ملڪ پاڪستان جي خودمختياريءَ کي للڪاريندو ته جواب سخت هوندو. هي موقف رياستي سطح تي 'امن سان گڏ تياري' واري نظريي کي اجاگر ڪري ٿو. صدر زرداري جو هي بيان به انتهائي علامتي اهميت جو هو جنهن ۾ هن چيو ته بينظير ڀٽو جي شهادت جو ڏينهن پاڪستان کي ورهائڻ جو ڏينهن بڻجي سگهيو پئي، پر هن 'پاڪستان کپي' جو نعرو هڻي ملڪ کي بچايو هيءُ نعرو رڳو لفظ ناهي، پر رياست جي وحدت ۽ وفاق جي بقا جي علامت بڻيل آهي.

ڳڙهي خدابخش مان اينڊڙ هي سمورو پيغام ٻن سطحن تي بيٺل نظر اچي ٿو هڪ پاسي قومي دفاع، خودمختياري ۽ مزاحمت ته ٻي پاسي مفاهمت، سياسي بردباري ۽ آئيني بالادستي. پاڪستان جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته جڏهن به سياست انتهاپسندي طرف وئي، ملڪ بحرانن ۾ ڦاٿو ۽ جڏهن مفاهمت اختيار ڪئي وئي، رياست مضبوط ٿي. ڪيڏو نه چڱو ٿئي ها ته پيپلز پارٽيءَ جي قيادت شهيد راڻيءَ جي شهادت واري ڏينهن تي سنڌ جي عوام سان به مفاهمت جو پيغام ڏي ها. جن مٿان گذريل چئن ڏهاڪن کان لاڳيتو حڪمراني ڪئي پئي وڃي. ويجهڙ ۾ ٿي ملازمن سنڌ سطح تي احتجاج شروع ڪيا هئا ته انهن کي مهانگائيءَ جي حساب سان رليف مهيا ڪيو وڃي. ڪين ٻين صوبن جيان ڊسپيرنسي الائونس ڏنو وڃي، انهن لاءِ ٿي ڪا خوشخبري ٻڌائي وڃي ها. يا اڄائي بيروزگارن کي سندن اهليت جي بنياد تي نوڪريون ڏيڻ جو اعلان ڪيو وڃي ها ته هاڻ ڪنهن به سفارشي يا ڏوڪڙ ڏيندڙ کي نوڪريون نه ڏنيون وينديون پر سنڌ جي مفاد خاطر فقط اهليت رکندڙ نوجوانن کي ئي نوڪريون ڏنيون وينديون. سنڌ جي زمينن جي ٿين وال ٿيڻ کي روڪڻ ۽ ڊاڙيل فيڪٽر جون جڙون اُکيڙڻ جا جيڪڏهن اعلان ڪيا وڃن ها ته هوند سنڌ واسين جو پنڌ سڄايو ٿي پوي ها. پر محسوس اِئين ٿئي ٿو ته هاڻ ڏيڻ لاءِ پيپلز پارٽيءَ وٽ ڪجهه ناهي رهيو. تنهن ڪري روايتي ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون. جيڪي هُنن ڪان پهريان وفاقي حڪومت ڪيترائي ڀيرا ورجائي چُڪي آهي.

موسمي سختين کي ڪيئن مُنهن ڏجي؟

ڊاڪٽر حبيب الحق رندڙ

گذريل سالن جي ڀيٽ ۾ سال 2025ع دوران سموگ جي خاتمي لاءِ وڌيڪ اثرائتا قدم کنيا ويا پر ان جي باوجود هن سال به شهري هن آفت جي اذيتن کان محفوظ نه رهي سگهيا. ڊسمبر جي انهن آخري ڏينهن ۾ گرمي پد گهٽجڻ سبب سموگ جي شدت ۾ ڪجهه گهٽتائي ضرور آئي آهي ۽ سال جي موڪلائيءَ سان گڏ اسموگ به ختم ٿي رهي آهي. پر وڏن شهرن ڏانهن ڏسندي، اهڙو تاثر ملي ٿو ڄڻ ته ايندڙ سال نون عذابن سان گڏ ڀيهر موٽي ايندو.

اڄو ته اِن چيلينج کي قبول ڪندي ايندڙ سال لاءِ اڳواٽ تياريون ڪريون ۽ اسموگ جي مڪمل خاتمي جو پڪو ارادو ڪريون. خاص طور تي پنجاب حڪومت اسموگ جي خاتمي ۽ مانيٽرنگ لاءِ جيڪي قدم کنيا آهن، انهن جي نتيجي ۾ گذريل سالن جهڙي شدت ۾ واڌارو نه ٿي سگهيو. مثال طور وڏن شهرن ۾ ايئر ڪوالٽي مانيٽر لڳائڻ سان اسموگ جي نوعيت ۽ شدت بابت اهم ڄاڻ ملي. حدخلين جي خاتمي سان شهرين کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي پيادل هلڻ جو موقعو مليو. شهري گهٽائيءَ ۾ ڪجهه گهٽتائي آئي، جڏهن ته شهري ڪچري جي مناسب بندوبست ۽ پاڻيءَ جي ڇنڊڇاڻ جهڙن قدمن سان اسموگ جي شدت ۾ ڪنهن حد تائين بريڪ لڳي آهي.

ان کان علاوه وڏن شهرن ۾ برقي ٽرانسپورٽ جو آغاز هڪ اهم ماحول دوست قدم آهي. مطلب ته هاڻي ادارن ۽ عوامي حلقن ۾ اسموگ سان مقابلي جو شعور موجود آهي. جيتوڻيڪ اسموگ جي نهڻ جو عمل سڄو سال جاري رهندو آهي پر وڏن شهرن، خاص طور تي لاهور ۾، آڪٽوبر کان ڊسمبر تائين اسموگ شدت سان حملو ڪندي آهي ان جا اهم سبب فضائي ذرات جو نميءَ سان ميلاپ، هوا جو بيهجي وڃڻ ۽ لاهور جي شهري علائقن جو ڀرپاسي وارن علائقن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ گرمي پد آهي. انهن عنصرن جي نتيجي ۾ ارٻن لاهور مٿان اسموگ جو هڪ گنبذ جهڙو غير ڏسڻ جهڙو اُفقي گهيرو ٺهي وڃي ٿو جنهن ۾ ٻاهران ايندڙ اسموگ به شامل ٿي وڃي ٿي پر بدقسمتيءَ سان ان گنبذ اندر موجود لاهوري اسموگ ٻاهر نڪري نٿي سگهي. اهڙيءَ طرح روز بروز اسموگ جي شدت وڌندي رهي ٿي. جيڪڏهن اسموگ پيدا ڪندڙ انهن عنصرن کي ختم ڪيو وڃي ته اڳواٽ ئي اسموگ تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو.

گاڏين ۽ ڪارخانن مان فضائي آلودگي گهٽائڻ لاءِ ضروري آهي ته فيول جي معيار کي يقيني بڻايو وڃي. لاهور شهر ۾ لڳايل سدائين سائي رهندڙ وڻ آڪٽوبر ۽ ڊسمبر ۾ گهٽي نمي پيدا ڪن ٿا، جيڪا اسموگ کي وڌائي ٿي. جيڪڏهن انهن جي جاءِ تي پنجاب جا روايتي مقامي وڻ پوکيا وڃن ها، ته نه رڳو خوبصورت آواز وارا پکي وڏي انگ ۾ شهرن ڏانهن موٽي اچن ها پر بهار جي موسم ۾ پَنَ ڇڻڻ سبب اهي وڻ نمي مهيا نه ٿا ڪن، جنهن سان اسموگ جي شدت گهٽجي سگهي ها.

ساڳي طرح شهرن ۾ ٽريفڪ ۽ لامحدود ڪنڪريٽ تعميرن تي ڪنٽرول ڪرڻ ضروري آهي. گذريل ڪجهه سالن دوران حڪومتن اسموگ جي پيدائش کان پوءِ ان جي خاتمي لاءِ جيڪي قدم کنيا، سي گهڻو اثرائتا ثابت نه ٿي سگهيا. هن طريقي سان فيول جي سڙڻ دوران پيدا ٿيندڙ ڪاربان جا ننڍا ذرڙا ۽ سلفر، نائٽروجن گئسون سڌي رستي بدران وڪڙيل ۽ ڊگهي رستي سان چمني مان ٻاهر نڪرن ٿيون. ان سان ظاهري طور آلودگي گهٽ نظر اچي ٿي پر حقيقت ۾ ان جو مڪمل خاتمو نٿو ٿئي. البت هن ٽيڪنالاجيءَ ڪان پوءِ انهيءَ جون قيمتون ضرور بيحد وڌي ويون آهن. ساڳيءَ طرح موٽر گاڏين ۽ ٽرڪن جي سخت چيڪنگ، فيول ڪوالٽي ۽ اسموگ ڪنٽرول لاءِ به خاطرخواهه نتيجا نه ٿي سگهيا آهي خراب پيٽرول ۽ ڊيزل جو مسئلو رڳو گاڏيون پڪڙڻ سان حل نٿو ٿي سگهي ان لاءِ پٽرول پمپن جي روزاني بنياد تي جاچ جو مؤثر نظام ناهڻ ضروري آهي ۽ اسمگل ٿيل فيول جي سپلاءِ لائين کي مڪمل طور ختم ڪرڻو پوندو. ارٻن لاهور جي ڀرپاسي پاور جنريشن پلانٽن لاءِ متبادل فيول يا ٽيڪنالاجيءَ بابت تجويزن تي عمل ٿيڻ گهرجي. هڪ اندازي موجب ساهيوال ۾ قائم ڪوئلي تي هلندڙ پاور پلانٽ ۾ ڪوئلي جي استعمال جي مقدار پوري پنجاب ۾ هلندڙ ڀٽن جي گڏيل استعمال کان به وڌيڪ آهي. جيڪڏهن فيول يا ٽيڪنالاجيءَ ۾ تبديلي ممڪن نه هجي ته گهٽ ۾ گهٽ اسموگ جي ٽن مهينن دوران ان پلانٽ کي عارضي طور بند ڪيو وڃي. ان دوران ڪنڪريٽ برڪس جي استعمال کي هٿي ڏني وڃي، ڇاڪاڻ ته زرخيز زمين مان کڍيل ڪچي مٽيءَ جو اِٽن لاءِ استعمال ماحوليات ۽ زمين جي زرخيزيءَ لاءِ پاڻ ۾ هڪ وڏو نقصان آهي. موٽر گاڏين ۽ ٽرڪن جي آلودگيءَ تي ڪنٽرول ضروري آهي پر ان چيڪنگ سان گڏ انهن پٽرول پمپن جي سڃاڻپ به ڪئي وڃي، جيڪي ناقص فيول وڪرو ڪن ٿا. بنا ڪنهن فرق جي سڀني پٽرول پمپن ۾ معيار يقيني بڻائڻ لاءِ مستقل نگرانيءَ جو نظام جوڙيو وڃي.

شهرن اندر ٽريفڪ جي دٻاءَ ۽ فضائي آلودگي گهٽائڻ لاءِ سرڪاري ادارن، عدالتن ۽ ڪاروباري مرڪزن کي آباديءَ جي تناسب سان شهر کان ٻاهر منتقل ڪيو وڃي وڏن شهرن ۾ بار بار انفراسٽرڪچر اُکيڙڻ کان پاسو ڪيو وڃي. تعميراتي سامان جي ٻاهران آڻڻ ۽ ٽرڪن وسيلي منتقليءَ کي گهٽائڻ لاءِ پراڻي مٽيريل کي ٻيهر استعمال ۾ آندو وڃي لاهور اصل ۾ اسموگ سبب هڪ متاثر ۽ بيمار شهر بڻجي چڪو آهي. تنهن ڪري ان ۾ عارضي طور تي خاص انتظامي اختيار استعمال ڪرڻ گهرجن. اسموگ وارن مهينن يعني آڪٽوبر کان ڊسمبر تائين عمارتن ۽ موٽر گاڏين ۾ ايئر ڪنڊيشنر جي استعمال تي پابندي لڳائي وڃي ته جيئن گرمي پد جي فرق کي گهٽائي سگهجي، جنهن سان ٻاهران ايندڙ اسموگ ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي. ياد رکڻ گهرجي ته اسموگ اسان جي وڏن شهرن جو بنيادي طور مقامي مسئلو آهي. جيتوڻيڪ پاڙيسري ملڪن مان ايندڙ اسموگ به ان ۾ حصو شامل ڪري ٿي پر جيڪڏهن اسان پنهنجي مقامي فضائي آلودگي ۽ ان جا سبب ڪنٽرول ڪري وٺون ته ٻاهران ايندڙ اسموگ جا اثر انتهائي گهٽجي سگهن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح اسان جي شهري آباديءَ لاءِ سُکون ۽ تحفظ جو انتظام ممڪن بڻجي سگهي ٿو.

2026ع، 2025ع کان گهڻو مختلف نه هوندو!


محمود شام

سال 2025ع ڪيترين ئي بي رحمين، سختين ۽ غير يقيني حالتن سان گڏ الوداع ٿي رهيو آهي. نئون سال 2026ع به ٽي ڏينهن بعد شروع ٿيڻ وارو آهي. رسمي طور تي اسين نئون سال مبارڪ ته چئي سگهون ٿا، پر ڪا وڏي اميد ٻڌڻ مشڪل نظر اچي ٿي. چو ته 2025ع ۾ ڪيل فيصلا ۽ کنيل قدم ئي 2026ع ۾ نتيجن جي صورت ۾ سامهون ايندا. 2025ع اهڙو سال رهيو آهي، جنهن کي الوداع چوندي ڪو خاص افسوس محسوس نه ٿيندو. سال جي شروعات ۾ اسان گهڻيون دعائون به گهريون هيون پر ان کي نه سياسي طور مثالي بڻائي سگهياسين نه وري سماجي ۽ نه ئي معاشي طور.

دفاعي لحاظ کان مئي مهيني ۾ پاڪستان کي ڀارت جي جارحيت جو جواب ڏيندي جيڪا خوشي نصيب ٿي، اها اهم هئي. دنيا پاڪستان جي دفاعي برتري کي تسليم ڪيو. حڪمران پارٽين پنهنجي هٿياربند فوجن جي ان ڪارڪردگيءَ جي ساراهه ڪئي. بري فوج جي سربراهه کي فيلڊ مارشل جو عهدو ڏنو ويو پوءِ هڪ آئيني ترميم ذريعي ڪيس پنجن سالن لاءِ ڪمانڊر آف ڊفينس فورسز پڻ مقرر ڪيو ويو ۽ ايندڙ ڪنهن به احتساب کان به استثنا ڏني وئي.

پاڪستان جا ماڻهو جتي به رهن ٿا، سنڌ، بلوچستان، پنجاب، خيبر پختونخوا، آزاد جموں ڪشمير، گلگت بلتستان يا وري پرڏيهه ۾- انهن جي پاڪستان سان وابستگي ۽ وفاداري اٽل آهي. پر ملڪ اندر رهندڙ اڪثريت سخت مسئلن ۾ ڦاٿل آهي. روزگار جا نوان در کلي ناهن رهيا، وڏا ڪارخانا نٿا لڳن، بيروزگاري وڌي رهي آهي. غربت جي لڪير کان هيٺ رهندڙ ماڻهن جو انگ وڌندو پيو وڃي. سراسري آمدني، ضروري خرچن جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. پاڪستاني روپئي کي ڪو مضبوط سهارو نٿو ملي. هڪ ڊالر 280 رپين تائين پهچي چڪو آهي. 1985ع کان جيڪي سياسي قيادتون پاڪستان کي مليون، اهي اڄ به حڪومت ۾ اتحادي آهن. 1985ع ۾ هڪ ڊالر 15 رپين جو هو اڄ 280 تائين پهچي ويو آهي، جنهن جا اثر مجموعي معيشت تي تمام گهڻا منفي پئجي رهيا آهن.

اڄ- پنهنجن پوٽن، پوٽين، پٽن، ڌيئرن، ڏهٽن ڏهٽين ننهن ۽ ناٺين سان گڏ ويهي ماني کائڻ ۽ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو ڏينهن هو اسان جي گذارش اها ئي هوندي آهي ته اوهين قومي سطح تي شايد ڪا وڏي تبديلي نه آڻي سگهو پر پنهنجي گهر ۾ تبديلي آڻي ان کي مضبوط ضرور بڻائي سگهو ٿا. جيڪو اسان جي وس ۾ آهي، اهو ته ضرور ڪيون. پنهنجي اولاد کان پڇو ته 2026ع لاءِ انهن جا ڪهڙا ارادا آهن ۽ اهي 2026ع کي ڪيئن ڏسڻ چاهين ٿا. گهر اندر جيڪي ڪم اڌورا آهن. انهن کي هن سال مڪمل ڪريو. پاڙي ۾ جيڪڏهن ڪو مسئلو آهي ته گڏجي حل ڪيو. قومون اهڙيءَ طرح ئي ترقي ڪن ٿيون.

مان ته ڏينهن رات اهو ئي سوچيندو رهندو آهيان ته اسان جو اولاد، جيڪو سوشل ميڊيا جي ڪري اسان کان وڌيڪ باخبر آهي، ان جي نظر ۾ آخر هڪ مثالي معاشرو ڪهڙو آهي؟ اهي يورپي ملڪن ۾ وڃڻ لاءِ پنهنجي جان کي خطري ۾ ڇو وجهن ٿا؟ پنهنجا گهر ۽ زرعي زمينون ڇو وڪرو ڪن ٿا؟ انهن ملڪن جون ڪهڙيون سهولتون آهن، جيڪي ڪين ايترين پرڪشش لڳن ٿيون؟ منهنجي گذارش اها به آهي ته اسان جون يونيورسٽيون ۽ تحقيقي ادارا نوجوانن جي لاڏڻ بابت رپورٽون تيار ڪن- ته اڪثريت نوجوانن جي نظر ۾ هڪ مثالي ملڪ جون ڪهڙيون خاصيتون آهن؟ خوشحاليءَ جو تصور ڪهڙو آهي؟ ڪهڙي سسٽم ۾ هو پاڻ کي محفوظ ۽ ڪارائتو محسوس ڪن ٿا؟ پاڪستان جي موجوده سماج ۾ کين ڪهڙيون مشڪلاتون نظر اچن ٿيون، جن سبب هو هتان وڃڻ کي بهتر سمجهن ٿا؟

اسان جون حڪمران قومي سياسي جماعتون پنهنجي جاءِ تي مطمئن ۽ خوش نظر اچن ٿيون ۽ انهن جا اڳواڻ ڪليل نموني چون ٿا ته ملڪ اڳتي وڌي رهيو آهي. ڪجهه عالمي مالي ادارا به پاڪستان جي انگن اکرن کي بهتر قرار ڏئي رهيا آهن. پر 2025ع ۾ جنهن نموني ڏينهن رات گذريا آهن، ڇا مسلم ليگ (ن)، پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيو ايم جي نظر ۾ اهي ئي مثالي علامتون آهن؟ هڪ عام پاڪستاني کي روزانو جنهن سسٽم کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ڇا اهو حڪمران جماعتن لاءِ فخر جوڳو آهي؟

معاشي ماهرن موجب اسان جي اقتصادي نظام ۾ گهڻيون خلائون آهن. درآمد وڌي رهي آهي. برآمد اڃا تائين گهٽ آهي. مينوفيڪچرنگ انتهائي گهٽجي وئي آهي. 2025ع به ان حوالي سان گهڻو حوصلا افزا نه رهيو جن حلقن ۾ اسان جو اچڻ وڃڻ آهي، اتي به اهو ئي تاثر ملي ٿو. تازو پنج ڏينهن واري ڪتاب ميلي ۾ جن سوين ٻزرگن، مائرن، ڀينرن، ڌيئرن ۽ استادن سان ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ هاڻي ڪراچيءَ ۾ پاڪستان آرٽس ڪائونسل ۾ ٿيندڙ عالمي اردو ڪانفرنس، ملڪ ڀر ۾ ٿيندڙ ڪتاب ميلن ۽ لٽريچر فيسٽيولز ۾ به حساس ماڻهو گڏ ٿين ٿا، پر ڪٿي به اطمينان ۽ تسڪين جو احساس نظر نٿو اچي. ادبي تخليقن ۾ به عدم تحفظ جو احساس وڌندو پيو وڃي.

ان سڀ جي باوجود، هڪ عام پاڪستانيءَ جي ڪوشش اها ئي آهي ته سندس انفرادي ڪردار سان ملڪ کي استحڪام ملي. پر اسان وٽ اهڙو سماجي ۽ معاشي نظام فعال ناهي ۽ نه ئي اهڙو سازگار ماحول موجود آهي، جتي هر پاڪستانيءَ جي سوچ ۽ ڪوشش سڌي طرح ملڪ کي مضبوط ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي. عام تاثر اهو آهي ته حڪمران طبقو پاڻ کي عقلِ ڪُل سمجهي ٿو. ميڊيا جا مشورا هجن يا تحقيقي ادارن جون رپورٽون، انهن مان عام طور فائدو نٿو ورتو وڃي.

جمهوري معاشرن ۾ ۽ انهن ملڪن ۾ جتي سالن جي محنت، جدوجهد ۽ فڪري ڪوششن سان نظام جوڙيا ويندا آهن، آئين منظور ڪيا ويندا آهن. انهن جي دائري ۾ رياستي ادارا، سرڪاري کاتا، نجي ڪاروباري شعبي ۽ تعليمي ادارا ڪم ڪن ٿا. انهن ڪامياب قومن اهڙا اصول ۽ حدون مقرر ڪيون آهن، جن اندر هر فرد جي سوچ ۽ ڪوشش سڌي طرح ملڪ جي استحڪام ۾ نتيجه خيز ڪردار ادا ڪري ٿي. اسان وٽ اهڙي نيت ورڪ کان ڇو پاسو ڪيو وڃي ٿو؟

افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته رياست ۽ رياست جي عوام جي اڪثريت وچ ۾ وڇوٽيون وڌنديون پيون وڃن. هڪ پاسي عوام پاڻ کي بي وس ۽ بي اثر سمجهي ٿو، ٻئي پاسي رياست ان اڪثريت کي اجنبي سمجهڻ لڳي ٿي. پوءِ رياست جي سوچ اها بڻجي وڃي ٿي ته وڌيڪ سختي اختيار ڪئي وڃي، پاڻ کي وڌيڪ اختيار ڏنا وڃن- ۽ ان کي ئي ملڪ جي بقا سمجهيو وڃي. 2025ع ۾ هن سوچ ۾ وڌيڪ شدت آئي آهي. حڪمران هن سال تمام گهڻا فعال نظر آيا آهن. پر انهن سرگرمين جو ملڪ جي معيشت تي ڪهڙو اثر پيو؟ هڪ عام ماڻهوءَ جي مالي حالت ۾ ڪيتري بهتري آئي؟

هاڻي سوال اهو ئي آهي ته 2025ع ۾ قومي سياسي قيادتن جا جيڪي رويا رهيا آهن، انهن جي نتيجي ۾ 2026ع ۾ انهن سياسي جماعتن ۽ انهن جي پاليسين کان ڪنهن به شعبي ۾ ڪا بهتري جي اميد رکي سگهجي ٿي يا نه؟

منصب جو لحاظ

رشيد صافي

اسان جي سماج ۾ مهمان کي خاص اهميت حاصل آهي. مهمان نوازي اسان جي اها پراڻي روايت آهي جيڪا دشمن لاءِ به پنهنجا دروازا بند نٿي ڪري. جيڪڏهن مهمان منصب ۾ اعليٰ مقام تي هجي ته ان جي اهميت اڃا ئي وڌي وڃي ٿي جڏهن غير ملڪي سربراهه ملڪ ۾ اچن ٿا يا اعليٰ شخصيتون پاڪستان اچن ٿيون ته اسان انهن جي سهولت ۽ پروٽوڪول لاءِ هر ممڪن ڪوششون ڪيون ٿا ۽ جيستائين اهي محفوظ نموني رخصت نه ٿين، سيڪيورٽي ۽ انتظامي ادارا چوڪس رهندا آهن.

اهڙي طرح جڏهن ڪنهن صوبي جو وزيراعليٰ يا وزير ٻئي صوبي جي دوري تي وڃي، سياسي اختلافات پنهنجي جاءِ تي پر منصب جي لحاظ سان ان جي خاطرداري ۽ وقار جو تحفظ ڪرڻ ميزبان صوبي جي اخلاقي ۽ انتظامي ذميواري هوندي آهي افسوس جوڳي ڳالهه آهي ته جڏهن سياسي حريفن جي ڳالهه اچي ٿي ته اسان اڪثر انهن سڀني اعليٰ انساني ۽ پارلياماني اصولن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهيون. اهو ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي ته غلط ڪم ڪنهن به صورت، ڪنهن به جاءِ تي ۽ ڪنهن جي طرفان ڪيو وڃي، غلط ئي رهندو. اخلاقيات جو ڪِرندڙ معيار ڪنهن به تهذيب يافته سماج لاءِ زهر آهن.

خيبرپختونخوا جي وزيراعليٰ سهيل آفريدي سان پيش آيل واقعو انهيءَ ئي سلسلي جو حصو آهي. جيڪو سياسي تلخين جي پيٽ ۾ اچي ويو. هي واقعو صرف هٿاپائي نه هو، پر هڪ منتخب نمائندي جي منصب ۽ وفاقي اداري جي ٻئي صوبي ۾ وقار جو معاملو هو. هن واقعو جي جيتري به مذمت ڪئي وڃي، گهٽ آهي. چو ته اها اسان کي ماضيءَ جي زخمن جي ياد ڏياري ٿي، جيڪي اسان سياسي انتقام جي نالي تي هڪ ٻئي کي ڏنا هئا. سهيل آفريدي سان پيش آيل واقعو ايترو ئي قابل مذمت آهي جيترو ته آڪٽوبر 2020 ۾ مريم نواز ۽ ڪيپٽن (ر) صفدر سان ڪراچيءَ ۾ پيش آيل واقعو شرمناڪ ۽ قابل مذمت هو. جيئن ته اهو واقعو سنڌ ۾ پيش آيو هو جتي پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت هئي ۽ پي ڊي ايم جي اتحادي پڻ هئي، تنهنڪري سنڌ حڪومت جو ردعمل انتهائي سخت هو. صوبي جي وزير سعيد غني واضح ڪيو ته گرفتاري سنڌ حڪومت جي حڪم تي نه هئي، جنهن سان اهو تاثر پيدا ٿيو ته صوبي جي خودمختياريءَ ۾ مداخلت ڪئي وئي آهي. صوبي جي حڪومت جي طرفان ردعمل ايترو شديد هو جو سنڌ پوليس جي 15 اعليٰ آفيسرن احتجاجن موڪلون وٺڻ جون درخواستون ڏنيون. بلاول ڀٽو زرداريءَ جو ردعمل هڪ ميزبان جي تڙپ هئي. بعد ۾ معلوم ٿيو ته اهو سڀ اسلام آباد ۾ ويٺي هڪ طاقتور شخصيت جي اشارن تي ٿيو هو هن پس منظر کان پوءِ جمعي ڏينهن پنجاب اسيمبليءَ جي داخلي رستي تي پيش آيل ناخوشگوار واقعو پڻ انهيءَ ئي سياسي عدم برداشت جي ڪهاڻي ٻڌائي ٿو. وزيراعليٰ خيبرپختونخوا سهيل آفريدي پنهنجي ساٿين ۽ گارڊز سان پنجاب اسيمبلي پهتو. جتي بدمزگي ٿي. پنجاب اسيمبلي انتظاميه جو موقف آهي ته اهي صرف پنهنجي سيڪيورٽي پروٽوڪول تي عمل ڪري رهيا هئا ۽ لسٽ مطابق ماڻهن کي اندر وڃڻ جي اجازت ڏئي رهيا هئا. قانون سڀني لاءِ برابر آهي ۽ مسلح ماڻهن جو اسيمبليءَ ۾ زبردستي داخل ٿيڻ جرم آهي. اهو موقف پنهنجي جاءِ تي صحيح آهي، پر هڪ صوبي جي وزيراعليٰ سان پيش ايندڙ رويو سوال اٿاري ٿو.

مهمان نوازي ۽ پارلياماني روايتن جي تقاضا اها آهي ته جيڪڏهن ڪو ٽيڪنيڪل مسئلو به هو، ان کي افهام وتفهيم ۽ شائستگيءَ سان حل ڪيو وڃي ها. خيبرپختونخوا حڪومت هن کي وفاقي اداري ۾ فرق پيدا ڪرڻ جي سازش قرار ڏني آهي هن واقعي پنجاب ۽ خيبرپختونخوا جي وچ ۾ هڪ نئين سياسي جنگ شروع ڪري ڇڏي آهي. غير جانبدار حلقا چون ٿا ته سهيل آفريدي ڪنهن به سياسي جماعت سان تعلق رکندڙ هجي، پر هو هڪ صوبي جي عوام جو نمائندو آهي. هن سان بدسلوڪي ان صوبي جي عوام جي توهين آهي. ميزبان تي وڌيڪ ذميواري هجڻ باوجود، مهمان جو اخلاقي فرض آهي ته هو حدن جو احترام ڪري. وزيراعليٰ خيبرپختونخوا سان گڏ آيل مينا خان ۽ شفيع جان جو غير شائسته رويو اختيار ڪرڻ پڻ قابل مذمت آهي. صحافتي سوالن ۾ به خاص تعصب ظاهر ٿيو سياستدانن کي سمجهڻ گهرجي ته اقتدار ڪڏهن هڪ جاءِ تي نه رهندو. اڄ جيڪي اقتدار ۾ آهن ۽ مخالفن سان امتيازي سلوڪ ڪن ٿا، سڀاڻي انهن کي پڻ اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻو پوندو. اهڙا واقعا ڪنهن به جاءِ ۽ صورت ۾ قابل مذمت آهن ۽ فقط ملڪ ۾ نفرت ۽ ويڇا پيدا ڪن ٿا. سياستدانن کي اهڙو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي جو هڪ ٻئي لاءِ احترام جي گنجائش پيدا ٿئي. جيڪڏهن پاڻ هڪ ٻئي جي منصب ۽ وقار جو لحاظ نه ڪندا ته عوام يا انتظامي ادارن کان توقع ڪيئن ڪري سگهبي؟ اقتدار جي ڏينهن ۾ اهڙو رويو اختيار ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي ته جو اقتدار کان هٽڻ بعد انهن کي به اهڙن تلخ تجربن مان گذرڻو پوي.

'عاشق زهر پياڪ، وهه پسيو وهسن گهڻو'

فقير حاجن نظاماڻي

عاشق زهر پياڪ، وهه پسيو وهسن گهڻو
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميشه هيراڪ
لڳين لنئون لطيف چئي، فنا ڪيا فراق
توڙي چکن چاڪ، ته به آهه نه سلن عام سان

لطيف سائينءَ جي سورمين ۽ سورمن ڪانسواءِ ٻنا تالي ڪردارن جي عشق جي ڳالهه ڪنداسين. لطيف سائينءَ جي ڪلام مان عشق هر جڳهه تي چمڪي پيو، جنهن جي روشني پوري دنيا تائين پکڙيل آهي. فقير چون ٿا ته، عشق جي معاملن تي سائنس جي ڪا رسد نه پهتي آهي، پر پوءِ به ڪوشش ڪئي اٿن. پهچ حاصل ڪري به عشق کي ڇا ڪندا؟ عشق پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان آهي، نه نفعي جي پرواهه نه زندگي موت جي قصد، طالب ۽ مطلوب پاڻ هڪ آهن. بس ٻئي سان هڪ ٿي رهڻ جي خواهش هوندي آهي. فاصلا، وقت عشق جي اڳيان محتاج آهن. زندگيءَ جو احساس دوست جي موجودگي ۽ موت عليحدگي کي چون ٿا ته لطيف سائين جن فرمائين ٿا ته،

اٿياري اُٿي ويا، منجهان مون آزار
حبيب ئي هٽي ويا، پيڙا جي پچار
طبيبن تنوار هڏ نه وٺي هاڻ مون

هن بيت ۾ لطيف سائينءَ عشق جي ڪيفيت جي ڳالهه ڪئي آهي ته جڏهن محبوب مون وٽان اٿيا ته منهنجو جيءَ ۾ آزار اٿاري ويا. منهنجا محبوب، حبيب آهن پر جڏهن مون وٽان اٿيا ته سورن جي پچار جو سبق ڏيئي ويا. منهنجي مرض جا طبيب صرف منهنجا محبوب ئي آهن. منهنجي جان جسم پنهنجي پرينءَ ڪانسواءِ بلڪل پسند نه آهي. پنهنجي ڪيفيتن جو تذڪرو فقيرن اهڙيءَ ريت ڪيو آهي، جنهن مان پتو پوي ٿو ته عشق جي خوراڪ محبوب جي صورت جو درشن آهي. وجود جي وار وار مان انسان، پيڙا کي بخوبي محسوس ڪري سگهي ٿو. جدائي واري حال ۾ هجي يا وصال واري ڪيفيت ۾ هجي، پر انهن احساسن جي ترجماني عاشقن ڪئي آهي.

هڏ نه وٺي هاڻ ٿو، ويڄن جو وصال
هن منهنجي حال، حبيب ئي هادي ٿيو.

جڏهن عشق جي ڪيفيت ۾ جدائي وارو ماحول هجي ته عاشق جي اندر ۾ سواءِ پنهنجي محبوب جي ٻيو ڪوبه نٿو وٺي هن بيت ۾ لطيف سائين جن عڪاسي ڪئي آهي ته جڏهن جدائي ٿي وئي آهي ته عاشق بيماري واري حالت ۾ يار جي ياد ۾ تڙپي رهيو آهي. ڊاڪٽر دوا جي لاءِ آيو آهي، جنهن کي سنڌي ويڄ چئون ٿا، اهو ڏئي نٿو وٺيس. ان ڊاڪٽر کي چوي ٿو ته منهنجي هن حال جو حبيب هادي پنهنجو محبوب آهي. هر عاشق جي ڪيفيت جي عڪاسي هن بيت ۾ ٿيل آهي. پر ڪيفيت کي سمجهڻ لاءِ به انهيءَ ڪيفيت مان گذرڻ لازمي آهي. ته ته عام ماڻهو هنن اعليٰ ڪيفيتن کي وقت جو زيان چون ٿا. يا وري جسماني ٿڪاوٽ جي آسائش ڪوٺين ٿا. پر عشق جي ڪيفيت کي به ڪي عاشق سمجهن ٿا. ٻين ماڻهن جي لاءِ هي تحفو ڏٺيءَ عطا نه ڪيو آهي، چون ٿا ته هر ڪنهن روح کي هيءَ عشق جي ڪيفيت نصيب ناهي ٿيندي. جنهن پاڪ روح کي رب سائين مقام عطا ڪري، عشق جي ڪيفيت گهٽ ظرف وارن لاءِ نه هوندي آهي. اعليٰ ظرفن کي جڏهن ملندو آهي ته ضمير روشن ٿي ويندو آهي. فقير چون ٿا ته جڏهن عشق جو سواد انسان جي وجود سان ملي وڃي ٿو هيءَ دنيا رنگين ۽ خوشبوادر ٿي لڀائيندڙ ٿي لڳي.

حبيب ئي هادي ٿيو رهنماءِ راحت
پيڙا نيئين پاڻ سين، لاٿي ڏئي لٿ
سپيريان صحت، ڏنيم منجهان ڏڪندي.

لطيف سائينءَ جن فرمائين ٿا ته حبيب ئي هادي ٿين ٿا ته انهن جي رهنمائي راحت ٿي پوي ٿي. سورن، پيڙائن کي ڇڪي لٽ ڏيئي ڪڍي ڇڏين ٿا. پرين صحت ته ڏين ٿا پر انهيءَ لاءِ ڏڪندي واري حالت مان گذرڻو پوي ٿو. فقير چون ٿا ته عشق جا انداز نرالا آهن. جدائي ۽ پيڙا ۾ به محبوب جي انسان ويجهو رهي ٿو پري ٿيڻ نه ڪنهن به صورت ۾ محال هجي ٿو. وصال هجي يا فراق جو ڦندو ڪنڌ ۾ هجيس. هر گهڙي پُرڪشش ڪيفيت عاشقن جي هوندي آهي. دنيا کان ماورا هي انسان پنهنجي وجود ۾ پنهنجي محبوب کي ڳوليندا آهن. سور به محبوبن سان گڏ هجن ٿا ته ديدار به يار جو هوندو اٿن.

ساٿر صحت سپرين آهي نه آزار
مجلس وير مٿو ٿئي، ڪوئيندي قهار
خنجر تنهن خوب هڻي جنهن سين ٿئي يار
صاحب رب ستار سوجهي رڳون ساهه جون.

لطيف سائين جن هن بيت ۾ فرمائين ٿا ته ساٿر يعني مرض جو علاج، ٺڪي ڦڪي، (ساٿر هڪ اهڙي ٻڪي آهي جيڪا ٻهراڙين جا ماڻهو ڦٽن تي هڻندا هئا يا اڄان به ڪٿي ان عمل کي دهرايو ويندو هجي پر هاڻ سائنسي طبع جو دور هلي رهيو آهي) لطيف سائين فرمايو آهي ته منهنجو محبوب منهنجي لاءِ علاج آهي. عشق ۾ ڪو به آزار ناهي هوندو. پر جڏهن محبوب سڏيندو آهي ته ان مهل مٺو هوندو آهي. ڇو جو ان جو نالو قهار به آهي. جنهن سان ياري رکي ٿو ته ان کي خنجر خوب هڻي ٿو صاحب جي نظر ساهه جي رڳن تي هوندي آهي. فقير چون ٿا ته، عشق ۽ عبادت ۾ دوئي ڪرڻ يعني ڪنهن ٻئي کي شريڪ ڪرڻ ڪفر آهي. ان ڪري عاشق پنهنجي محبوب کي ٻين لوازمات کان پري ڇڏيندو آهي. ان کي جيڪا تڪليف ٿئي ته اها ڪيفيت ٻين شين کان پري ڪرڻ ئي هوندو آهي، جنهن کي عام طرح تڪليف چيو وڃي ٿو.

ايڪ پيالو ٻه ڇٽا، عشق نه ڪري اِٽ
مائين ڪين مياڻ ۾، ٻه ترارين ٽٽ
ايءَ پر آهي اُٽ، جتي ناتو ناهه ڪو.

لطيف سائين جي انداز بيان ۾ جيڪو راز سمايل آهي، ان جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. ڪيئن ان جي تشريح ڪجي. ڪهڙيءَ ريت ان ڳالهه جي حق جي ادائگي ڪجي. پر انهن لفظن جو لطف حاصل ڪرڻ لاءِ ڪا ڳالهه ڪرڻي پوي ٿي، جيڪا اندر ۾ ويهي رهي ٿي. هر دفعي لطيف سائينءَ جي بيتن جي ڪيفيت ۽ سوادي ڏائقو مٽيل ملي ٿو. هي هڪ ڳالهه جو ثبوت آهي ته لطيف سائين پنهنجي اصل ڪيفيت اسان لاءِ رکي آهي. جهڙي حالت ۾ اسان آهيون ان ڳالهه جو اسان اندازو لڳائي سگهون ٿا. فقير چون ٿا ته، عشق جي ڪيفيت حقيقي هجي يا مجازي فرق صرف محبوب هوندو آهي پر عاشق جي اندر ۾ حقيقي جذبو ئي هوندو آهي، جنهن جو نالو مجازي هجي يا حقيقي هجي، اندر جي حالت ساڳي هوندي آهي. پر هنن ڳالهين جي خبر به انهن ماڻهن کي پوندي جيڪي هنن حالتن مان گذريا هوندا ته عاشق ۽ معشوق جي وچ وارو وقت ۽ فاصلو ڪيئن ختم ٿئي ٿو ٻن جسمن جي مٿان عشق هڪ سواري مخلوق جي عقل کي خاموش ڪيئن ڪري ٿي ڇڏي، پر هن عشق جي اعليٰ جذبي کي حاصل ڪرڻ لاءِ سر جو سودو ڪرڻو پوي ٿو جتي نه واپسي آهي نه بزدلن جي منزل آهي. حقيقي هڪل تي سر لاهي ڏيڻ وارن سڄن جي ضرورت هوندي آهي. اصلي عشق جو مزو به آهي عاشق وٽن ٿا، باقي نفس جا پوڄاري پنهنجي جسم کي پالي ڪيڙن جي لاءِ تيار ڪندا رهن ٿا.

سرِ جدا ڌڙ ڌار، دوڳ جنين جا ديڳ ۾
سي مرڪن پچار حاضر جنين هٿ ۾.

عاشق پنهنجي جسم کي ساڙي خاڪ مٺل بڻائي محبوب جي رضا حاصل ڪري ٿو عشق جي مشڪدي ۾ ٻُنن جي هيڻان ٻاهه ٻري ٿي، جنهن ۾ عاشقن جا سر ڪڙهن پيا، لطيف سائين عاشقن جي اهڙي ڪيفيت جو بيان ڪيو آهي. جدائي عاشق ۽ معشوق ته رهندي آهي، ٻئي هڪ ٿي ويندا آهن. جسم جان ته الڳ هجن ٿا پر حال ساڳيو هوندو آهي. هر عاشق جي دعا هوندي آهي ته محبوب جي اڳيان قبول پئجي وڃي، جهڙو به حال هجي انسان اڱهامجي وڃي.

اڳيان اڏين وٽ، پوئين سر سنڀاهيا
ڪات نه پوين قبول ۾، مَچڻ پانئين گهٽ
مَڱا مَهاين جا، پيا نه ڏسين پٽ
ڪلاڙڪي هٽ، ڪُسڻ جو ڪوپ وهي.

Shermuhammed447@gmail.com

اذيتون ڏيندڙ سال 2025ع پڄاڻيءَ طرف..!


ايڊووڪيٽ عبدالله چڇڙ

پاڻ هڪٻئي سان ڪچهري دوران اهو چوندا آهيون ته انسان جي زندگي وڌي رهي آهي، حالانڪ ائين هرگز ناهي. اڄ زندگيون وڌڻ بجاءِ ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيون آهن. اڳ هفتو يعني اٺ ڏينهن گذرڻ جو به انتظار ڪيو ويندو هو. هاڻ ته سال گذرندي به خبر نه ٿي پوي. رڳو پاڻ نئين ڪئلينڊر ڏسڻ ۾ پورا آهيون. مون کي هڪ ڪتاب گهر جي مالڪ چيو هو ته سال 2025ع جو ماهوار ڪئلينڊر توهان ڏانهن موڪليندس! يقيناً اهو 2025ع وارو ڪئلينڊر اڃان پهتو ئي نه ته مٿان 2026ع اچي مهمان ٿيو آهي. هيءَ سسٽم جيڪو قدرتي هجي يا هٿرادو اڄ وقت جي رفتار سان ڏينهون ڏينهن نه رڳو تبديلي پر گهٽجڻ بدران وڌي رهيو آهي. خير سان سال 2025ع جا آخري 2 ڏينهن گذرڻ ڪانپوءِ نئين سال جي سج جا ڪرڻا اڀرندا. دنيا سميت هن ڌرتيءَ تي رهندڙ ڪروڙين عوام هن سال کي الوداع ڪري ايندڙ سال جي خير عافيت لاءِ دعائون ڪندا. يقيناً دنيا جي ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ اسان جو ملڪ پاڪستان نه رڳو قدرتي غنيمت سان مالا مال آهي پر صدين کان جيڪا خوشحالي ۽ قدرتي وسيلن سان گڏوگڏ جيڪڏهن ڀائيچاريءَ جو ذڪر ڪجي ته ان جو مثال ملڻ به مشڪل آهي. هن ڌرتيءَ مختلف مذهبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي هڪ ٻئي لاءِ سهپ، رواداري ۽ محبت جو مثال ملڻ به مشڪل آهي. ٻئي طرف اها بدقسمتي چئجي يا ٻيو ڪجهه جو اهڙي محبت ۽ رواداريءَ واري ملڪ کي جيڪڏهن حقيقي معنيٰ ۾ جيڪا شيءِ نه ملي آهي سا وقت جي حڪمراني ٿي آهي. چو ته هتي بدقسمتيءَ سان جيئن ٿي وقت پنهنجي رفتار سان گذرندو رهي ٿو تيئن ٿي حالتون سڌرڻ بجاءِ ڏينهون ڏينهن بگاڙ طرف وڌنديون پيون وڃن. سال 2025ع ڪيئن گذريو؟ ڇا وهيو واپريو؟ يقيناً سڀ ڪجهه هر ڪ اڳيان آهي. سال 2024ع جي اليڪشن دوران موجوده حڪومت جي ذميواريون سنڀالڻ جو ٻيهريون سال آهي. يقيناً انهيءَ حڪومت جو جيڪڏهن حقيقي معنيٰ ۾ ڏسجي ته هي سڄو سال ائين گذري ويو جيئن مون شروعاتي سٽن ۾ عرض ڪيو. پر وقت جي حڪومتن سرڪاري پئسو ضايع ڪندي ٻين ملڪن جا دورا ته خوب ڪيا پر عوام خاطر ڪَکُ پڇي ڀيٽو به نه ڪيو پر اُلٽو جيڪي تباهه ڪاريون، مصيبتون، تڪليفون درپيش آيون، تن جي دادرسي اڄ سڄو سال گذرڻ باوجود به نه ٿي سگهي آهي.

ماضيءَ واڱر روايتي بيروزگاري، بدامني، مهانگائيءَ توڙي هٿرادو ٽئڪس ۾ واڌ جو ذڪر ڪجي ته هن سال حڪومت عوام جو هٿ وٺي جيلهه ٿي ڀڃي ڇڏي. ڪاڏي پيتي جي شين جا اگهه هن ڀيري هٿ وٺي جوٽ چاڙهيا ويا. اٽو، ڪڻڪ، تيل، دوائون، ڪپڙو مطلب ته هر اها واهپيدار شيءِ، جيڪا روزانو لکن جي حساب سان ٽنن جي تعداد ۾ استعمال ٿئي ٿي، انهن جي اگهه ۾ گهٽتائيءَ بجاءِ هٿرادو اضافو ڪيو ويو.

سنڌ صوبي جو ذڪر ڪريون يا پاڻ سڄي سال جي مجموعي سروي ڪريون ته چئني صوبن جي ڀيٽ ۾ هن سال 2025ع ۾ پنجاب ۽ بلوچستان بدامنيءَ جي باهه ۾ سڙندا رهيا، بيروزگاري ته ختم ٿيڻ جو نالو ئي ناهي. مسڪين، بيروزگار ۽ نوجوان هر سال جيان هن 2025ع ۾ به سڄو سال سرڪاري آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ ۾ پورا رهيا، موٽ ۾ اٽي ۾ لوڻ برابر ته نوڪريون ته ڏنيون ويون پر مجموعي طور هڪڙا اهي ماڻهو ڪامياب ٿيا، جن چار ڏوڪڙ ڏنا ۽ ٻيا اهي برسر روزگار سان لڳا، جن جا تعلق اقتداري ڌرين سان ويجها هئا. باقي مسڪينن جي اولاد نوجوان توڙي وڏيون وڏيون ڊگريون رکندڙ نياڻيون سڄو سال سرڪاري آفيسن ۽ لاڳاپيل آفيسرن جا چڪر ڪاٽيندي ڪين هيءَ سال به گذري ويو. سال جي شروعاتي ڏينهن ۾ جڏهن وقت جي حڪمرانن پنهنجي ڪرسي بچائڻ خاطر نه رڳو 26هين آئيني ترميم آندي پر ارسا ائڪٽ ۽ پيڪا ائڪٽ جهڙا ڪارا قانون آڻي تاريخ جي بدترين سالن ۾ هن سال جي مختلف وقتن تي به ڀيرا ملڪ جي آئين ۾ ترميمون آنديون ويون. اهڙي ريت صحافت جي زبان ۽ هٿ بند ڪرڻ لاءِ هن حڪومت پيڪا ائڪٽ آڻي صحافت مٿان وار ڪيو. اهڙي ريت ارسا ائڪٽ ۾ جيڪا ترميم آندي وئي، ان ۾ به سنڌ جي عوام سان هٿو سلوڪ رکندي وفاقي حڪومت سنڌو درياهه مٿان ڇهه ڊاڙي هٽڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪئي، جنهن جي شروعات هن سال درياهه مان تڪراري 6 ڪئنال ڪڍڻ جو منصوبو جوڙيو ويو جتي سنڌ جي وڪيل برادريءَ ميدان تي اچي حڪومت سان مهاڏو اٽڪايو ۽ نتيجي ۾ وفاقي حڪومت اهي تڪراري 6 ڪئنال ڪڍڻ جو منصوبو ختم ڪيو.

اهڙي ريت هن سال ۾ جيڪا قدرتي برسات پئي، ان جي تفصيل موجب ته پنجاب سان گڏوگڏ ڪي پي ڪي ۾ به برساتن تاريخي تباهي مچائي، جنهن دوران مقامي ماڻهن جو جيڪا معاشي قتلام ٿيو ته اُتي هزارين جانيون به ضايع ٿيون. پنجاب جي مختلف ضلعن ۾ هن پيري جيڪا برسات ۽ پوءِ ٻلن جي پاڻي تباهي آندي. تنهن نقصان جو ته ڪاٿو به نٿو لڳائي سگهجي. انهن مهينن دوران جڏهن نه رڳو ساونڻ جون برساتون پر سانوڻيءَ جو جيڪو ساليانو سنڌو درياهه ۾ پاڻي چوڙ ڪري ٿو تنهن نه رڳو پنجاب پر سنڌ ۾ به وڏي تباهي آندي. اهڙين برساتي تباهڪارين کان علاوه هن بدنصيب سال جتي ٻيون ته ڪوڙ ساريون پريشانيون ۽ مصيبتون آنديون پر هن ئي سال پاڪ فوج پاران ٻن دشمن ملڪن کي رَڱ جا چٽا چُپڙايا. شروعاتي طور تي پاڙيسري ملڪ هندستان پاران اسان جي پاڪ ڌرتيءَ تي ناموس نظر رکندي هڪ ڪِريل حرڪت ڪئي وئي، جنهن ڪانپوءِ پاڪ فوج جي جوانن انڊيا سان مهاڏو اٽڪايو ۽ ڪاميابي ماڻي انڊيا جي فوج کي ٽوٽا چبرايا. اهڙي جنگي صورتحال ۾ ملڪ ۽ عوام جو جاني ۽ مالي نقصان نه ٿيو. جيڪو ضروري طور نقصان حصو رهيو ۽ معاشي گهوٽالو به درپيش رهيو.

هن سال 2025ع ۾ برساتن ۽ نالن جي پاڻي پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ تباهي آندي، هتي هن بدنصيب سال گذريل ڪجهه سالن جي ڀيٽ ۾ سنڌو درياهه اندر پاڻيءَ جي واڌ سبب سنڌ جو ڪچو عملي طور ٻڏڻ بعد تمام گهڻو نقصان رسيو آهي. سوين ڳوٺ پاڻيءَ جي ليپٽ ۾ اچڻ ڪانپوءِ جيڪي بچاءَ بند ڏنل هئا، سي ٽٽڻ ڪانپوءِ ڪيترائي ويڙها ويران ٿي ويا ته گڏوگڏ فصل کي به نقصان پهتو. خاص طور تي سنڌ جي اُترين ضلعا هن سال تمام گهڻو متاثر ٿيا. سال 2025ع اندر جيڪڏهن بدامني، قتل غارت ۽ اغوا ڪارين جو تذڪرو ڪجي ته يقيناً ڏندي اڱريون اچي وينديون. جتي سڄو سال سنڌ خاص طور تي اترين ضلعن گهوٽڪي، شڪارپور، ڪشمور ڪنڌڪوٽ ۽ جيڪب آباد ڌاڙيلن جي رحم ڪرم تي ڇڏيا ويا. سال جي شروعاتي مهينن کان آخري ڊسمبر جي پڇاڙيءَ ۾ ڪچي جي ڌاڙيلن 30 سالن جي ماضيءَ کي ورجائيندي گهوٽڪي ۾ تاريخ جي بدترين واردات ڪئي، جتي مسافر ڪوچ مان ڪي 20 ماڻهو زبردستي اغوا ڪيا ويا. ان واقعي جا پڙاڏا ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ گونجندا رهيا، اهڙي ريت سڄو سال سنڌ جا اُتر وارا ضلعا بدامنيءَ جي باهه ۾ سڙندا رهيا ۽ پوليس پاران برون حملن ذريعي ڪچي جي ڌوهارين خلاف جيڪو آپريشن ڪيو ويو. موٽ ۾ ڪا ڌاڙيلن خلاف مثبت موٽ هرگز نه ملي سگهي.

اهڙي ريت هن بدنصيب سال ۾ به ڪشمور واسين مسلسل اذيتناڪ حالتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. ڪو اهڙو نصيب آور ڏينهن مشڪل سان هوندو، جڏهن ڪا اڻ وڻندڙ واردات نه ٿي هجي، قبيلائي جهيڙن جو ذڪر ڪجي ته سوين بيگناهه ماڻهو هن سال انهيءَ ناسور جو شڪار ٿي، موت جي منهن هليا ويا. 5 کان 8 ماڻهو هڪ ئي هنڌ مارجڻ جون خبرون به شايع ٿيون ته جتي 30 کان مٿي قبيلائي ڌرين هڪ ٻئي جو شڪار ڪنديون رهيون ته اغوا ڪارين جي واقعن ۾ به هي سال گذريل وقت جي ڀيٽ ۾ چار قدم اڳتي رهيو.

سال 2025ع دوران جيڪڏهن عورتن سان ٿيندڙ ناحق زيادتين ۽ قتل غارت جو ذڪر ڪجي ته يقيناً هن بدنصيب سال ۾ اڻ ڳڻيون حوا جايون نه رڳو سرعام تشدد جو شڪار ٿيون ته گڏوگڏ ناحق ڪاروڪاريءَ جي ڪُڌي الزام هيٺ ڪيترين ئي عورتون موت جي منهن ۾ هليون ويون، جن جو ڪاٿو به نه ٿو لڳائي سگهجي. ڇاڪاڻ ته اسين رپورٽ ٿيل ڪيسن جو تعداد ته ميڊيا سامهون پيش ڪرڻ ۾ دير نه ٿا لڳايون پر اهي واقعا، جيڪي ٻهراڙين ۾ ٿيڻ ڪانپوءِ ڳجهه ڳوهه ۾ رکيا ويندا آهن. سي ته رپورٽ ٿيل ڪيسن کان به وڌيڪ هوندا آهن. اهڙي ريت هن بدنصيب سال اندر سڄي سنڌ سان گڏوگڏ ٿر ۾ به ٻَڪ ۽ بدحاليءَ کان پوءِ بيروزگار نوجوانن، جنهن جو تعداد هزارن کان مٿي آهي، تن پاران خودڪشيون ڪري پنهنجي زندگيءَ جا ڏيئا اُجهايا ويا. ٿر کان علاوه صوبي جي ٻين ڪيترن ئي شهرن ۽ علائقن مان به اهڙي قسم جا واقعا روزانو جي بنياد تي رپورٽ ٿيندا رهيا، جتي اڪثر ڪارڻ بيروزگاري ۽ مهانگائي ٻڌائي وئي. اهڙي طرح هن سال ۾ ملڪ سميت سنڌ جي صحافين سان تاريخ ساز ويڌن ٿيا، ٽري ميرواهه، ميرپور ماٿيلو سميت ڪراچيءَ جي صحافين کي به هن بدنصيب سال ۾ هڪ پري پلان تحت شهيد ڪيو ويو مجموعي طور هن سال جتي صوبي جي وڪيلن، قومپرستن پارٽين آئيني ترميمن سنڌو درياهه مٿان ڏاڙي توڙي ٻين جائز مطالبن خلاف سڄو سال احتجاج طور عوام روڊن تي رهيو پاڻ جيڪڏهن ماضيءَ ۾ جهاتي پائيندا سون ته جتي وفاقي حڪومت پاران آئيني ترميمون آڻي ملڪ جي معزز عدالت کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو پر ان جي پيٽ ۾ ملڪ جي چئني صوبن مان سنڌ جي وڪيلن هن سال 2025ع کي احتجاجي سال طور ملهائي هڪ وڏي فاقاڪشيءَ کي منهن ڏنو عدالتي ڪارروائين جو مسلسل بائيڪاٽ ڪري وڪيل برادريءَ خاص طور تي سنڌ جي وڏين بارن ڪراچي ۽ حيدرآباد اندر سخت احتجاج ڪيو ويو. اهڙن احتجاجن ڪانپوءِ جيتوڻيڪ عدالتي ڪارروايون ته معطل رهيون پر وڪيل برادريءَ جو جيڪو معاشي نقصان رسيو، تنهن جو مثال ماضيءَ ۾ نه ٿو ملي سگهي. مجموعي جائزي موجب ته هي سال ملڪ سميت سنڌ جي عوام لاءِ ماضيءَ کان به قدم وڌيڪ اذيتناڪ رهيو. بهرحال ايندڙ سال لاءِ دعاگو آهيون.

بقايا 1 مرض ۾ مبتلا

ٽنڊوباگو تعلقي جي ڳوٺ بخشو چانڊيو ۾ هڪ ئي گهر ۾ ڏينهن اندر ٻه ٻار پيٽ ڊائريا جي بيماري سبب فوت ٿي ويا. 15 کان وڌيڪ ٻارڙا ڊائريا جي مرض ۾ مبتلا آهن. فوت ٿيلن ۾ 15 سالن جي نورڏادي ڌيءُ مصري خان چانڊيو ۽ ٽن سالن جو اسد پٽ مصري خان شامل آهن جڏهن ته مصري چانڊيو جي وڌيڪ ٻن نياڻين سميت 15 ڳوٺ جا ٻارڙا ڊائريا جي بيماري ۾ مبتلا آهن. ڊائريا جي مرض ۾ مبتلا وڌيڪ ٻارڙن ۾ مصري چانڊيو جون ٻه نياڻيون دلشانا، رضيه سان گڏ بلوچ، عرس، حاڪم، سائين بخش، عبدالقدير سميت 15 ٻارڙا ڊائريا جي مرض ۾ مبتلا آهن. ڳوٺاڻن روشن چانڊيو، مصري چانڊيو صحت کاتي جي اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته ڳوٺ ۾ ڪئمپ قائم ڪري معصوم ٻارڙن جون حياتيون بچايون وڃن.

بقايا 2 حصو ورتو

ابڙو نذير احمد ملاح ڊاڪٽر فيض احمد ڪوسو ,جهانگير ڪوسو ,آدم چنڙ ۽ شهر جي سياسي، سماجي ۽ ادبي شخصيتن خصوصي شرڪت ڪئي، جن شاگردن جي همت افزائي ڪندي چيو ته تعليم ئي قومن جي ترقي جو واحد ذريعو آهي، ۽ اهڙا اسڪالرشپ پروگرام غريب ۽ محنتي شاگردن لاءِ روشن مستقبل جو در کولين ٿا اسڪالرشپ ٽيسٽ شفاف نموني سان ورتي وئي، جڏهن ته انتظاميا پاران ٻڌايو ويو ته چونڊيل شاگردن کي مڪمل ميرٽ جي بنياد تي اسڪالرشپس ڏنيون وينديون. آخر ۾ مهمانن فياض انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي جي انتظاميا جي تعليمي خدمتن کي ساراهيو. فياض انسٽيٽيوٽ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر فياض علي سومرو چيو ته اسڪالرشپ ۾ 1. پوزيشن ماڻيندڙ شاگرد کي مفت ليپ ٽاپ ۽ 2 nd پوزيشن ماڻيندڙ کي پورو سال DIT مفت ڪورس ڪرايو ويندو جڏهن ته 3,rdپوزيشن ماڻيندڙ شاگرد کي 6 مهينا لاءِ مفت CIT ڪورس ڪرايو ويندو ان کان علاوه ٽيسٽ پاس ڪندڙ شاگردن جي ماهانا فيس ۾ رعايت جو اعلان ڪيو ويو.

بقايا 3 چونڊيو ويو

طاهري سال 2025 جي تنظيمي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي، چونڊ اجلاس ۾ ليڪچر ڏيندي جمعيت علماءِ طاهريه سنڌ صوبي جي سيڪنڊ اسسٽنٽ فنانس سيڪريٽري مولانا خليفا دلمراد ابڙو طاهري چيو ته اسان جي تنظيم جو مقصد امام الانبياء عليه السلام جي بابرڪت شخصيت جي پيغام کي پکيڙڻ ۽ ان جي ترويج ۽ تبليغ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ آهي. علم جي خدمت ڪرڻ ۽ تعليم ۽ تعليم ذريعي ماڻهن جي دلين ۾ علم ۽ عالمن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ. اڄ اسان جي سماج جي نوجوانن ۾ ملحدانه سوچ وڌي رهي آهي، جنهن جو مکيه سبب علم ۽ عالمن کان فاصلو آهي. عالم، منبر جا وارث آهن ۽ هن منبر تان اسان کي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جاري رکڻ گهرجي. اسان جي تنظيم جو پليٽ فارم آهي امن ۽ محبت جو پيغام پکيڙڻ گهرجي ۽ نفرت کي ختم ڪرڻ گهرجي چو ته هي اسان جي اڳواڻ جو سبق آهي. فنانس سيڪريٽري پي جمعيت علماءِ طاهريه سنڌ صوبي مولانا خليفه حسيب احمد راهوجا طاهري صاحب ٺٽين چونڊيل ضلعي باڊي سال 2026جو اعلان ڪيو صدر مولانا محمد عالم اوڳاهي طاهري صاحب سينيئر نائب صدر مولانا زين العابدين طاهري صاحب نائب صدر مولانا منظور احمد جعفري طاهري صاحب جنرل سيڪريٽري مولانا سين بخش ملڪ طاهري صاحب جوائنٽ سيڪريٽري مولانا رياض حسين طاهري صاحب پريس سيڪريٽري حافظ ظهور احمد اوڳاهي طاهري صاحب فنانس سيڪريٽري حافظ غلام مصطفيٰ بنگوار آفيس سيڪريٽري مولانا محمد عثمان اوڳاهي طاهري صاحب آڊيٽر خليفه غلام محمد ملڪ اجلاس ۾ خاص طور تي جماعت اصلاح المسلمين ضلعي ڪشمور جي سينيئر نائب صدرخليفي رفيق احمد سومرو طاهري صاحب نائب صدر حافظ غلام ياسين گولو طاهري صاحب جنرل سيڪريٽري فقير جاويد احمد اوڳاهي طاهري صاحب ڊاڪٽر غلام شبير رند طاهري صاحب ۽ صحافي دوستن شرڪت ڪئي

بقايا 4 احتجاجي مظاهرو

عثمان اجڻ لطف الله ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا اڳواڻن ميڊيا آڏو داهيندي چيو ته جوابدارن ڪار ٽيڪسي هلائيندڙ نوجوان محمد صديق اجڻ کي هڪ مهينو اڳ سواري ڪٽڻ جي بهاني ڳوٺ عارب سولنگي گهرائي چانهه ۾ نشو ڏئي اغوا ڪري ويا اغوا ڪرڻ بعد ڪراچي ۾ قيد ڪري ڪيترائي ڏينهن سخت تشدد ڪري ٻانهن ۽ آڱريون ڀڃي ڇڏيون آهن، هن چيو ته جڳهه جي مالڪي تان تڪرار هلندڙ هو جنهن سبب جوابدارن پنهنجي ساٿين سان گڏجي اغوا ڪري سخت تشدد ڪيو آهي اسان جوابدارن خلاف گمبٽ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ ڪيترائي پيرا ويا آهيون پر پوليس با اثر خلاف ڪائي ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي هئن ڊي آئي جي سڪر، ايس ايس پي خيرپور سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي با اثر جوابدارن خلاف ڪاروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 5 احتجاج

ڪي شهرين پاران ڪيترائي دفعا شڪايتون ڪرڻ باوجود ڪو به عمل نه ٿيو ـ پي پي ايل گيس فيلڊ ۽ سوئي گيس انتظاميا خلاف جي يو آئي ۽ مختلف تنظيمن ۽ شهرين پاران پاران گهنٽا گهر کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي کي خطاب ڪندي احمد پناهه . عمران ميراڻي نورنبي گجراتي قاري حزب الله ميراڻي عبدالمالق چاچڙ عبدالغفار چاچڙ نيڪ محمد چاچڙ حفيظ الله چاچڙ عباس علي چاچڙ نيڪ محمد سهرياڻي غلام ياسين نصيراڻي ۽ ٻين چيو ته سوئي گيس اختيارين جي نااهلي ۽ بي حسي سبب ڪنڌڪوٽ شهر جي پرپاسي جي وارن علائقن رئيس بهادر خان چاچڙ گوليمار جا رهواسي عذاب ۾ مبتلا آهن سخت سردي ۾ بنا ڪنهن اڳواٽ اطلاع جي گيس بند ڪري شهرين ۽ علائقي واسين سان کليل ظلم ڪيو پيو وڃي جنهن سبب مرد عورتون ۽ معصوم ٻار بزرگ سخت پريشاني ۾ آهن روز مره جي زندگي مفلوج بڻجي چڪي آهي سوئي گيس جي ڪاتي جي ناڪام پاليسين ۽ لاپرواهي عوام کي روڊن تي اچڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي بل باقاعدي سان وصول ڪيا وڃن ٿا پر گيس مهيا ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام نظر اچي رهي آهي جيڪا سراسر ناانصافي ۽ عوام سان ڌوکو ڪيو پيو وڃي سوئي گيس انتظاميا هڪدم شهر ۾ گيس کي بند ڪري شهرين کي پريشان ڪري رهي آهي جڏهن ته گيس به اسان جي علائقي مان نڪري ٿي ۽ گيس جي قلت به اسان جي شهر ۾ آهي اسين ميڊيا جي مدد سان سوئي سدرن گيس ڪمپني جي اعليٰ اختيارن ۽ ضلع انتظاميا کان گهر ڪيون ٿا ته شهر ۾ هڪدم گيس جي لوڊشيڊنگ ڪندڙن مقامي عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري شهر ۾ گيس جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ٻي صورت ۾ اسين احتجاج جو دائرو وڌائي ڀرپور احتجاج ڪنداسين

بقايا 6 ويهڪ

ڪرڻ ۾ شيخ اياز جو ڪردار جي عنوان هيٺ ڪوٺايل ويهڪ ۾ ڳالهائيندي ڪيو. ويهڪ ۾ ڳالهائيندي نامياري ليکڪ ۽ اديب تاج جويو چيو ته شيخ اياز سنڌي ٻولي جو ڪرشمو هو. اهڙو ڪرشمو جيڪو صدين ۾ ٿيندو آهي. هن سنڌي ٻولي کي تمام گهڻو اجاگر ڪيو. هن چيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ عظيم شاعر هيو ۽ 20هين صدي ۾ شيخ اياز سنڌي ٻولي کي عروج تي پهچايو. سنڌس شاعري جا اُن دور تي تمام وڏا اثر پيا. هن چيو ته ڪوبه شاعر ۽ اديب ٻي ڪنهن به ٻولي ۾ شهرت ماڻي نٿو سگهي، مادري ٻولي ۾ ئي شاعر ۽ اديب عروج ماڻي سگهي ٿو. شيخ اياز به پنهنجي ٻولي کي وڌيڪ ترجيح ڏني. شيخ اياز رڳو شاعري نه ڪئي پر هن ٻولي جا نوان لفظ به تخليق ڪيا هو وڏو عظيم شاعر هو. ناميارو شاعر عزيز گوپانگ چيو ته سنڌ ۾ اهڙا ڪي نه شاعر ناهن رهيا جن ٻولي کي نوان لفظ ڏنا هجن پر شيخ اياز نه صرف ٻولي کي عروج تي پهچايو پر هن سنڌي ٻولي کي لاتعداد نوان لفظ به ڏنا. شيخ اياز نه صرف ٻولي ۾ لفظ استعمال ڪيا پر هن پنهنجي شاعري ۾ لفظن جي سهڻي نموني جوڙجڪ ڪئي. سنڌس علمي ۽ ادبي فڪر تمام معتاثون رهيو. هن چيو ته اسان جي اها خوشنصيبي آهي جو اسان شيخ اياز کي ڏٺو ۽ ٻڌو به آهي پر ايندڙ نسل جا شاعر رڳو سنڌس تصور ئي ڪري سگهندا. هن چيو ته هو هڪ انقلابي ۽ رومانوي شاعر هو. هن نه رڳو انقلابي خواب ڏنا پر هو انقلاب جو تصور به ڏئي ويو آهي. ناميارو ليکڪ ڊاڪٽر فياض لطيف چيو ته 18هين صدي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ٻولي لاءِ جيڪو فن فڪر فلسفو ۽ پورهيو ڪيو 20هين صدي ۾ شيخ اياز ان تسلسل کي اڳتي کڻي هليو. هن چيو ته هن جديد دور ۾ جڏهن ٻوليون خطري هيٺ آهن ته سڄي دنيا جا ماڻهو فڪرمند ٿي ويا پر اُن دور ۾ سنڌي ٻولي کي اُن ڪري خطرو ناهي جو شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ شيخ اياز سنڌي ٻولي لاءِ ايترو ڪم ڪيو آهي جو سنڌي ٻولي کي ڪا لهر ۽ لوڏو ئي ناهي. ناميارو شاعره بختاور جام چيو ته شيخ اياز پنهنجي شاعري ذريعي ٻولي کي عروج تي پهچايو هو هڪ تمام وڏو شاعر هو جنهن ٻولي لاءِ بهترين ڪردار ادا ڪيو.

بقايا 7 ورتيون

ڪاروائي ڪري چوري ٿيل 8 مينهون هٿ ڪري ورتيون آهن چور گهر مان چوري ٿيل مينهون هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ڪچي واري علائقي ڏانهن منتقل ڪري رهيا هئا ته پوليس ٽيم ناڪابندي ڪري ڌوهارين جي حرڪتن جو جائزو ورتو. ڪيٽي موريو جي ويجهو پوليس ۽ ڌوهارين جو آمهون سامهون مقابلو ٿيو.جنهن بعد پوليس جو گهيرو ڏسي ڌوهاري مينهون ڇڏي فرار ٿي ويا.جڏهن ته ڌوهارين جي گرفتاري لاءِ ڪچي واري علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي،پوليس ٻن شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ايس ايس پي خيرپور،مينهون هٿ اچڻ بعد اصل مالڪ عبدالستار آگاڻي حوالي ڪيون. جڏهن ته ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو طرفان مقابلي ۾ حصو وٺندڙ پوليس پارٽيءَ کي شاباشي جو پيغام ڏنو

بقايا 8 ڀيٽا ڏني

جڳهه تي منعقد ڪرڻ کپن ته جيئن اسان جي آئنده نسل سنڌ جي ڏاهن، دانشورن، شاعرن، ليکڪن ۽ سياستدانن جي محنت کي نه وسارين ۽ انهن جي محنت کي ساراهيو وڃي ته جيئن هو انهن کي ڄاڻي سگهن ۽ انهن جي ڪيل جدوجهدن مان سکي سگهن ۽ سنڌي ادب کي اڳيان وڌائن.

بقايا 9 بک هڙتال جاري

ڪاسي پنهنجي پوري ٽيم سميت بک هڙتالي ڪئمپ تي پهچي يڪجهتي طور شرڪت ڪئي، ايمل خان ڪاسي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آئون ٻن ڏينهن کان ڪارونجهر گهميو رهيو آهيان ۽ مون محسوس ڪيو آهي ته ڪارونجهر هڪڙو پٿر نه پر هي هڪ تاريخي تهذيبي ثقافتي ماڳ سان گڏو گڏ هتان جي ماڻهن جي زندگي جو دارومدار به ڪارونجهر تي آهي، ڪارونجهر ۾ سهڻا مور پکي رهن ٿا جيڪي ڪارونجهر جي سونهن کي اجان به وڌيڪ خوبصورت بڻائين ٿا. مذهبي حوالي سان به ڪارونجهر وڏي اهميت رکي ٿو هتي انتهائي پراڻا جين مندر موجود آهن. هن چيو ته هتي جا ماڻهون ڪارونجهر بچائڻ لاءِ جدوجهد ڪن پيا، ڪير به ماڻهون ڪارونجهر ڪٽڻ جو حمايتي نه آهي سنڌ حڪومت فوري طور تي هن جبل کي ورلڊ هيريٽيج ڊڪليئر ڪرائي آئون هتان جي ماڻهن سان واعدو ٿو ڪيان ته اوهان جو ڪيس آئون هر فورم تي وڙهندس ۽ انشا الله ڪارونجهر کي بچائيندا سين .ٻي طرف ڪارونجهر سڄاڳ فورم جي اڳواڻن گهر ڪئي ته ڪارونجهر کي فوري طور تي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 10 سامان ٻهاري ويا

چور رات جو روڊ پرسان قائم اتي جي چڪي ۾ رکيل 8، اٺ ٻوريون ٻاڄ، هڪ عدد پاور بيٽري ۽80000 اسي هزار رپيا روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا جڏهن ته صبح جو سوين ڳوٺاڻن پاران چورن جا پيرا ڪڍيا پئي ويا پر آخري اطلاعن تائين چورن جو ڪوبه پتو نه پئجي سگهيو ، جڏهن ته گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان ڪڙيوگهنور راهوڪي ترائي ڪاڪيجاڻي سميت آسپاس جي علائقن ۾بدامني جي باهه ٻريل آهي چوريون ڦرون روز جو معمول بڻيل آهن شهرين ڳوٺاڻن سنڌ حڪومت وزير داخلا سنڌ آءِ جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد آيس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو ته ڪڙيوگهنور سميت لاڙ پٽي ۾ بدامني جي ٻريل باهه جو نوٽيس ورتو وڃي شريف شهرين کي ڌوهارين کان تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 11 ڀيٽا پيش

سان هزارين جسقم ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جي موجودگي ۾ ملهائي وئي، تقريب ۾ جسقم تعلقه ڪوٽڙي جي صدر جبران سومرو، نائب صدر حنيف سومرو، جنرل سيڪريٽري آڪاش پريو، فنانس سيڪريٽري عظير سميت ٻين ڪارڪنن شرڪت ڪئي، شرڪت ڪندڙن سرمد سنڌي کي خراج عقيدت پيش ڪندي سنڌس سنڌ لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ خدمتن کي ڀيٽا ڏني، ڪوٽڙي بيهار ڪالوني جي مک چوڪ تي منعقد ٿيل هن ورسي تقريب کي وڏي جوش، ولولي ۽ قومي جذبي سان ملهائي وئي، جتي سرمد سنڌي جي فڪر ۽ پيغام کي ياد ڪيو ويو، آخر محفل موسيقي جو پڻ بندوبست ڪيو ويو

بقايا 12 رهين جو نقصان

حفاظت ۽ سار سنڀال جي ذميواري لاڳاپيل کاتي تي هئي.رات جو اوچتو باهه لڳڻ سان بيٺل گاڏين مان باهه جا شعلا ۽ دونهون جيڪي پري پري تائين نظر آيو باهه لڳڻ بعد فوري طور فائر برگيڊ کي اطلاع ڏنو ويو. پراطلاع باوجود فائر برگيڊ جو عملو وقت سر واقعي واري هنڌ تي نه پهچي سگهيو. جنهن سبب باهه وڌيڪ شدت اختيار ڪري وئي باهه وڌڻ سبب پرپاسي ۾ رهندڙ ماڻهن ۾ به شديد خوف پکڙجي ويو ۽ ڪيترائي رهواسي پنهنجن گهرن کان ٻاهر نڪري آيا.هوڏانهن چوپول آهن ته ايڪسائيز کاتي جي ڪجهه اعلي عملدارن مبينا طور گاڏين مان قيمتي پرزا ۽ سامان ڪڍڻ بعد ڄاڻي واڻي گاڏين کي باهه لڳرائي، ته جيئن ثبوت ختم ڪري سگهجن.شهرين جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن هن معاملي جي شفاف جاچ نه ڪرائي وئي ته سرڪاري ملڪيت کي دانسته طور نقصان پهچائڻ جا اهم پهلو لڪل رهجي ويندا.شهرين، سماجي حلقن ۽ قانوني ڌرين پاران مطالبو ڪيو پيو وڃي ته واقعي جي غير جانبدار انڪوائري ڪرائي وڃي، فائر برگيڊ جي دير جو سبب معلوم ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن به سرڪاري عملدار جي غفلت يا ملوث هجڻ ثابت ٿئي ته انهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي، ته جيئن مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي روڪٿام ٿي سگهي.

بقايا 13 اسڪول منعقد

جي عنوان تي خطاب ڪندي چيو ته انڊس ڊيلٽا مڪمل طور تباهه ٿي ويو آهي، ملڪ ٺهڻ وقت سوا 4 ڪروڙ آبادي هئي، هن وقت آبادي 25 ڪروڙ ٿي وئي آهي، ان ڪري ٻين ضرورتن سميت پاڻيءَ جي ضرورت به وڌي وئي آهي، هن چيو ته 1960 ۾ پاڪستان ۽ انڊيا وچ ۾ ٿيل سنڌ طاس معاهدي تحت جنهن سان 20 سيڪڙو پاڻيءَ جو انڊيا ڏانهن هليو ويو. هن چيو ته ڪوٽڙي کان هيٺ اڳ ۾ 150 ملين فوٽ پاڻي پهچندو هئو جيڪو هاڻ 150 فوٽ به نه ٿو اچي، پاڻي سان گڏ لٽ به ايندو هئو جيڪو لٽ 40 ڪروڙ ٽن هوندو هئو جيڪو لٽ هاڻ 3 ڪروڙ به مشڪل سان اچي ٿو. هن چيو ته لٽ ۾ اهڙي زرخيز مٽي آهي جيڪا فصلن کي طاقت ڏئي ٿي، اسان کي موجوده حالتن ۾ ٽيڪنالوجي ۽ شهرن سان پاڻ کي ڳنڍڻو پوندو جڏهن ته زرعي سوال تجزيا ۽ سياست تي ڪامريڊ احمد حيام خطاب ڪيو. هڪڙادو ذهانت جو دور ۽ درپيش مسئلا تي اياز ملڪ ۽ پدر شاهي جي تخليق، ارتقا ۽ خاتمي جون گهريل حالتن تي ڪامريڊ امر فروا ٿلهو خطاب ڪيو. سوشلسٽ اسڪول ۾ ٽيٽن ٽيبلا ۽ قومي گيت پيش ڪيا ويا، سوشلسٽ اسڪول جي موقعي تي ڪتابن جا اسٽال پڻ لڳايا ويا، تقريب کي ڪامريڊ بخشل ٿلهو، عاليه بخشل، سينگار نوناري ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا 14 تحريڪ جاري

بابت ڪيل اعلانن تي ستن سالن گذرڻ باوجود به عمل نه ٿيڻ حڪمرانن جي نااهلي ۽ سياسي دوکي جو کليل ثبوت آهي. باڍهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ باڍهه تعلقه موومينٽ جي سڏ تي موومينٽ جي ڪنوينر ڪامريڊ علي محمد بروهي، عبدالحميد سومرو ۽ زيب علي ساريو جي اڳواڻيءَ ۾ 336 هين هفتي به باڍهه ميڊيا هائوس کان ٽائون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. احتجاجي ريلي ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان سلهاڙيل شخصيتن علي انور عسڪري، محمد ارشاد انصاري، عزيز بروهي، دودو ديشي، اصغر نوناري، مولا بخش قلپوٽو، نور محمد بليدي، منور نوناري، مرتضيٰ گوپانگ، بخشل مگسي، محمد امين سيال، علي بخش سولنگي، نور ساريو ۽ زاهد پناهه سميت شهرين شرڪت ڪري حڪمرانن خلاف سخت نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي علي محمد بروهي، عبدالحميد سومرو ۽ زيب علي ساريو چيو ته اسان گذريل ستن سالن کان حڪمرانن کي سنڌن واعدا ياد ڏياري باڍهه تعلقي جي گهر ڪري رهيا آهيون، پر حڪمران اسان جي جائز مطالبي کي نظرانداز ڪري رهيا آهن هئن چيو ته گرمي هجي يا سردي، برسات هجي يا طوفان، عيد هجي يا عاشورو باڍهه جا شهري هر حال ۾ روڊن تي نڪري پنهنجو آئيني حق گهرندا رهيا آهن، پر حڪمرانن لاءِ باڍهه جا ماڻهو رڳو ووٽ بئنڪ بڻيل رهيا آهن. هئن چيو ته پيپلز پارٽي جي قيادت پاران ڪيل واعدا هاڻي شهرين لاءِ مذاق بڻجي چڪا آهن. حڪمرانن ڄاڻي واڻي باڍهه کي پٺتي ڌڪي رکيو آهي، جنهن سبب شهر بنيادي سهولتن کان محروم، بيروزگاري وڌيل ۽ نوجوان مايوسي جو شڪار بڻجي رهيا آهن. هي صرف ناانصافي نه پر باڍهه سان کليل دشمني آهي. هئن چيو ته باڍهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ اسان ڀرپور ڪوشش ڪنداسين. هئن گهر ڪئي ته باڍهه تعلقي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري شهرين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي. ياد رهي ته بي ڊي ايس پاران باڍهه ۾ منعقد پروگرام ۾ پ پ سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو ۽ ايم اين اي نظير احمد بگهيو شرڪت ڪري اهو اعتراف ڪيو ته شهرين جا مطالبا جائز آهن. باڍهه لاڙڪاڻي ضلعي جو ٻيو نمبر وڏو ۽ تعلقي جو حقدار شهر آهي، جنهن کي هيسٽر تائين تعلقي جو درجو نه ملي سگهيو آهي، جنهن ڪري شهري گهربل بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهن.

بقايا 15 مظاهرو

استاد کي پگهار ڏيو" جا زوردار نعرا هنيا. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن چيو ته حڪومت تعليم سڌارڻ جي دعويٰ ڪندي پئي اچي، پر هڪ ايماندار استاد کي سالن تائين پگهارن کان محروم رکڻ انساني حقن جي کليل ڀڃڪڙي آهي. هئن مطالبو ڪيو ته متاثر استاد جي بلاڪ ٿيل آءِ ڊي فوري طور بحال ڪري ٻارهن سالن جون سموريون بقايا پگهارون بنادير ادا ڪيون وڃن.

بقايا 16 ڊولفن

موسمي رجحان آهي ۽ ان جو آلودگي سان ڪو به تعلق ناهي. هن قل کي عام طور تي سامونڊي چمڪ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو جيڪو نوڪٽيلوڪا نالي هڪ ننڍڙي ترندڙ سامونڊي جاندار جي ڪري ٿيندو آهي. ماهرن موجب، نوڪٽيلوڪا قل هر سال سياري ۾ نومبر ۽ فيبروري جي وچ ۾ ظاهر ٿئي ٿو هن سال، اهو نومبر ۾ شروع ٿيو ۽ ڪراچي کان بلوچستان جي ساحل تائين پکڙجي ويو آهي. قل جي ڪري، گوادر جي اولهه ۽ اوڀر وارن خليجن سان گڏ، پسني کان جيواني تائين، سمنڊ جو پاڻي سائو نظر اچي رهيو آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته ڊولفن جي موجودگي ان ڳالهه جو اشارو آهي ته سامونڊي ماحول اڃا تائين متوازن آهي.

بقايا 17 چونڊون

آهي ۽ ان جي انتهائي مقبول سياسي جماعت اين ايل ڊي جبري طور توڙي وئي آهي.

بقايا 18 واڌل

معطل ڪري ڇڏيو آهي ذريعن موجب پي آءِ اي جي جده کان ملتان ايندڙ اڏام جي ٻن عورت ايئرهوسٽس جي وچ ۾ جهيڙو جده ايئرپورٽ جي انٽرنيشنل ڊيپارچر لائونج ۾ شروع ٿيو. جهيڙي دوران شروعات ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ ٿي جنهن کان پوءِ معاملو شدت اختيار ڪري ويو ٻئي ڄڻيون هڪ ٻئي سان هٿاپائي تي لهي آيون. واقعي کان پوءِ پي آءِ اي جي هڪ آفيسر موقعي تي پهچي صلح ڪرائي ۽ معاملي کي وڌيڪ وڌڻ کان روڪيو ويو. پي آءِ اي جي ترجمان واقعي جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته اهو واقعو 23 ڊسمبر تي پيش آيو هو. انتظاميه واقعي جو فوري طور تي نوٽيس وٺندي ٻنهي هوائي ميزبانن کي معطل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته معاملي جي انڪوائري به شروع ڪئي وئي آهي. ترجمان موجب قومي ايئرلائن نظم، ضبط ۽ پيشه ورانه رويي تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪندي ذميوارن جي خلاف ضابطي موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 19 برسات اڳڪٿي

امڪان آهي، جنهن سبب ٿڌ جي شدت وڌي ويندي.

بقايا 20 اهلڪار معطل

1990ع جي قلم 40B تحت ڪنڊ جي پيداوار جي موٺ شفاف ۽ بنا رڪاوٽ نگراني کي يقيني بڻائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هو. انهن جي غير حاضري جو انڪشاف لارج ٽيڪس آفيس لاهور طرفان ڪيل معمول جي مانيٽرنگ دوران ٿيو. ايل ٽي او لاهور غفلت ۽ لاپرواهي کي نظر ۾ رکندي ڄاڻايل اهلڪارن خلاف قاعدن ۽ ضابطن تحت محڪماتي ڪارروائي شروع ڪرڻ جي سفارش ڪئي.

بقايا 21 پينل کي واڌايون

آزادي کي هٿي وٺائڻ ۽ صحافين جي حقن جي تحفظ لاءِ ڪراچي پريس ڪلب جو ڪردار هميشهه اهم رهيو آهي. هن چيو ته ڪراچي پريس ڪلب ۽ پيپلزپارٽي جو هميشهه ساٿ رهيو آهي. اميد آهي ته نئين قيادت صحافتي سالميت لاءِ ڪراچي پريس ڪلب جي ڪردار کي وڌيڪ مضبوط ڪندي.

بقايا 22 پولنگ اڄ ٿيندي

ورڪرز پينل سان ٿيندو جنهن ۾ صدر ، نائب صدر ، جنرل سيڪريٽري ، جوائنٽ سيڪريٽري ، خزانچي ۽ گورننگ باڊي جي نو سيٽن تي ووٽنگ ٿيندي ,جڏهن ته ايسوسيئيٽ ڪلاس جي ميمبر گورننگ باڊي تي ڊيموڪريٽڪ جرنلسٽس گروپ ۽ عقيل ابراهيم گروپ جو گڏيل اميدوار راجا انور چانڊيو بنامقابلي ڪامياب ٿي ويو آهي.

بقايا 23 وارثن جو ڌرڻو

ڳوٺاڻن نئون ڪوٽ جي خواجه چوڪ تي روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ڌرڻي سبب نئون ڪوٽ مٺي عمرڪوٽ بدين ڏانهن ايندڙن ويندڙ مسافر ٽوڙي لوڊر گاڏين جون قطارون لڳي ويون خواجه چوڪ مين روڊ مڪمل بلاڪ ٿي ويو ايس ايڇ او نئون ڪوٽ سليم سراج سمون ڌرڻي واري هنڌ پهچي ڳوٺاڻن سان ڳالهيون ڪري ڌرڻو ختم ڪرايو ان موقعي تي ايس ايڇ او نئون ڪوٽ ٻڌايو ته موٽرسائيڪل ڦر وارو واقعو ڪلوئي پوليس جي حد ۾ ٿيو آهي اسان اطلاع تي واقعي واري هنڌ پهچي ڳوٺاڻن کان معلومات وٺي جاچ ڪري رهيا آهيون جوابدارن کي جلد سوگهو ڪيو ويندو

بقايا 24 سعودي عرب

عرب يمن جي عالمي سطح تي تسليم ٿيل حڪومت جي درخواست تي "آپريشن فيصلاڪن طوفان" (عاصفه الحزم) ۽ " آپريشن بحالي اميد" (اعاده الامل) ذريعي " صلاح مشوري واري اتحاد جي حمايت" جي قيادت ڪئي آهي. ان جو مقصد يمن جي رياست جي بحالي ۽ انهن جي سموري زمين تي خودمختياري قائم ڪرڻ آهي. هن چيو ته ڏاکڻين صوبن جي آزادي ان رستي ۾ هڪ اهم مرحلو ثابت ٿي. هن واضح ڪيو ته سعودي عرب يمن مسئلي کي هڪ منصفاڻو سياسي مسئلو سمجهي ٿو جنهن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي ان کي ڪجهه شخصيتن تائين محدود ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي ان کي تڪرارن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

بقايا 25 مهم جو اعلان

الرحمٰن ۽ ٻيا اڳواڻ خطاب ڪندا. پيپلزپارٽيءَ جي 17سالن جي دور اقتدار ۾ ڪرپشن ۽ ڌاڙيل راڄ سنڌ جي سڃاڻپ بڻجي وئي آهي. ڪراچي کان ڪَڙهي خيرو تائين عوام ڌاڙيلن ۽ ڀتاخورن جي نشاني تي آهن. هر هنڌ سسٽم جا چاڙتا عوام جو رت چوسي رهيا آهن جن کي حڪومت ۾ ويٺل بااثرن جي سرپرستيءَ حاصل آهي عوام جي ڪا داد فرياد ٻڌڻ وارو ڪونهي. قبيلائي جهيڙا سنڌ ۾ هڪ ناسور جي شڪل بڻجي ويا آهن. شڪارپور ۾ رت جي راند وارو افسوسناڪ واقعو سنڌ تي مڙهيل پ پ جي سترهن سالن جي ڪاري دور جو نتيجو آهي ، ڪٿي آهي حڪومت قانون ۽ انصاف ؟حڪمران عوام وڙهايو حڪومت ڪريو واري پاليسي تي گامزن آهن جماعت اسلامي مظلومن جو آواز بڻجي ميدان ۾ آهي پ پ جي عوام ۽ سنڌ دشمن پاليسين کي واڪو ڪنداسين. اهڙن خيالن جو اظهار جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ حيدرآباد ۾ ضلعي عهديدارن جي اجلاس کي خطاب دوران ڪيو. جنهن ۾ حيدرآباد ميرپورخاص ۽ نواب شاهه ڊويزن جا اڳواڻ شريڪ هئا. هن وڌيڪ چيو ته زمينن تي والار کان وٺي سنڌ جي حقن جي سودي بازي تائين پيپلزپارٽي جي صوبائي حڪومت ملوث آهي. ڪراچي ۾ اجرڪ واري نمبر پليٽ جي آڙ ۾ عوام کا ڦرلٽ ڪئي پئي وڃي ٻئي طرف ڪراچي کان ڪشمور سنڌ جا روڊ رستاغير محفوظ ۽تباهه آهن پر مرادعلي شاهه حڪومت سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي جو راڳ ڳائي رهي آهي. هن زور ڀريو ته حڪومت ڪراچي کان ڪشمور سنڌ امن امان جي بحالي ، ڪرپشن جي خاتمي، عوام جي جان و مال جي حفاظت ڌوهارين جي خاتمي ۽ عوام کي پاڻي صحت تعليم جهڙيون بنيادي سهولتون پهچائڻ لاءِ جوڳا اپاءُ ڪئي. جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف چيو ته پيپلزپارٽيءَ جي حڪومت سنڌ کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي 18سال گذري ويا پر اقتدار ۾ هوندي به پ پ بي بي جي قاتلن کي گرفتار نه ڪري سگهي. ڪالهوڪي جلسي ۾ به قاتلن حوالي سان ڪابه ڳالهه ڪونه ڪئي وئي آهي جڏهن ته قاتل روز آئيني ۾ پنهجو فوٽو ڏسندو آهي ان موقعي تي صوبائي اڳواڻ الطاف احمد ملاح،سهيل احمد، عبدالقدوس احمداڻي،زاهد راڄپر ۽ اطلاعات سيڪريٽري مجاهد چنا پڻ موجود هئا.

بقايا 26 افتتاح

ڊاڪٽر شام سندر کي آڏواڻي چيو ته حڪومتِ سنڌ اقليتي برادرين جي مذهبي، ثقافتي ۽ تاريخي ورثي جي تحفظ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي. هن چيو ته جٿي شنڪر مندر جي بحالي سان نه رڳو مندر جي تاريخي حيثيت بحال ٿيندي، پر هندو برادري کي پنهنجي عبادت ڪرڻ ۾ پڻ آساني ٿيندي. هن وڌيڪ چيو ته پ پ پ جي چيئرمين ۽ سنڌ حڪومت جي ويزن تحت صوبي اندر سڀني اقليتي عبادتگاهن جي بهتري، بحالي ۽ تحفظ کي اوليت ڏني پئي وڃي، جيئن مذهبي هم آهنگي ۽ ڀائيچاري کي وڌيڪ هٿي ملي سگهي. ان موقعي تي هندو برادري جي معزز اڳواڻن، علائقي جي معززن ۽ اقليتي کاتي جي عملدارن پڻ شرڪت ڪئي ۽ حڪومتِ سنڌ جي هن قدم کي پڻ ساراهيو.

بقايا 27 ناڻي وارو وزير

ماليات پاليسي تي عمل جاري رکندو ۽ ضروري سطح برقرار رکڻ لاءِ مالي خرچن ۾ واڌ ڪندو. هن چيو ته حڪومت معاشي استحڪام کي يقيني بڻائڻ ۽ ترقي جي رفتار برقرار رکڻ لاءِ مالي خرچن کي مناسب سطح تي رکندو.

بقايا 28 مارجي ويا

دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي آپريشن ڪيو. آپريشن دوران سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي موثر انداز ۾ نشانو بڻايو ۽ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ کانپوءِ 4 خوارجي دهشتگردن کي ماريو ويو. مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار، گولابارود ۽ ڌماڪيدار مواد هٿ آيو جيڪي علائقي ۾ ڪيترن ئي دهشتگرد ڪاروائين ۾ سرگرم هئا. علائقي ۾ موجود ڪنهن ٻي ڀارتي حمايت يافته دهشتگرد جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس ۽ سينيٽائيزيشن آپريشنز جاري آهن. نيشنل ايڪشن پلان تحت وفاقي ايپڪس ڪميٽي جي منظوري سان شروع ڪيل ويزن " عزم استحڪام" تحت سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي بنا فرق جي دهشتگردي جي خاتمي واري مهم پوري رفتار سان جاري رهندي ته جيئن ملڪ مان پرڏيهي پٺڀرائي ۾ ٿيندڙ دهشتگردي جو مڪمل خاتمو ڪري سگهجي.

بقايا 29 84ڄڻا گرفتار

اوڀر نصرالله عباسي ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ جاويد نبي کوسو ڪمشنر ڪراچي کي رپورٽ پيش ڪئي، جنهن موجب ضلع اوڀر مان 37 ۽ ضلع ڏکڻ مان 47 پيشو فقير گرفتار ڪيا ويا آهن. رپورٽ موجب ضلع اوڀر جي سب ڊويزنن فيروزآباد ۽ جمشيد جڏهن ته ضلع ڏکڻ جي سول لائينز ۽ صدر سب ڊويزن ۾ ڪارروائي ڪئي وئي، ضلع اوڀر ۾ ڪارروائي اسسٽنٽ ڪمشنر گلزار هجري عرفان نظاماڻي ڪئي، جڏهن ته ضلع ڏکڻ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سول لائين احمد مرتضيٰ ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر صدر راڻا صوفيان ڪارروائي ڪئي. ڊپٽي ڪمشنرن جي رپورٽن موجب سڀني گرفتار ڪيل پيشو فقيرن کي ٻه بسون ذريعي ايڌي هوم منتقل ڪيو ويو جتي انهن جي بحالي لاءِ گڏيل قدمن تي ڪم ڪيو ويندو. ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي چيو آهي ته شهر جي مصروف چوراهن ۽ مارڪيٽن ۾ پيشو فقيرن جي روڪٿام لاءِ مستقل قدم کنيا وڃن. هن ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته پيشو فقيرن جي پٺڀرائي ڪندڙ عنصرن کي ڳولي قانون جي دائري ۾ آندو وڃي، ڪمشنر ڪراچي وڌيڪ چيو ته پيشو فقيرن جي بحالي لاءِ سوشل ويلفيئر کاتي ۽ غير سرڪاري فلاحي ادارن سان گڏجي اثرائتا قدم کڻڻ ضروري آهن. جڏهن ته ڊپٽي ڪمشنرز کي به بحاليءَ جي عمل کي يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا 30 شروعات جو اعلان

ڏني. هن چيو ته عوام عمران خان سميت سياسي اڳواڻن جي آزادي، ملڪ ۾ آئين جي بالادستي، مهانگائي جي خاتمي ۽ چوري ٿيل عوامي مينڊيٽ جي واپسي لاءِ متحد ٿي جدوجهد ڪن. ميڊيا سان ڳالهائيندي حليم عادل شيخ چيو ته ملڪ ۾ تمام گهڻي ظلم، زيادتي ۽ فسطائيت ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي احتجاج کانسواءِ ڪو به رستو باقي ناهي رهيو هن واضح ڪيو ته اڄ کان سنڌ ڀر ۾ اسٽريٽ موومينٽ جي باقاعده شروعات ڪئي وئي آهي ۽ پارٽي قيادت سڄي سنڌ ۾ عوام وٽ ويندي ته جيئن آئين ۽ قانون جي بالادستي لاءِ ماڻهن کي بيدار ڪيو وڃي. هن چيو ته 8 فيبروري تي عوامي مينڊيٽ چوري ڪيو ويو، جيڪڏهن چونڊون چوري نه ٿين ها ته اڄ ملڪ ۾ آئين ۽ قانون جي بالادستي قائم هجي ها. حليم عادل شيخ چيو ته 8 فيبروري جون چونڊون چوري ڪري غيرقانوني حڪومتون مڙهيون ويون، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ سخت تباهي جو شڪار ٿيو. هن چيو ته جيڪڏهن چونڊن تي ڌاڙو نه هنيو وڃي ها ته اڄ سنڌ جا روڊ رستا تباهه نه هجن ها، ڪچي وارن علائقن ۾ ڌاڙيل راڄ قائم نه هجي ها ۽ سنڌ ۾ 3800 ارب رپين جي رڪارڊ ڪرپشن سامهون نه اچي ها. هن اعلان ڪيو ته 8 فيبروري 2026 تي تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي سڏ تي صوبي ڀر ۾ هڙتال ڪئي ويندي. پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر وڌيڪ چيو ته عمران خان جي حڪم تي سنڌ ڀر ۾ اسٽريٽ موومينٽ شروع ڪئي وئي آهي ۽ جيڪڏهن عمران خان کي ٻيهر وزيراعظم بڻائڻو آهي ته پوري قوم کي گهرن مان نڪري پنهنجي آئيني حقن لاءِ ميدان ۾ اچڻو پوندو.

بقايا 31 وڌيڪ اڏامون رد

سي کان وڌيڪ آهي. برفباري سبب نيو جرسي ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي. نيويارڪ جي گورنر به هنگامي حالتون لاڳو ڪري ڇڏيون آهن.

بقايا 32 ڪامياب

پريس ڪلب ۾ نتيجن جو اعلان ڪيو. نتيجن موجب ڊيموڪريٽس پينل جي فضل جميلي 536 ووٽ حاصل ڪري صدر چونڊجي ويو. جڏهن ته اسلم خان 493 ووٽ حاصل ڪري سيڪريٽري چونڊجي ويو. ارشاد ڪوڪر 480 ووٽ حاصل ڪري نائب صدر، عمران ايوب 622 ووٽ حاصل ڪري خزانچي ۽ فاروق سميع 556 ووٽ حاصل ڪري جوائنٽ سيڪريٽري جي عهدي تي ڪاميابي حاصل ڪئي. گورننگ باڊي جي 7 سيٽن تي عبدالجبار ناصر اختر حسين سومرو، شيما صديقي، فريال عارف، جاويد صبا، سيد فريد عالم ۽ جاويد مهر ڪامياب قرار ڏنا ويا. پولنگ صبح 9 وڳي شروع ٿي ۽ شام 5:30 وڳي تائين بغير ڪنهن وقفي جي جاري رهي. چونڊون دي ڊيموڪريٽس، ڊيموڪريٽ، گرين پينل ۽ آزاد اميدوارن جي وچ ۾ مقابلو هيون. 1369 رجسٽرڊ ميمبرن ۽ ووٽرن مان، 1011 ميمبرن پريس ڪلب جي چونڊن ۾ ووٽ ڏيڻ جو حق استعمال ڪيو. ٻئي پاسي وڏي وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه ڪراچي پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن ۽ گورننگ باڊي کي مبارڪباد ڏني آهي. سنڌ جي وڏي وزير ڪراچي پريس ڪلب جي چونڊن ۾ ڊيموڪريٽڪ پينل جي ڪاميابي تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته هي ڪاميابي صحافتي اتحاد ۽ جمهوري شعور جي عڪاسي آهي. سيد مراد علي شاهه ڊيموڪريٽڪ پينل جي صدر فضل جميلي، نائب صدر ارشاد ڪوڪر، سيڪريٽري محمد اسلم خان، جوائنٽ سيڪريٽري محمد فاروقي ۽ خزانچي عمران ايوب کي خاص طور تي مبارڪباد ڏني ان کان علاوه گورننگ باڊي جي نون چونڊيل ميمبرن عبدالجبار ناصر اختر سومرو، شيما، فريال عارف، جاويد صبا، فارس عالم ۽ جاويد مهر کي به وزير اعليٰ سنڌ مبارڪباد ڏني. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته آزاد ۽ مضبوط صحافت جمهوريت جي بنياد آهي ۽ صحافي سماج ۾ حقيقتن کي پکيڙڻ ۽ جمهوري قدرن کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هن يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت صحافين جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هر ممڪن مدد فراهم ڪندي رهندي. سيد مراد علي شاهه چيو ته ڪراچي پريس ڪلب جي چونڊن نه رڳو جمهوري روايتن کي مضبوط ڪيو آهي پر صحافتي برادري جي اتحاد کي به اجاگر ڪيو آهي. هن اميد ظاهر ڪئي ته نئين چونڊيل ٽيم صحافتي برادري جي اعتماد تي پورو لهندي ۽ انهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ اداري کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪندي. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڊو 2026ع جي ڪراچي پريس ڪلب جي ساليانا چونڊن ۾ ڊيموڪريٽس پينل جي ڪاميابي تي گورننگ باڊي جي نون چونڊيل عهديدارن ۽ ميمبرن کي مبارڪباد ڏني آهي پوليس چيف صدر فضل جميلي، سيڪريٽري اسلم خان، نائب صدر ارشاد ڪوڪر، خزانچي عمران ايوب، جوائنٽ سيڪريٽري فاروق سميع ۽ گورننگ باڊي جي چونڊيل ميمبرن عبدالجبار ناصر، اختر سومرو، شيما صديقي، فريال عارف، جاويد صبا، فريد عالم ۽ جاويد مهر کي انهن جي ڪاميابي تي مبارڪباد ڏني. هن اميد ظاهر ڪئي ته نئين چونڊيل قيادت ڪراچي پوليس ۽ ڪراچي پريس ڪلب جي وچ ۾ صحافتي قدرن ۽ باهمي تعاون جي فروغ کي وڌيڪ مضبوط ڪندي پورهيتن واري صوبائي وزير سعيد غني ڪراچي پريس ڪلب جي ساليانو چونڊن 2026ع ۾ نئين چونڊجي آيل عهديدارن کي دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪئي آهي.

بقايا 33 11ڄڻا فوت

صلاح مشوري واري اتحاد جي حمايت" جي قيادت ڪئي آهي ان جو مقصد يمن جي رياست جي بحالي ۽ انهن جي سموري زمين تي خودمختياري قائم ڪرڻ آهي. هن چيو ته ڏاکڻين صوبن جي آزادي ان رستي ۾ هڪ اهم مرحلو ثابت ٿي. هن واضح ڪيو ته سعودي عرب يمن مسئلي کي هڪ منصفاڻو سياسي مسئلو سمجهي ٿو جنهن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي ۽ نه ئي ان کي ڪجهه شخصيتن تائين محدود ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ئي ان کي تڪرارن ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو

بقايا 34 ڏنڊ مقرر

حالت ۾ مليو هو وارثن پاران رٽائرڊ استاد جي قتل جو ڪيس ٽنڊومستي ٿاڻي تي سنڌس پٽ الطاف حسين چانڊيو جي فرياد تي پنج جوابدارن مٿان داخل ڪيو ويو هو جنهن جي قتل جو فيصلو ٽنڊومستي پرسان ڦوٽڙي چانڊيا اندر چانڊيا برادري جي نيڪ مردن رئيس فاروق احمد چانڊيو ,رئيس عبدالمجيد چانڊيو جي سربراهي هيٺ ٿيو ڌرين پاران پنهنجا بيان رڪارڊ ڪرايا ويا جنهن بعد فيصلو ڪندڙ سرپنچن ٻنهي ڌرين جي مشيرن ۽ نيڪ مردن مولانا غازي حفيظ چانڊيو ,حاجي خان چانڊيو ,رئيس علي بخش چانڊيو رئيس شمن علي چانڊيو ,رئيس عبدالسميع چانڊيو ۽ ٻين متفقه راءِ پاڪ ڪتاب تي اغوا بعد قتل ڪيل رٽائرڊ استاد جي قتل جو ڏنڊ جوابدار ڌر جي اڳواڻ عبدالحفيظ چانڊيو مٿان 50 لک رپيا ڏنڊ مقرر ڪري فتوا جاري ڪئي وئي جنهن بعد ڌريون کير کنڊ ٿي ويون.

بقايا 35 احتجاجي مظاهرو

خلاف احتجاج ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي وڪيل احمد لڪ ۽ ٻين چيو ته اسان پنهنجي ٻنهي ٻاري وارا ماڻهو آهيون اسان کي پنهنجي 150 سئو جريب زرعي زمين آهي اڄ صبح سويل سويوڊيرو پوليس چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي اسان جي گهرن ۾گهڙي ڀڃ ڊاهه ڪئي ۽ روڪ رقم، سونا زيور ،هڪ عدد لائسنس واري بندوق ٻه عدد موبائيل فون ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي وئي آهي ۽ اسان جي عورتن تي تشدد ڪري نوجوان سعيد احمد لڪ کي گرفتار ڪري کڻي وئي آهي اسان جي آئي جي سنڌ ,ڊي آئي جي سڪر ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين وس وارن کي اپيل آهي ته خدارا نوٽيس وٺي هڪ عدد بندوق روڪ رقم سونا زيور ۽ ٻيو قيمتي سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ ايس ايس پي خيرپور آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 36 2ڄڻا زخمي

زخمي ٿي پيا جن کي 1122 ريسڪيو ٽيم زرعي هنگورجا اسپتال منتقل ڪيو جڏهن ته هنگورجا پوليس ٽرالر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي ٽرالر ڊرائيور حادثي واري هنڌ تان فرار ٿي ويو پوليس ٽرالر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي هوڏانهن آخري اطلاع تائين روڊ حادثي جو ڪوبه ڪيس داخل ن ٿي سگهيو

بقايا 37 دعوي

ارادي سان بيٺل آهي پوليس جيئن ئي پهتي ته ڌوهارين پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪئي جنهن بعد پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلو ٿيو مقابلي دوران پوليس هڪ اشتهاري ڌوهاري وسيم راڄپرکي زخمي حالت ۾هٿيارن سميت گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته شاهه حسين ٿاڻي جي ايس ايڇ او عبدالغفارقلپوٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيوته پوليس جو آئيري لڳ ڌوهارين سان مقابلو ٿيو فائرنگ جي ڏي وٺ دوران وسيم راڄپر کي زخمي حالت ۾ هٿيارن سميت گرفتار ڪيو ويو.جڏهن ته گرفتار ٿيل جوابدارپوليس کي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل هو.هن ٻڌايو ته گرفتار ڪيل ڌوهاري جا ٻيا ساٿي فرار ٿي ويا، جن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي.زخمي حالت ۾ گرفتار ڌوهاري کي سول اسپتال داخل ڪيو ويوآهي . هن چيو ته وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهن.

بقايا 38 سازش جو چتاءُ

ڪافي دفعا جيل ڪاٽيا ۽ ڪوڙا به کاڌا، پر افسوس جو مقام آهي ته اڄ هن نظرياتي جيالي کي پ پ جي اقتدار ڌڻين طرفان27 سالن کان مسلسل نظرانداز ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته رفيق جمالي ۽ پير مجيب سميت ڪجهه اڳواڻ پڻ هن کي مسلسل نظرانداز ڪري رهيا آهن.نظير هگورو چيو ته ڏکي وقت ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سنڌس انتهائي اهم ڪردار رهيو جنهن سبب هو ڏيڍ سال کان وڌيڪ عرصو حيدرآباد سينٽرل جيل ۽ ٻين لاڪ اپ ۾ قيد آهي هن وڌيڪ چيو ته اڄ جي پارٽي اڳ وانگي نه رهي آهي، هاڻي ڌيان سوشل ميڊيا تي سرگرم نوجوانن ڏانهن ڏنو وڃي ٿو پ پ جي اقتدار ڌڻي وڏيرا ۽ پوتار رڳو من پسند ماڻهون مٽ مائٽ يار دوست ۽ لاڙٿين ۽ وانن کي نوازي رهيا آهن جيڪا ڳالهه پ پ جا مخالف هيا يا جن جا وڏا ضياء حمايت تحريڪ ۾ هيا انهن ن جيل ڪاٽا ن ڪوڙا اقتدار دوران پ پ ۾ شامل ٿيا ۽ ارب پتي ٿي ويا جن جيل ڪوڙا ڪاٽا اهي پيدل پيا گهمندا وتن هن پ پ قيادت کي نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪئي آهي ٻي صورت ۾ پاڻ سازش جو چتاءُ ڏنو آهي

بقايا 39 مرتضيٰ شاهه

تي عوام جي ڀرپور شرڪت ڪئي اهڙو اظهار پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقي ڪنڊيارو جي صدر سيد غلام مرتضي شاهه ڪارڪنن سان ڳالهائيندي ڪيو سيد غلام مرتضي شاهه چيو ته شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي تي سڄي ملڪ مان عوام ۽ ڪارڪنن ڀرپور شرڪت ڪئي هن چيو ته آصف علي زرداري جي دانشمندانه ۽ مفاهمتي پاليسين سبب ملڪ ۾ جمهوريت قائم آهي پ پ پ چيئرمن بلاول ڀٽو پاڪستان جو روشن مستقبل آهي هن چيو ته ايم پي اي سيد سرفراز حسين شاهه جي قيادت ۾ ڪنڊيارو شهر سميت تڪ ۾ ترقياتي ڪمن جو بنا تفريق سلسلو جاري آهي عوامي خدمت ئي اسان جي سياست جو محور آهي=

بقايا 40 ملهائي وئي

پاڪستان پيپلز پارٽي جي مقامي ۽ سينيئر اڳواڻن محمد صويل ڪانڌڙو اختيار حسين ڪانڌڙو صدام حسين ڪانڌڙو غلام رضا ڪانڌڙو سميت مرحوم جي ٻين وارثن ۽ دوستن پاران ڪيو ويو. ورسي جي موقعي تي قرآن خواني، فاتحه خواني ۽ مجلسِ عزا جو اهتمام ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي نامور عالمن ڪرام، ذاڪرين ۽ نوحه خوانن شرڪت ڪري خطاب ڪيو. مجلس کي خطاب ڪندي عالمن ڪرام چيو ته الله تعاليٰ جي حڪمن، نبي ڪريم ﷺ ۽ اهل بيت عليهم السلام جي تعليمات تي عمل ڪرڻ ۾ ئي ٻنهي جهانن جي ڪاميابي آهي. هنن چيو ته انسانيت، محبت، برداشت، انصاف ۽ خدمت خلق اهي قدر آهن، جن تي عمل ڪري سماج کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو.تقريب دوران مرحوم ارباب علي ڪانڌڙو جي سماجي، سياسي ۽ فلاحي خدمتن کي ساراهيو ويو. مقررين چيو ته مرحوم هميشه غريبن، مسڪينن ۽ ضرورت مندن جي مدد لاءِ اڳڀرو رهندو هو ۽ علائقي جي مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد ڪندو رهيو، جنهن سبب هو اڄ به ماڻهن جي دلين ۾ زندهه آهي.ورسي تقريب جي موقعي تي في سبيل الله خيراتي ڪم، لنگر نياز ۽ مهمانن لاءِ کاڌي پيتي جو وسيع بندوبست پڻ ڪيو ويو. ڳوٺ ليارِي سميت پرپاسي وارن علائقن مان وڏي انگ ۾ ماڻهو سياسي، سماجي ۽ مذهبي شخصيتون ورسي ۾ شريڪ ٿيون ۽ مرحوم جي بلند درجن لاءِ دعا گهري. آخر ۾ ملڪ، سنڌ ۽ علائقي جي امن، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ به خصوصي دعائون گهريون ويون.

بقايا 41 فرار ٿي ويا

حد جي پوليس پهچي وئي ۽ واقعي بابت متاثر خاندان کان تفصيل ورتا. ان سلسلي ۾ متاثر سنجي ڪمار صحافين آڏو داتهيندي چيو ته اسان جي غير موجودگي ۾ اڻڄاتل چور گهر ۾ داخل ٿي اڍائي تولا سونا زيور ۽ ڏيڍ لک رپيا روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن. ايس ايس پي جيڪب آباد واقعي جو نوٽيس وٺي چوري ٿيل رقم ۽ سونا زيور واپس ڪرائي انصاف فراهم ڪري. آخري اطلاعن تائين اهڙي واقعي جو حد جي ٿاڻي تي ڪيس داخل نه ٿي سگهيو هو.

بقايا 42 ٿري فرار

هٿياربندن فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. واقعي کان پوءِ زخمين جا وارث پهچي ويا ۽ زخمين کي ڪٺائي سول اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمين نوجوانن کي طبي امداد ڏني وئي، جڏهن ته نثار احمد جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي وڃي ٿي ان سلسلي ۾ زخمي فوجي لعل الدين جکراڻي صحافين کي ٻڌايو ته اڻڄاتل هٿياربندن ڦرجي ارادي سان اسان مٿان حملو ڪري موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن تي اسان مزاحمت ڪئي ته هئن اسان کي گوليون هڻي زخمي ڪيو ۽ بعد ۾ فرار ٿي ويا. آخري اطلاعن تائين حد کاٻه گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي هئي ۽ نه ئي حد جي ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل ٿي سگهيو هو.

بقايا 43 مظاهرو

موجوده ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي چيئرمين جيڪو سابق ايم پي اي پي ايس اوٽاسين به رهي چڪو آهي سنڌس طرفان عوامي مسئلن کي مسلسل نظرانداز ڪرڻ ناقابل برداشت عمل آهي چيئرمين ايم سي ٻولهاڙي پنهنجي آفيس ۾ ويهڻ لاءِ تيار ناهي ترقياتي ڪم ته پري جي ڳالهه فلٽر پلانٽ مان صفائي به نه ٿو ڪرائي پاڻي جي لائينن جو غير فعال فلٽر پلانٽ بند ڪچري جا ڍير ان ڳالهه جو واضع ثبوت آهي ته چيئرمين ايم سي ٻولهاڙي عوامي مسئلن کي نظرانداز ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجي من پسند ماڻهن جون گهٽيون پڪيون ڪرائڻ سان گڏ سرڪاري سهولتون ڏئي رهيو آهن ڪروڙين رپيا بجيٽ هجڻ باوجود ٻولهاڙي جو عوام بنيادي سهولتن کان محروم آهي هئن وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس ورتو وڃي اهڙي سست چيئرمين جي خلاف ڪو قدم کڻي ان کي پنهنجو فرض ياد ڏياريو وڃي پنهنجن کي نوازڻ بدران عوام جا مسئلا حل ڪيا وڃن نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 44 راشد محمود

مهانگائي جي اصل ذميوار پاڪستان پيپلز پارٽي آهي، جنهن جي ناقص حڪمراني سبب صوبي جي عوام سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهي آهي، راشد محمود سومرو الزام هنيو ته پيپلز پارٽي اقتدار کي برقرار رکڻ لاءِ ڪارونجهر سميت سنڌ جي قدرتي وسيلن تي سمجهوتا ڪيا آهن، جنهن جو سڌو نقصان سنڌ جي عوام کي ٿي رهيو آهي، هن چيو ته سنڌ ۾ 16 لک کان وڌيڪ ٻار تعليم کان محروم آهن، جيڪو حڪومت جي واضح ناڪامي جو ثبوت آهي، جڏهن ته ميرٽ تي ڪامياب اميدوار نوڪرين لاءِ احتجاج ڪرڻ تي مجبور آهن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ امير ۽ غريب لاءِ الڳ الڳ تعليمي نظام رائج آهي، جنهن سبب طبقاتي فرق وڌيڪ وڌي رهيو آهي، هارين جي مسئلن بابت ڳالهائيندي هن چيو ته حڪومت جي هاري دشمن پاليسين سبب ڪڻڪ، چانور ۽ ڪمند جا آبادگار سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن، ڪمند جو سرڪاري اگهه گذريل پنجن سالن کان ساڳيو آهي، جڏهن ته کنڊ جي قيمت هيٺي تي چڪي آهي، راشد محمود سومرو سنڌ جي ڪچي وارن علائقن ۾ بدامني تي به ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته ڌاڙيلن جي راڄ سبب اڃا تائين 400 کان وڌيڪ ماڻهو قيد ۾ آهن، هن الزام لڳايو ته سردار قبيلائي جهيڙا ڪرائي سنڌ ۾ پنهنجي اقتدار کي طول ڏئي رهيا آهن، جڏهن ته عام ماڻهو عدم تحفظ ۽ وڌندڙ مسئلن جو شڪار آهي.

بقايا 45 پائليٽ فوت

ڪئي وئي آهي. جهاز ڪرڻ واري هنڌ ماڻهن جو وڏو انگ موجود هو. تنهن هوندي به ڪو ٻيو جاني نقصان نه ٿيو آهي.

بقايا 46 لاش هٿ آيو

گهرواري آهي ۽ ٻليا مرهام جي رهائشي آهي سنڌس عمر 37 سال هئي ۽ گهريلو عورت هئي واقعي کان پوءِ پوليس موقعي تي پهچي لاش کي قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو. جڏهن ته موت جو سبب معلوم ناهي ٿي سگهيو.

بقايا 47 فوجي زخمي ۽

جون مشقون جاري هيون. اوچتو هڪ ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ 4 فوجي اهلڪار زخمي ٿي پيا. مرزا پور ۽ ٻيهٽ جون پوليس ٽيمون واقعي واري هنڌ پهتيون ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو. هن ٻڌايو ته زخمين مان ٻن فوجين جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي. يوپي ڌماڪي جو واقعو ڀارتي هٿياربند فوج ۾ هٿيارن کي منهن ڏيڻ لاءِ پيشيوراڻي مهارت ۽ تجربي جي فقدان جي عڪاسي ڪري ٿو.

بقايا 48 مرتضيٰ وهاب

مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ڪراچي چڙيا گهر شهر جو قيمتي اثاثو آهي ۽ ان کي بين الاقوامي معيار مطابق جديد، محفوظ ۽ فطرت سان هم آهنگ تفريحي ۽ تعليمي مرڪز بڻائڻ لاءِ عملي قدم کنيا پيا وڃن. هن چيو ته گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڪراچي چڙيا گهر جون اندروني گهٽيون، انڪليوزز ۽ سهولتون زبون حالي جو شڪار هيون، پر هاڻي ٻه ايڪڙ ايراضيءَ تي جديد انڪليوزز تعمير ڪيو ويو آهي، جتي شيهڻين چانڊي ۽ راڻي کي کليل هوا ۾ قدرتي ماحول سان هم آهنگ نموني رکيو ويو آهي. انهن انڪليوزز ۾ جديد بلٽ پروف شيشا لڳايا ويا آهن. جڏهن ته پاڻيءَ ۾ ڪيڏڻ ۽ آرام ڪرڻ لاءِ به خاص انتظام ڪيا ويا آهن. انهن خيالن جو اظهار هن ڪراچي چڙيا گهر ۾ نون انڪليوزن ريپٽائل هائوس ۽ ٻين سهولتن جي افتتاح موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو. ان موقعي تي سٽي ڪائونسل ۾ ڊپٽي پارليامينٽري ليڊر دل محمد ۽ ٻيا ڪائونسل ميمبر به ساڻس گڏ موجود هئا. ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته راڻي ۽ چانڊي انهيءَ ئي چڙيا گهر ۾ پيدا ٿيون آهن. جيڪو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته جانور صحتمند آهن، جو ته غير صحتمند جانور افزائش نسل جي قابل ناهن هوندا. هن چيو ته چڙيا گهر ۾ جانورن جي بهتر خوراڪ، سنڀال ۽ صحت لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ۽ وڌيڪ ويٽرنري ڊاڪٽرن جون خدمتون حاصل ڪيون پيون وڃن، جيئن جانورن جي سار سنڀال عالمي معيار مطابق بڻائي سگهجي. ميئر ڪراچي چيو ته چڙيا گهر جو ريپٽائل هائوس مرمت ۽ سينگار کان پوءِ ٻيهر عوام لاءِ کوليو ويو آهي، جڏهن ته شهرين، خاص طور نوجوانن ۽ سيلفي جو شوق رکندڙ ماڻهن لاءِ هڪ خوبصورت ٽاور پڻ تعمير ڪيو ويو آهي. وزيٽرز جي سهولت لاءِ جديد واڪ وين ويهڻ جا هنڌ ۽ معلوماتي سائن بورڊ لڳايا پيا وڃن، جيئن هي جاءِ فيمليز ۽ شاگردن لاءِ معياري تفريحي ۽ تعليمي مرڪز بڻجي سگهي. هن چيو ته ڪراچي چڙيا گهر ۾ روزانو هزارين ماڻهو خاص طور غريب ۽ وچولي طبقي جا شهري تفريح لاءِ اچن ٿا. داخلا فيس ٻارن لاءِ 30 رپيا ۽ وڏن لاءِ 50 رپيا مقرر ڪئي وئي آهي، ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ آمدني ٻيهر چڙيا گهر جي بهتري تي خرچ ڪئي پئي وڃي. هن واضح ڪيو ته ڪنهن به نئين وڏي جانور جي خريداري جو فيصلو ناهي ڪيو ويو، بلڪ موجوده جانورن جي سنڀال ۽ افزائش تي ڌيان ڏنو پيو وڃي. چڙيا گهر جو ڪجهه به جلد عوام لاءِ کوليو ويندو ته جيئن شفافيت يقيني بڻائي سگهجي. ميئر ڪراچي چيو ته ڪراچي چڙيا گهر بابت منفي پروپيگنڊا ڪيو ويندو آهي، پر جيڪڏهن هتي ڪم نه ڪيو وڃي ته هي جاءِ به قبضي مافيا جي نذر ٿي سگهي ٿي. هن شهرين، ماهرن ۽ فلاحي ادارن کي دعوت ڏني ته جيڪڏهن اهي واقعي بهتري چاهين ٿا ته اڳتي اچن، گڏ ويهي عملي ڪم ڪن، چو ته صرف پريس ڪانفرنسن سان مسئلا حل ناهن ٿيندا. ميدان ۾ لهڻو پوندو. ميئر ڪراچي چيو ته هو تنقيد کان نٿو گهٻرائي، پر تنقيد براءِ تنقيد شهر جي مفاد ۾ ناهي. هن جماعت اسلامي سميت سڀني سياسي جماعتن کي دعوت ڏني ته الزام تراشي ۽ بيانن جي سياست بدران ڪراچي جي بهتري لاءِ عملي تعاون ڪن. هن چيو ته ڪجهه ماڻهن يا گروهن جي خواهشن خاطر ٻه ڪروڙ پنجاهه لک عوام جو نقصان ٿيڻ نه ڏنو ويندو. ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته آواره ڪتن جي مسئلي تي هڪ ڌر ڪتن کي نه مارڻ جو مطالبو ڪري ٿي، جڏهن ته ٻئي پاسي اهي والدين آهن جن جا ٻار ڪتن جي چڪ سبب متاثر ٿين ٿا، تنهن ڪري هن معاملي ۾ وچٿرو ۽ متوازن حل ڪڍڻ ضروري آهي. سنڌ حڪومت ڊاگ لوورز جي درخواست تي ڪتن جي نيوٽرنگ جو فيصلو ڪيو پر اهو اهڙي نموني ڪم نه ڪري سگهيو جيئن سوچيو ويو هئي. آواره ڪتن بابت جيڪو به فيصلو سٽي ڪائونسل ڪندي، ان تي عملدرآمد ڪيو ويندو. ميئر ڪراچي شهرين کان اپيل ڪئي ته شهر کي صاف رکڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ۽ پان، ڇاليا ۽ گٽڪو ٿڪڻ جهڙيون عادتون ڇڏين. هن چيو ته رستن، پارڪن ۽ تفريحي هنڌن تي پان ۽ گٽڪي جي ٿڪ شهر کي نه رڳو بدصورت بڻائي ٿي، پر صفائي تي ڪروڙين رپين جو اضافي بار به وجهي ٿي. ان حوالي سان عوامي آگاهي مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو ويندو. هن چيو ته هي سال ترقياتي منصوبن جو سال آهي ۽ ڪي ايم سي شهر ۾ وڏن منصوبن جي تڪميل لاءِ پرعزم آهي، حب ڪينال، سيوريج ٽريٽمينٽ پلانٽس، ڪيٽل ڪالوني فلاءِ اوور ۽ ٻيا ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا ويندا. ٽائونز جي نااهلي سبب ڪي ايم سي کي گهٽين محلن جا ڪم به پاڻ ڪرڻا پئجي رهيا آهن، پر ان جي باوجود شهر جي بهتري جو سفر جاري رهندو. ميئر ڪراچي چيو ته ڪراچي کي منفي تاثر مان ڪڍي هڪ فعال، صاف ۽ ترقي يافته شهر بڻائڻ ئي سنڌس مشن آهي، ۽ ان لاءِ حڪومت، ادارن ۽ شهرين سڀني کي گڏجي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

بقايا 49 اسڪواڊ جو اعلان

سريلنڪا خلاف ٽي ٽوئنٽي ڪرڪيٽ سيريز لاءِ 15 رڪني اسڪواڊ جو اعلان ڪيو آهي ڪرڪيٽ ٽيم 4 ۽ 5 جنوري 2026ع تي مرحليوار سريلنڪا روانو ٿيندي، سلمان علي آغا سريلنڪا خلاف پاڪستاني ٽيم جي قيادت ڪندو وڪيٽ ڪيپر ۽ بيٽسمين خواجه نافع کي ڀيريون پيرو ٽي ٽوئنٽي اسڪواڊ ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته شاداب خان به ڪلهي جي سرجري کان پوءِ ٽي ٽوئنٽي اسڪواڊ ۾ واپس اچي ويو آهي. پاڪستان ۽ سريلنڪا وچ ۾ 3 ٽي ٽوئنٽي انٽرنيشنل ميچن تي ٻڌل سيريز 7 جنوري، 9 ۽ 11 جنوري تي دمبولا ۾ کيڏي ويندي. ٽي ٽوئنٽي سيريز ورلڊڪپ اسڪواڊ جي چونڊ ۾ مددگار ثابت ٿيندي. اسڪواڊ ۾ سلمان علي آغا، عبدالصمد، ابرار احمد، فهيم اشرف، فخر زمان، خواجه محمد نافع ۽ محمد نواز شامل آهن. محمد سلمان مرزا، محمد وسيم جونيئر، نسيم شاهه، صاحبزاده فرحان، صائم ايوب، شاداب خان، عثمان خان ۽ عثمان طارق به اسڪواڊ ۾ شامل آهن.

ٽنڊوباگو لڳ ڍاڍريا جي بيماري سبب ٻاءِ ٻيڻ فوت، ڳوٺ جا 15 کان وڌيڪ ٻارڙا مرض ۾ مبتلا

ڳوٺ بخشو چانڊيو واسي 15 ورهين جي نورزادي ڌيءَ مصري ۽ ٽن ورهين جو مصري خان فوت ٿي ويا

مصري چانڊيو جي وڌيڪ ٻن نياڻين سميت ڳوٺ جا 15 کان وڌيڪ ٻارڙا موذي مرض ۾ مبتلا ٿي ويا

ڳوٺاڻن روشن چانڊيو، مصري چانڊيو ۽ ٻين پاران صحت کاتي جي اختيارين کان ڳوٺ ۾ ٽيم موڪلڻ جو مطالبو

ٽنڊوباگو (ر) ٽنڊوباگو لڳ ڳوٺ بخشو چانڊيو ۾ ڍاڍريا جي بيماري سبب ٻاءِ ٻيڻ فوت ٿي ويا، ڳوٺ جا 15 کان وڌيڪ ٻارڙا ڍاڍريا جي مرض ۾ مبتلا. ڳوٺاڻن پاران ميڊيڪل ٽيم موڪلڻ جي گهر. خبر موجب

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: ڳوٺ بخشو چانڊيو ۾ ڍاڍريا جي بيماري ۾ مبتلا ٻارڙا

اسڪولنگ سسٽم ۾ 7 اسڪالرشپس لاءِ 450 کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگردياڻين حصو ورتو

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو جي مشهور تعليمي اداري فياض انسٽيٽيوٽ آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي جي طرفان انڊس اسڪولنگ سسٽم ۾ 7 اسڪالرشپس لاءِ اسڪالرشپ پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ 450 کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگردياڻين اسڪالرشپ ٽيسٽ ۾ ڀرپور حصو ورتو موقعي تي پروفيسر عبدالستار

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ گمبٽ واسين جو بااثر ۽ پوليس جي ظلم خلاف احتجاجي مظاهرو

الله بخش ڪالوني واسي محمد صديق اڄڻ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

جڳهه جي مالڪي تان تڪرار تان بااثرن نوجوان کي اغوا ڪري تشدد ڪيو آهي، انصاف ڪيو وڃي

خيرپور (ذ ر) خيرپور جي گمبٽ ٿاڻي جي حد الله بخش ڪالوني جي رهواسي محمد صديق اڄڻ پاران برادري جي ماڻهن سان گڏجي بااثر ۽ پوليس جي ظلم خلاف احتجاجي مظاهرو اعلي اختيارين کان انصاف جو مطالبو مظاهري جي اڳواڻي معاثر نوجوان محمد صديق، حنيف الله محمد

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

جمعيت علماءِ ظاهريہ ضلعي ڪشمور جو چونڊ اجلاس، مولانا محمد عالم اوڳاهي کي صدر چونڊيو ويو

ڪنڌڪوٽ (ذ ر) جمعيت علماءِ ظاهريہ ضلعي ڪشمور جو سالياڻو چونڊ اجلاس ڪنڌڪوٽ ۾ جامع مسجد فيضان مصطفيٰ ۾ منعقد ٿيو اجلاس جي شروعات مولانا رياض حسين ظاهري جي تلاوت قرآن پاڪ سان ٿي مولانا محمد صديق ظاهري ۽ مولانا منظور احمد شيخ ظاهري نعت شريف پيش ڪئي ضلعي جنرل سيڪريٽري مولانا سائين بخش ملڪ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ شهر ۾ گيس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر خلاف احتجاج

رهواسين حزب الله ميراڻي، عبدالمالڪ چاچڙ، عبدالغفار چاچڙ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر سبب سخت پريشان آهيون، نوٽيس وٺي پريشاني ختم ڪرائي وڃي

ڪنڌڪوٽ (ن ع) ڪنڌڪوٽ شهر ۾ گيس جي اڻ اعلانيه لوڊشيڊنگ ۽ گهٽ پريشر هجڻ بعد شهري سخت پريشان موسم سرد شروع ٿيڻ بعد شهر ۾ روزانو غير اعلانيہ ڪيترائي ڪلاڪ روز گيس جي بندش هجڻ ڪري رڌ پچاءُ ۽ گهرو زندگي سخت متاثر ٿيڻ لڳي ڪنڌڪوٽ سوئي گيس انتظاميا

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري پاران شيخ اياز جو ڪردار عنوان هيٺ ويهڪ

تقريب ۾ تاج جويو، عزيز ڪنڀر، ڊاڪٽر فياض لطيف ۽ ليکڪ ۽ اديبن جي شرڪت

شيخ اياز پنهنجي شاعري ذريعي سنڌي ٻولي کي عروج تي پهچايو: مقرر

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ جي ناميارن اديبن ۽ ليکڪن چيو آهي ته شيخ اياز پنهنجي شاعري ذريعي سنڌي ٻولي کي عروج تي پهچايو هن رڳو شاعري نہ ڪئي پر ٻولي ۾ نوان لفظ بہ تخليق ڪيا. اهڙو اظهار سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري پاران سنڌي ٻولي کي سکيو ۽ سڌايو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس جي بروقت ڪارروائي، چوري ٿيل 8 مينهون هٿ ڪري ورتيون

چور گهر مان مينهون چوري ڪري نڪتا تہ اطلاع تي پهچي پيڇو ڪيو: پوليس

ڪيٽي موريو وٽ مقابلي دوران چور مينهون ڇڏي فرار ٿي ويا، ٻن چورن کي حراست ۾ ورتو آهي

خيرپور (ذ ر) خيرپور پوليس جي بروقت ۽ اهم ڪارروائي، چوري ٿيل 08 مينهون هٿ ڪري ورتيون جڏهن تہ ٻن شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن تہ ڊي ايس پي اڳوا ۽ ايس ايڇ او ٿاڻو لانڊيون ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ مينهن جي چوري جو اطلاع مليو هو تہ پوليس ٿڌي تي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ پاران شيخ اياز جي ورسي تقريب منعقد، شاگردن شيخ اياز جا بيت ٻڌائي ڪين پيٽا ڏني

ٽنڊو محمد خان (ذ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ طرفان شيخ اياز جي ورسي جي موقعي تي پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن شيخ اياز جا بيت ٻڌائي ڪين پيٽا ڏني ، ان موقعي تي سجاڳ ٻار تحريڪ ٽنڊو محمد خان جي اڳواڻ دانش ڪمان اعظم پرهياڻ ساگر ڪمار، عوامي تحريڪ جي اڳواڻ هاشم لغاري چيو تہ اسان کي اهڙا پروگرام هر

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٻاڍهه ۾ پرائمري استاد جون آءِ ڊي بلاڪ ۽ پگهارون بند ڪرڻ خلاف مظاهرو

شهرين هٽن ۾ بيهر ڪٿي متاثر استاد اعجاز علي موريو سان گڏجي احتجاج ڪيو

استاد جي بلاڪ ٿيل آءِ ڊيز فوري طور بحال ڪري ٻارهن سالن جون پگهارون ڏنيون وڃن: مطالبو

ٻاڍهه (ن ع) ٻاڍهه جي رهواسي پرائمري استاد اعجاز علي موريو سان گڏ ٻارهن سالن کان جاري ناانصافي آءِ ڊي بلاڪ ۽ پگهارون بند ڪرڻ خلاف ڪاڻون هال اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ شهرين هٽن ۾ بينر کڻي "استاد دشمن پاليسيون نامنظور" "تعليم بچايو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ٻاڍهه: استاد جي آءِ ڊي ۽ پگهارون بند ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

گهوٽ الطاف چيچ ساڻ ڪري رستم شهر کان جيڪب آباد ڪنوارين ڏانهن نڪاح وڃي رهيو هو تہ واقعو پيش آيو

شڪارپور گهوٽ الطاف چيچ سان ڪار ۽ ويگن تي سوار ٿي رستم شهر کان جيڪب آباد ڪنوارين ڏانهن نڪاح جي سلسلي ۾ وڃي رهيا هئا تہ افسوس ناڪ واقعو پيش آيو

گوادر جي سمنڊ ۾ بلوم جي موجودگي جي باوجود ڊولفن جي هڪ گروپ ۾ گڏ ڏٺو ويو

گوادر (م ڊ) گوادر جي ويجهو سمنڊ ۾ نوڪتيلوڪا جي ڦل سبب پاڻي جي سائي ٿيڻ جي باوجود، ڊولفن جو هڪ گروپ گڏ ڏٺو ويو جنهن کي ماهرن هڪ مثبت نشاني قرار ڏنو ذريعن موجب، ڦل جي باوجود مڇين جي سرڻ جي ڪا بہ رپورٽ نہ ملي جنهن مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ هي ڦل زهر نہ آهي ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان موجب، نوڪتيلوڪا ڦل هڪ قدرتي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ميانمار ۾ ڪيترن ئي ورهين جي گهرو ويڙهه ڪانپوءِ فوجي نگراني ۾ چونڊون

نيپيدا (م ڊ) ميانمار ۾ ڪيترن ئي سالن جي گهرو ويڙهه ڪانپوءِ فوجي نگراني ۾ چونڊون ٿي رهيون آهن ڏکڻ اوڀر ايشيائي ملڪ ميانمار ۾ سخت شرطن تحت ۽ فوج جي نگراني ۾ آهي چونڊون اهڙي وقت ۾ ٿي رهيون آهن جڏهن فوجي حڪمران ملڪ ۾ جمهوريت جي بحالي جي تہ ڳالهہ ڪري رهيا آهن پر ماضي جي سويلين حڪمران آنگ سان سوچي اڄ بہ جيل ۾

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ايف بي آر پاران شگرملن جي مانيٽرنگ ڊيوٽي تان غير حاضر رهندڙ 6 اهلڪار معطل

اسلام آباد (اي پي پي) فيڊرل بورڊ آف ريونيو شگرملن ۾ مقرر ڪيل مانيٽرنگ ڊيوٽي تان بنا اجازت غير حاضر رهندڙ 6 اهلڪارن خلاف محڪماتي ڪارروائي ڪندي کين فوري طور تي معطل ڪري ڇڏيو آهي جاري پڌرائي مطابق اهي قدم فرضن ۾ غفلت خلاف ايف بي آر جي زيرو ٽالرنس پاليسي جو حصو آهي جاٿايل اهلڪارن کي سيلز ٽيڪس ايڪٽ،

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سينيئر وزير شرجيل ميمڻ پاران ڪراچي پريس ڪلب جي چونڊن ۾ ڪاميابي تي ڊيموڪريٽس پينل کي واڌايون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ پاران ڪراچي پريس ڪلب جي سالياني چونڊن ۾ ڪاميابي تي ڊيموڪريٽس پينل کي واڌايون ڏنيون آهن هن نئين چونڊيل صدر فاضل جميلي، جنرل سيڪريٽري اسلم خان ۽ باڊي جي سڀني ميمبرن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو جاري ڪيل بيان ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ اظهار جي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

جده ايئرپورٽ تي پي آءِ اي جون ٻہ ايئرهوسٽس وڙهي پيون، وڊيو وائرل

ايئرپورٽ تي ٻن فضائي ميزبانن ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ ڪانپوءِ هاٿاپائي ٿي

پي آءِ اي انتظاميا نوٽيس وٺندي ٻنهي ايئرهوسٽس کي معطل ڪري ڇڏيو

رياض (م ڊ) جده ايئرپورٽ تي پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائين جي ٻن فضائي ميزبانن جي وچ ۾ سخت جملن جي ڏي وٺ کان پوءِ هاٿاپائي جو واقعو پيش آيو جنهن تي پي آءِ اي انتظاميا ٻنهي ايئرهوسٽس کي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ۾ سياٽي کان سياري جي ڀرپور وسڪاري جي اڳڪٿي

اڳاري کان اربع جي وچ ۾ اولهہ هوائن جو سسٽم اثرانداز ٿي سگهي ٿو: اختياريون

30 ڊسمبر تي ڪراچي ۾ سياري جي ڀرپور برسات جو امڪان آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) موسميات کاتي ڪراچي ۾ سياري جي ڀرپور وسڪاري جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي موسميات کاتي موجب اڱاري کان اربع جي وچ ۾ اولهہ هوائن جو سسٽم اثرانداز ٿي سگهي ٿو موسميات کاتي ٻڌايو تہ 30 ڊسمبر تي ڪراچي ۾ سياري جي ڀرپور برسات جو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: پريس ڪلب جي سالياني چونڊن ۾ ڪامياب ٿيل عهديدارن جو گروپ فوٽو

ڪراچي ۾ پينو فقيرن خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون، 84 ڄڻا گرفتار

ضلعي انتظاميا مختلف علائقن مان گرفتار ڪيل فقيرن کي ايڌي هوم حوالي ڪيو

پينو فقيرن جي پٺڀرائي ڪندڙ عنصرن کي گولي قانون جي دائري ۾ آندو وڃي: ڪمشنر

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ پيشہ ور پينو فقيرن خلاف وڏي پيماني تي ڪريڪ ڊائون ڪيو ويو آهي ڪمشنر ڪراچي سيد حسن نقوي جي هدايتن تي ضلعي انتظاميہ ڪارروائي ڪندي مختلف علائقن مان 84 پيشہ ور پينو فقير گرفتار ڪري انهن کي ايڌي هوم حوالي ڪيو آهي. ڊپٽي ڪمشنر

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

تحريڪ انصاف پاران سڄي سنڌ ۾ اسٽريٽ موومينٽ جي باضابطہ شروعات جو اعلان

حليم عادل شيخ پارٽي اڳواڻن سان گڏ ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پمفليٽ ورهايا

ملڪ ۾ تمام گهڻو ظلم، زيادتي ٿي چڪي آهي ۽ هاڻ احتجاج ڪانسواءِ ٻيو رستو ناهي رهيو: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ عمران خان جي هدايتن تي سڄي سنڌ ۾ اسٽريٽ موومينٽ جي باضابطہ شروعات جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ حليم عادل شيخ پارٽي اڳواڻن سان گڏ ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پمفليٽ ورهايا ۽ شهرين سان ملاقاتون ڪري کين پرامن عوامي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

آمريڪا جي اتر اوڀر رياستن ۾ شديد برفاني طوفان، 1500 کان وڌيڪ اڏامون رد

روڊ رستن تي ڪيترائي انچ برف جا تہ جمي ويا آهن ۽

برفباري سبب نيو جرسي ۾ ايمرجنسي ۽ نيويارڪ ۾ بہ هنگامي حالتون لاڳو ڪيون ويون

نيويارڪ (م ڊ) آمريڪا جي اتر اوڀر رياستن ۽ گريٽ ليڪس جي علائقن ۾ شديد برفاني طوفان سبب 1500 کان وڌيڪ اڏامون رد ڪيون ويون آهن جڏهن تہ رستن تي ڪيترائي انچ برف جا تہ جمي ويا آهن ۽ زندگي جو نظام سخت متاثر ٿيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب نيويارڪ سٽي جي سينٽرل پارڪ ۾ 4.3 انچ برف رڪارڊ ڪئي وئي، جيڪا جنوري 2022ع کان پوءِ

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڪراچي پريس ڪلب جي سالياني چونڊ، ڊيموڪريٽس پينل 18 هون ڀيرو ڪامياب

صبح 9 وڳي کان شام 5:30 وڳي تائين ٿيل پولنگ ۾ ميمبرن وڏي انگ ۾ حصو ورتو

ڊيموڪريٽس پينل جو صدر فضل جميلي، اسلم خان، ارشاد ڪوڪر عمران ايوب ۽ فاروق سميع ڪامياب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پريس ڪلب جي سالياني چونڊن 2026 ۾ ڊيموڪريٽس پينل مسلسل 18 هين ڀيرو ڪلين سوئيپ ڪيو آهي ڪالهہ ڇنڇر تي صبح 9 وڳي کان شام 5:30 وڳي تائين ٿيل پولنگ تمام گهڻي جوش ۽ جذبي سان ٿي پريس ڪلب جي ميمبرن جي وڏي انگ چونڊ عمل ۾ حصو ورتو اليڪشن ڪميٽي جي سربراهه ڊاڪٽر توصيف احمد خان ڪراچي

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

لاهور: هڪ اخباري هاڪر نئين سال جا ڪيلينڊر وڪرو ڪري رهيو آهي

لاهور: پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر ملڪ محمد احمد خان ڪنووڪيشن کي خطاب ڪندي

ٺٽنگر پارڪر ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف 33 هين ڏينهن بہ بک هڙتال جاري

ڪارونجهر سجاڳ فورم جي اڳواڻن الهرڪيو ڪوسو ۽ ٻين احتجاج جاري رکيو

سنڌ بار ميمبر ايمل خان ڪاسي ڪيمپ تي پهچي ٽيم سميت يڪجهتي جو اظهار ڪيو

ننگرپارڪر (ن ع) ڪارونجهر جي ڪٽائي نامنظور ڪارونجهر سجاڳ فورم جي اڳواڻن الهرڪيو ڪوسو غلام مصطفيٰ دل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 33 هين ڏينهن بہ بک هڙتال ڪري احتجاج ڪيو ويو احتجاجي ڪيمپ تي سپريم ڪورٽ جي وڪيل ۽ سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر ايمل خان

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪڙيو گهنور لڳ چوراٽي جي چڪي جا تالا ٽوڙي لکين رپين جو سامان ڀڃي ويا

نوتڪاٽي اسٽاپ تي چورن سيٺ آلو ڪولهي جي اٽي جي چڪي جا تالا ٽوڙيا

چور 80 هزار روڪ، اٽ ڀوروڻ ٻاڙ ۽ قيمتي سامان کڻي ويا آهن انصاف ڪيو وڃي: متاثر

ڪڙيو گهنور (ن ع) ڪڙيو گهنور ٿاڻي جي حد ۾ راهوڪي ويجهو نوتڪاٽي اسٽاپ تي حيدرآباد گولاڙچي مين روڊ تي قائم سيٺ آلو ڪولهي جي اٽي جي چڪي ۾ رات دير سان مبينہ طور نامعلوم چورن چوري ڪري آسائي سان فرار ٿي ويا جڏهن پاڳين جي مطابق نامعلوم

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ قومي راڳي سرمد سنڌي جي 27هين ورسي ملهائي وئي، ڀيٽا پيش

جسقم تعلقي پاران بهار ڪالوني اسٽاپ جي مک چوڪ تي تقريب منعقد ڪئي وئي

اڳواڻن سرمد سنڌي کي سنڌ سان لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪئي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) جسقم تعلقہ ڪوٽڙي صنعان خان گروپ پاران سنڌ جي اڙدي پٽ سنڌ جو فخر سنڌ جو قومي راڳي سرمد سنڌي جي 27هين ورسي عقيدت ۽ احترام سان ڪوٽڙي بهار ڪالوني اسٽاپ جي اهم چوراهي تي هر سال جيان هن سال بہ وڏي ڌام ڌوم جوش ۽ جذبي سان جذبي

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڪنڊياري : مرحوم ممتاز علي مگسي جي جنازي نماز پڙهي پئي وڃي، ٻئي طرف آخري ديدار

اوٻاوڙو ۾ ايڪسائز پوليس پاران پڪڙيل گاڏين کي باهہ، لکين رپين جو نقصان

پرائيويٽ پلاٽ تي بيٺل منشيات ڪيسن ۾ پڪڙيل گاڏين کي اوچتو باهہ، رڪرڙيو

ايڪسائز عملي گاڏين مان قيمتي سامان ڪڍي ثبوت لڪائڻ لاءِ هٿ سان باهہ ڏني آهي: چوڌول

اوٻاوڙو (ن ع) اوٻاوڙو جي ملڪ ڪالوني ۾ پرائيويٽ پلاٽ ۾ ڪيترن ئي سالن کان ايڪسائيز پوليس پاران منشيات ڪيسن ۾ پڪڙيل مختلف قسمن جي گاڏين لاءِ استعمال ٿيندو رهيو آهي گاڏيون مختلف ڪيسن ۾ عدالتن جي ملڪيت (ڪورٽ پراپرٽي) طور بيٺل هيون جن جي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

نصيرآباد ۾ عوامي ورڪرز پارٽي پاران ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سوشلسٽ اسڪول منعقد

مختلف علائقن کان آيل اديبن دانشورن معاشي ماهرن ۽ تجزيا نگارن شرڪت ڪئي

اسان کي موجوده حالتن ۾ ٽيڪنالاجي ۽ شهرن سان پاڻ کي ڳنڍيندو پوندو: اڳواڻ

نصيرآباد (ن ع) نصيرآباد ۾ عوامي ورڪرز پارٽي پاران نائون ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي سوشلسٽ اسڪول منعقد ڪيو ويو سوشلسٽ اسڪول ۾ مختلف علائقن کان آيل اديبن دانشورن معاشي ماهرن ۽ تجزيا نگارن شرڪت ڪئي سوشلسٽ اسڪول واري پروگرام ۾ مختلف 6 موضوعن تي مقررين خطاب ڪيو جن ۾ ناليواري دانشور نصير ميمڻ سنڌ جو آبي ۽ معاشي آئيندو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ٻاڍهه شهر کي تعلقي جو درجو ملي نہ سگهيو، احتجاجي تحريڪ جاري، مظاهرو

تعلقي موومينٽ 336 هين هفتي بہ ميڊيا هائوس کان ٽائون هال تائين ريلي ڪڍي وئي

حڪمرانن اعلانن کي ست سالن کان عمل نہ ٿيڻ سياسي دوکي جو کليل ثبوت آهي: اڳواڻ

ٻاڍهه (ن ع) ڏيڍ لک کان وڌيڪ آبادي رکندڙ 14 وارڊن تي مشتمل لاڙڪاڻي ضلعي جو ٻيون نمبر وڏو ۽ تاريخي شهر ٻاڍهه حڪمرانن جي بي حسي بي واجبي ۽ مسلسل ٺڳين خلاف باهہ ٻڌجي ويو آهي پيپلز پارٽي جي مرڪزي ٽوڙي مقامي قيادت پاران ٻاڍهه کي تعلقي جو درجو ڏيڻ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٻاڍهہ: تعلقي موومينٽ پاران هفتيوار احتجاج جي سلسلي ۾ ٿيل مظاهري جو ڏيک

حيدرآباد پريس ڪلب جي سالياني چونڊ 2026ع لاءِ پولنگ اڄ ٿيندي

چونڊ لاءِ پولنگ صبح جو 10 وڳي کان شام 6 وڳي تائين جاري رهندي

ڊيموڪريٽڪ جرنلسٽس ۽ عقيل ابراهيم گروپ جو مقابلو جرنلسٽس ورڪرز پينل سان ٿيندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد پريس ڪلب جي سالياني چونڊ 2026ع لاءِ پولنگ اڄ ٿيندي چونڊ لاءِ پولنگ صبح جو 10 وڳي کان شام 6 وڳي تائين جاري رهندي. ڊيموڪريٽڪ جرنلسٽس گروپ ۽ عقيل ابراهيم گروپ جي گڏيل اميدوارن جي پينل جو مقابلو جرنلسٽس

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

نئون ڪوٽ لڳ هٿياربند نوجوان کي موٽرسائيڪل ۽ رقم ڦري ويا، وارثن جو ڌرڻو

پراڻ جي پل پرسان هٿياربندن خميسو چانڊيو کان موٽرسائيڪل ۽ سامان ڦري ويا

وارثن روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو، پوليس ڏوهارين جي گرفتاري جي خاطري ڪرائي احتجاج ختم ڪرايو

نئون ڪوٽ (ن ع) ڪلوئي پوليس جي حد قديمي ڏورو پراڻ جي پل پرسان نامعلوم هٿياربندن ڳوٺ ريندڙ نوجوان خميسو چانڊيو کان هٿيارن جي زور تي نيون سي ڊي 2025 موٽر سائيڪل 75 هزار روڪ رقم هڪ موبائل فون ڦر ڪري با آسائي سان فرار ٿي ويا موٽرسائيڪل ڦر واقعي خلاف

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

نئون ڪوٽ: موٽرسائيڪل ڦر واقعي خلاف ڳوٺاڻن پاران روڊ بلاڪ ڪري هنيل ڌرڻو

جماعت اسلامي پاران ڀرين جنوري کان سنڌ ۾ عوامي رابطا مهم جو اعلان

بدلايو نظام کي سنواريو سنڌ کي جي نعري هيٺ سکر ۽ ميرپورخاص ۾ جلسا ڪيا ويندا

پيپلزپارٽيءَ جي 17سالا دور اقتدار ۾ ڪرپشن ۽ ڏاڙيل راڄ سنڌ جي سڃاڻپ بڻجي وئي آهي: اڳواڻ

ڪراچي/حيدرآباد (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي بدلايو نظام کي سنواريو سنڌ کي جي نعري هيٺ ايندڙ جنوري کان سموري سنڌ ۾ وڏي پيماني تي عوامي رابطي مهم جو اعلان ڪري ڇڏيو سکر ۽ ميرپورخاص ۾ بدلايو نظام جلسه عام ڪيا ويندا. مرڪزي امير حافظ نعيم

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

يمن جا سمورا ڏڙا حڪمت عملي کي ترجيح ڏيندي ڇڪتاڻ جو خاتمو ڪن. سعودي عرب

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي دفاع واري وزير شهزاده خالد بن سلمان چيو آهي، تہ يمن جا سمورا ڌڙا حڪمت عملي کي ترجيح ڏيندي ڇڪتاڻ جو خاتمو ڪن پرڏيهي ميڊيا موجب سعودي عرب جي دفاع واري وزير شهزاده خالد بن سلمان پنهنجي ايڪس اڪائونٽ تي "يمن ۾ اسان جي ساٿين جي نالي" جي عنوان سان هڪ پيغام ۾ ان ڳالهہ تي زور ڏيو تہ سعودي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ جڳ شنڪر مندر جي بحالي ۽ نئين سر مرمت واري منصوبي جو افتتاح

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ جي وڏي وزير جي اقليتي معاملن بابت خاص مددگار ڊاڪٽر شام سندر کي اڏواڻي ڪالهہ شهر ۾ واقع تاريخي جڳ شنڪر مندر مسان روڊ لاڙڪاڻي جي بحالي ۽ نئين سر مرمت واري منصوبي جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سيءَ ۾ واڌ کانپوءِ گرم ڪمبل بس ذريعي ٻين شهرن ڏانهن موڪليا پيا وڃن

چين ايندڙ سال بہ وڌيڪ فعال ماليات پاليسي تي عمل جاري رکندو: ناڻي وارو وزير

ايندڙ نئين سال 2026ع ۾ ضروري سطح برقرار رکڻ لاءِ مالي خرچن ۾ واڌ ڪئي ويندي

معاشي استحڪام کي يقيني بڻائڻ ۽ ترقي جي رفتار برقرار رکڻ لاءِ مالي خرچ کي مناسب رکيو ويندو

بيجنگ (اي پي پي) چين جي ناڻي واري وزير لان فو آن چيو آهي، تہ چين 2026ع ۾ پنهنجي سالي خرچن ۾ واڌ ڪندو پرڏيهي ميڊيا موجب گذريل ڏينهن منعقد ٿيل قومي مالياتي معاملن واري ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چين جي ناڻي واري وزير چيو تہ چين ايندڙ سال بہ وڌيڪ فعال

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

برازيل جي اتر اوڀر رياست باهيا ۾ روڊ حادثو 11 ڄڻا فوت

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي دفاع واري وزير شهزاده خالد بن سلمان چيو آهي، تہ يمن جا سمورا ڌڙا حڪمت عملي کي ترجيح ڏيندي ڇڪتاڻ جو خاتمو ڪن پرڏيهي ميڊيا موجب سعودي عرب جي دفاع واري وزير شهزاده خالد بن سلمان پنهنجي ايڪس اڪائونٽ تي "يمن ۾ اسان جي ساٿين جي نالي" جي عنوان سان هڪ پيغام ۾ ان ڳالهہ تي زور ڏيو تہ سعودي عرب يمن جي عالمي سطح تي تسليم ٿيل حڪومت جي درخواست تي "آپريشن فيصلائتو طوفان" (عاصمہ الحزم) ۽ آپريشن بحالي اميد" (اعاده الامل) ذريعي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

قلات ۾ فتنہ الهندستان خلاف ڪامياب آپريشن، 4 دهشتگرد مارجي ويا

فتنہ الهندستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي آپريشن ٿيو

علائقي ۾ موجود دهشتگردن جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس ۽ سينيٽائيزيشن آپريشن جاري

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز قلات ۾ فتنہ الهندستان خلاف گڏيل اطلاع جي بنياد تي آپريشن دوران ڀارتي پراڪسي جا 4 دهشتگرد ماري ڇڏيا ڪالهہ اءِ ايس پي آر موجب 27 ڊسمبر تي سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي قلات ۾ فتنہ الهندستان سان تعلق رکندڙ

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ چانڊيا برادري ۾ هلندڙ خوني تڪرار جو نبيرو، 50 لک رپيا ڏنڊ مقرر

ٽنڊومستي پرسان ٽي سال اڳ رٽائرڊ استاد ربنواز چانڊيو کي هٿياربندن اغوا بعد قتل ڪري لاش پاڻيءَ ۾ ڦٽو ڪيو ويو هو

تڪرار جو نبيرو چانڊيا برادري جي نيڪ مردن رئيس فاروق احمد چانڊيو، رئيس عبدالمجيد چانڊيو جي سرپنچي هيٺ ٿيو

عبدالحفيظ چانڊيو مٿان ڏوهہ ثابت ٿيڻ تي 50 لک رپيا ڏنڊ مقرر ڪري ڌرين کي ڪير ڪنڌ ڪيو ويو

خيرپور (ذ ر) ٽنڊومستي پرسان ٽي سال اڳ رٽائرڊ استاد ربنواز چانڊيو عرف رين چانڊيو کي نامعلوم هٿياربندن اغوا بعد قتل ڪري لاش پاڻيءَ جي تلاءَ ۾ ڦٽو ڪيو ويو هو جنهن جو لاش وارث کي 20 ڏينهن بعد ڳريل

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

سڳيون ۾ ڳوٺاڻن جو پوليس جي ناجائزين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ پيروز لڪ واسين وڪيل لڪ، هادي بخش لڪ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سڳيون ۽ سوڀوديرو پوليس گهرن تي چڙهائي ڪري روڪ رقم ۽ سامان ڦري وئي آهي: مظاهرين

سڳيون (ن ع) سڳيون پرسان ڪچي واري علائقي ڳوٺ پيروز لڪ جي رهواسين وڪيل احمد لڪ، هادي بخش لڪ، لياقت علي لڪ، محمد علي لڪ، پنهل لڪ، شڪيل احمد لڪ، قاصد علي لڪ، پير بخش لڪ، گلزار علي لڪ ۽ ٻين جو سڳيون ۽ سوڀوديرو پوليس جي ناجائزين

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سڳيون: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

هنگورجا قومي شاهراهہ تي تيز رفتار ٽرالر جي چنگچي رڪشا کي ٽڪر 2 ڄڻا زخمي

هنگورجا (ن ع) هنگورجا قومي شاهراهہ تي درگاهہ حسن ڪجاٽي سامهون تيز رفتار ٽرالر ۽ چنگچي رڪشا ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڏيپارجا واسي چنگچي رڪشا ۾ سوار علي محمد ٻرڙي ۽ معصوم نينگري ظهيران ٻرڙي شديد

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران مقابلي بعد ڏوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور (ذ ر) خيرپور پوليس ۽ ڏوهارين ۾ مقابلو هڪ زخمي حالت ۾ هٿيارن سميت گرفتار ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب شاهہ حسين پوليس کي اطلاع مليو تہ ڏوهارين جو هڪ ٽولو ڏوهہ جي ارادي سان پيرجو ڳوٺ خيرپور روڊ تي آڪيريءَ لڳ ڏوهہ جي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

راڌڻ جي جيالي پاران نظرانداز ڪرڻ خلاف پاڻ ساڙڻ جو چتاءُ

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ويجهو ڦلجي اسٽيشن جو رهواسي سينيئر جيالو نظير هنگورو ختمِ احتجاج ڪبڊي چيو آهي تہ هن سموري عمر پ پ پ کي ارپي آهي ۽ هن آمراڻي دور ۾ جنرل ضياء الحق جي مارشل لا خلاف تحريڪون هلائيون جنهن سبب هن

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

پاڪستان پيپلزپارٽي جون جمهوريت ۽ ملڪ لاءِ سڀ کان وڌيڪ قربانيون آهن: سيد غلام مرتضيٰ شاهہ

ڪنڊيارو (ن ع) عوام پي پي پي سان گڏ آهي پاڪستان پيپلزپارٽي جون جمهوريت ۽ ملڪ لاءِ سڀ کان وڌيڪ قربانيون آهن شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي ورسي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد مان چور سونا زيور ۽ ڏيڍ لک رپيا روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا

ڏنگر محلا واسي سنجي ڪمار جي گهران چور اڍائي تولا سونا زيور ۽ ڏيڍ لک ۽ سامان کڻي ويا

اطلاع تي واپاري اڳواڻن مير احمد علي بروهي، لالچند سيٺلاڻي ٻين پهچي تفصيل وٺي انصاف جو مطالبو ڪيو

جيڪب آباد (ذ ر) جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي جي حد ڏنگر محلا ۾ واقع سنجي ڪمار جي گهران اڻڄاتل چور اڍائي تولا سونا زيور ۽ ڏيڍ لک رپيا روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا، اطلاع تي انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي هندو جنرل پنچائت جي صدر لالچند سيٺلاڻي سميت

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ويجهو هٿياربند ٻن نوجوانن کي زخمي ڪري موٽرسائيڪل ڦري فرار

بقا محمد ٿاڻي جي حد مان هٿياربندن نثار ۽ فوجي اهلڪار لعل الدين جکراڻي ڦر ڪوشش ڪئي

مزاحمت تي هٿياربندن ٻنهي ڄڻن کي گوليون هڻي زخمي ڪري فرار، واقعي جو ڪيس داخل نہ ٿي سگهيو

جيڪب آباد (ذ ر) جيڪب آباد جي بقا محمد ٿاڻي جي حد ۾ ڦورن پاران نثار احمد جکراڻي کان موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربندن فائرنگ ڪري ٻن نوجوانن فوجي اهلڪار لعل الدين جکراڻي ۽ نثار احمد جکراڻي کي گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو جنهن بعد

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ عوامي مسئلن کي نظرانداز ڪرڻ خلاف رهواسين جو مظاهرو

ميونسپل ٻولهاڙي جي چيئرمين خلاف ظفر ڪابورو شهباز ميمڻ نواز ملاح ۽ ٻين احتجاج ڪيو

چيئرمين اٽيس ڄ ٽڪر ڪيو، ڪروڙن جي بجيٽ باوجود عوام سهولتن کان محروم آهي: اڳواڻ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ جي چيئرمين ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي طرفان عوامي مسئلن کي نظرانداز ڪرڻ خلاف رهواسين ظفر ڪابورو شهباز ميمڻ نواز ملاح ۽ ٻين طرفان بند پيل فلٽر پلانٽ جي اڳيان سخت احتجاجي مظاهرو نعريبازي ان موقعي تي ڳالهائيندي اڳواڻن چيو تہ

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڏيجي لڳ سماجي اڳواڻ راڀاپ علي ڪانڊرو جي ورسي انتهائي عقيدت سان ملهائي وئي

خيرپور (ذ ر) خيرپور ضلعي جي تعلقي ڪوٽڏيجي جي تاريخي ڳوٺ ليارين ۾ معزز سماجي سياسي ۽ قبائلي اڳواڻ مرحوم ارباب علي ڪانڊرو جي ورسي انتهائي عقيدت احترام ۽ مذهبي جذبي سان ملهائي وئي ورسي تقريب جو اهتمام

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

سنڌ ۾ وڌندڙ ڪرپشن ۽ مهانگائي جي اصل ذميوار پاڪستان پيپلز پارٽي آهي: راشد محمود سومرو

پيپلز پارٽي اقتدار کي برقرار رکڻ لاءِ ڪارونجهر سميت سنڌ جي قدرتي وسيلن تي سمجهوتا ڪيا آهن

ڌاڙيلن جي راڄ سبب 400 کان وڌيڪ ماڻهو قيد ۾ آهن، سردار قبيلائي جهيڙا ڪرائي اقتدار کي ڊول ڏئي رهيا آهن

ناقص حڪمراني سبب صوبي جي عوام سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهي آهي: دادو ۾ جلسي کي خطاب

دادو (رپورٽ- ولي محمد لنڊ) جمعيت علماءِ اسلام (ف) سنڌ جي جنرل سيڪريٽري راشد محمود سومرو دارالفيوض مدرسي دادو ۾ ٿيل عوامي جلسي کي خطاب ڪندي چيو آهي تہ سنڌ ۾ وڌندڙ ڪرپشن ۽

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

دادو: جي يو آءِ اڳواڻ راشد محمود سومرو جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي چڙيا گهر کي بين الاقوامي طرز تي جديد ۽ محفوظ بڻائڻ لاءِ نئون ڪمون پيا: مرتضيٰ وهاب

زبون حال ٿيل گهٽين کي ٻہ ايڪڙ ايراضيءَ تي جديد انڪلوزرز تعمير ڪيو ويو آهي

ٻن شيهڻين چانڊي ۽ راڻي کي کليل هوا ۾ قدرتي ماحول سان هم آهنگ نمونو رکيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 5

پي سي بي پاران سريلنڪا خلاف ٽي ٽوئنٽي ڪرڪيٽ سيريز لاءِ 15 رڪني اسڪواڊ جو اعلان

سلمان علي آغا پاڪستاني ٽيم جي قيادت ڪندو ٽيم 4 ۽ 5 جنوري تي سريلنڪا روانو ٿيندي

وڪيٽ ڪيپر ۽ بيٽسمين خواجہ نافع پهرين ڀيرو ٽي ٽوئنٽي اسڪواڊ ۾ شامل شاداب خان بہ واپس اچي ويو

لاهور (اي پي پي) پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: شيخ اياز جي ورسي تقريب ۾ اڳواڻ شريڪ آهن

برازيل جي ساموندي ڪناري ويجهو الٽرا لائيٽ جهاز ڪري تباهہ، پائليٽ فوت

ريودي (اي پي پي) برازيل جي شهر ريودي جنيرو ۾ مشهور ڪوپاڪا بانا بيچ ويجهو سمنڊ ۾ الٽرا لائيٽ جهاز ڪري تباهہ ٿي ويو جنهن جي نتيجي ۾ پائليٽ فوت ٿي ويو آهي، پائليٽ جو لاش پاڻي مان هٿ آيو آهي، جڏهن تہ سنڌس سڃاڻپ اڃا تائين ظاهر ناهي ڪئي وئي واقعي جي جاچ لاءِ لاڳاپيل اختيارين پاران ٽيم روانو

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

والاريل جمون ڪشمير ۾ پراسرار نموني فوت ٿيل عورت جو لاش هٿ آيو

سرينگر (اي پي پي) غير قانوني طور پارت جي قبضي هيٺ جمون ۽ ڪشمير ۾ اسلام آباد ضلعي جي علائقي سرهامہ بجبهاڙه ۾ پراسرار نموني فوت ٿيل هڪ عورت جو پنهنجي رهائشگاهہ مان لاش هٿ آيو آهي ڪشمير ميڊيا سروس مطابق عورت جي سڃاڻپ شيراز بانو جي نالي سان ٿي آهي جيڪا عبدالحميد ڪمار جي

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

ڀارتي رياست اتر پرديش ۾ فائرنگ جي مشقن دوران ڌماڪو، 4 فوجي زخمي

لکنئو (اي پي پي) ڀارتي رياست اتر پرديش ۾ پوليس جو چوڻ آهي تہ ٻدڪالا فائرنگ رينج ۾ هڪ ڌماڪي ۾ 4 فوجي زخمي ٿي پيا ڪشمير ميڊيا سروس مطابق سپرنٽينڊنٽ آف پوليس ساگر جين صحافين کي ٻڌايو تہ اهو واقعو ڇنڇر جي شام ان وقت پيش آيو جڏهن فائرنگ جون معمول

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

سوئم / دعا

ہمارے پیارے والد
مرحوم منظور علی اعوان

سندھ کے ممتاز سول سرونٹ ، جو سندھ حکومت میں اے سی/ایس ڈی ایم سکھر، شہدادکوٹ، لاڑکانہ، خیرپور، ڈپٹی کمشنر/ڈی ایم خیرپور، ڈائریکٹر (ایڈمن) ایکسائز اینڈ ٹیکسیشن ڈیپارٹمنٹ، ممبر سی ایم آئی ٹی اور کنسلٹنٹ صوبائی محتسب کے عہدوں پر فرائض سرانجام دیتے رہے، 27 دسمبر 2025 کو اپنے خالق حقیقی سے جا ملے۔

Location for Gents: Monday 29th December, 2025 at Sindh Government Officers Club Bath Island, Karachi.

Location for Females: Monday 29th December, 2025 at Bridge View Apartments/3 APT 803, Frere, Clifton, Karachi

TIME: ASR TO MAGHRIB

Saeed Ahmed Awan: 03002103790
Zafar Khoso: 03003821800
Muhammad Ali Awan: +971504698291
Dr. Mohsin Ali Awan: 03152431161
Moazam Ali Awan: 03313936225

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.